پٽر تي ليڪو

(ڪھاڻيون)

نجم عباسي

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

سنڌسلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (232) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪهاڻين جو هي ڪتاب ”**پٽر تي ليڪو**“ ناميارِي ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار نجم عباسيءَ جي چونڊ ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هي ڪتاب 1973ع ۾ زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد پاران ڇپايو ويو.

سنڌيءَ ۾ اهڙي طرز جي لکندڙن ۾ اسان جو نامور اديب، ڊاڪٽر نجم عباسي، هڪ نمايان جڳهه والاري ٿو. پاڻ پاءُ صديءَ کان وٺي افسانا لکندو رهي ٿو، جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي پڙهندڙن کان تحسين حاصل ڪري چڪا آهن. انهن جو هڪ مجموعو ”طوفان جي تمنا“ شايع ٿي چڪو آهي، ۽ هي ”پٽر تي ليڪو“ ٻيو مجموعو آهي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساڄاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

فهرست

- بابي سائين حاجي الهه آندي خان
- منهنجو ٻيو ڪتاب
- مهاڳ

- قدمن چمڻ لاءِ
- پٽ تي ليکو
- چوٽڪاري جي واٽ
- قلب اندر ڪعبو
- پيٽ، دل ۽ پيار
- سنڌي ساهرا
- اڌ ۾ چڌيل ڪهاڻي
- جمن موچيءَ جي شادي
- توکي مُرڪندو ڏسان
- يارهن ٽڪيون
- امين گل
- ضدي
- ڪهاڻيءَ جي تلاش
- جُٽ
- پيرَ جو لوڻ
- طوفان ۽ ڏيو
- پوت
- ڪرامت
- ڪراچيءَ جا ميزبان
- نہ گهر جو نہ گهاٽ جو

بابي سائين حاجي الھ آندي خان

جي ياد ۾

جنهن جو تعليم سان عشق هو؛
جنهن ماستريءَ جهڙي معمولي پگهار واريءَ نوڪريءَ هوندي، پاڻ ٻکون ڪاٽي ٻه، ستن پٽن ۽ ڌيئنين کي اوچي تعليم ڏياري، جن مان اڄ هڪ فوج ۾ ڪرنل آهي، هڪ ميجر آهي، هڪ ڊاڪٽر آهي، هڪ آفيس سپريٽينڊنٽ آهي، هڪ سروير آهي ۽ ٻه ماستر آهن؛

جنهن جي اڻٿڪ ڪوشش ڪري، اسان جي ڳوٺ خانواهڻ ۾ انگريزي اسڪول جو پايو پيو، ۽ جو اڄ هاءِ اسڪول آهي.

جنهن پاڙي وارن ۽ ڳوٺ وارن کي گهٽيءَ کان گهٽيءَ تعليم حاصل ڪرڻ تي همٿايو، ۽ پاڻ ماستر جي حيثيت ۾ پوري محنت، محبت ۽ ايمانداريءَ سان شاگردن کي تعليم جي زيور سان مالا مال ڪيو.

جنهن، منهنجي هن ڪتاب ۾ ڏنل ڪهاڻي "ڪرامت" جي آخري پئرا پاڻ لکي، تعليم جي 'ڪرامت' کي چوڏهينءَ جي چنڊ جيان چٽو ڪيو.

ـ نجم عباسي

منهنجو ٻيو ڪتاب

منهنجي هن ٻئي ڪتاب ۾ ٻه ڪهاڻيون آهن. مان اهڙين ڪهاڻين لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان جي سمجهڻ ۾ سوليون هجن ۽ جن ۾ دلچسپيءَ جي زنجير ڪٽي به نه ٽٽي.

نئينءَ ڪهاڻيءَ جا موضوع ٽين ٽا: عام ماڻهن جي زندگي، سماج جون ريتون رسمون، ديس وارن جا مسئلا، غريبن ۽ مسڪينن جا احساس ۽ امنگ، مظلومن جون آهون ۽ دانهون، ظالمن ۽ پرمارن جون عام خلق تي ڏاڍايون ۽ عقوبتون ۽ ٻيا.

انڪري، جهڙيءَ طرح تاريخ بادشاهن، سلطانن، راجائن، حاڪمن، خليفن ۽ نبين جي ذڪر جو دستاويز هوندي آهي، اهڙيءَ طرح ڪهاڻي ان دور جي ”عوامي تاريخ“ آهي. بادشاهن ۽ حاڪمن جي تاريخ لکڻ ۾ گهڻو ڪري پاسخاطريءَ، خوشامد، وڏاءَ ۽ تعصب کان ڪم ورتو ويندو آهي؛ پر عوامي تاريخ (ڪهاڻيءَ) ۾ حقيقي حالتون درج ڪيون وڃن ٿيون.

مثال طور، انگريز وقت ۾، هتي جي هاڪوڪن وزيرن، گورنرن، حاڪمن ۽ سياسي اڳواڻن جي حالتن ڄاڻڻ لاءِ ماڻهن کي ”سنڌ جي تاريخ“ پڙهڻي پوندي، پر هنن کي اڄوڪن عام سنڌين جي احساسن، جذبن، سماجي حالتون ۽ ذهني سوچ جي صحيح تصوير فقط اڄڪلهه جي ”ڪهاڻين“ ۾ ئي ملي سگهندي.

مون به ”عوامي تاريخ“ لکڻ ۾ حصو ٻئي ورتو آهي.

مون کي پنهنجي اڳئين ڪتاب مان آزمودو ٿيو آهي ته سنڌيءَ جا نقاد اديب تمام ٿورا آهن؛ ۽ جي آهن، سي مصلحتن، مجبورين يا ٻين سببن ڪري، ڪتاب جي اپياس تي محنت ڪري، ليکڪ ۽ ٻين اديبن ۽ عام پڙهندڙن جي رهنمائي ڪرڻ لاءِ وقت نٿا ڪڍن.

انڪري منهنجو هر پڙهندڙ کي عرض آهي ته هو هن ڪتاب پڙهڻ بعد، پنهنجي ويچارن کان مون کي واقف ڪري. ان لاءِ مان پنهنجو پورو سرمانو هيٺ درج ڪري رهيو آهيان.

نجم عباسي

سرنامو

گاڏي ڪاتو، حيدرآباد، سنڌ.

مهاڳ
(محمد عثمان ڏيپلائي)

”ادب“ ڇا آهي؟ لغوي معنيٰ ڪٿي ڪهڙي به هجي، پر عملي طرح ادب چئبو آهي، اهڙن موزون لفظن کي جي نثر يا نظم ۾، نهايت سهڻي انداز سان، پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي دل ۾ اها ڳالهه چڱيءَ طرح وهارين، جا هن کي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ گهربل آهي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته اهڙي قسم جي اديبن ۽ شاعرن جي هڪ فقري يا هڪ شعر ڪيترن شخصن ۽ قومن جي زندگي بدلائي ڇڏي هوندي.

سنڌيءَ ۾ اهڙي طرز جي لکندڙن ۾ اسان جو نامور اديب، ڊاڪٽر نجم عباسي، به هڪ نمايان جڳهه وارو آهي. اهو صديءَ کان وٺي افسانا لکندو رهي ٿو، جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجي پڙهندڙن کان تحسين حاصل ڪري چڪا آهن. انهن جو هڪ مجموعو ”طوفان جي تمنا“ شايع ٿي چڪو آهي، ۽ هي ”پٽ تي ليڪو“ ٻيو مجموعو آهي.

هن مجموعي ۾ جيڪي افسانا ڏنل آهن، تن کي موضوع جي لحاظ کان هيٺين قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

هڪڙا، مڪار ۽ چالاڪ مرشدن جي خوب قلعي کولين ٿا، ۽ اهو منهنجو به هڪ سڀ کان اهم ۽ محبوب موضوع آهي، ڇو ته منهنجي خيال موجب دنيا ۾ اڄ تائين مڪار ۽ چالاڪ مرشدن جهڙي خطرناڪ ڪا به ٻي مخلوق پيدا نه ٿي آهي. زهري جيتن ۽ خونخوار جانورن کان ته ماڻهو پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهي جو هو انهن کي پڪ سان خطرناڪ سمجهي ٿو، پر مرشدن جي طبقي طرفان اهڙو ته مڪاريءَ جو چار پکڙيل هوندو آهي، جو دل ۽ دماغ کي انهيءَ حد تائين مفلوج ڪري ڇڏي ٿو، جو ماڻهو از خود وڃي ٿو سندن ڄار ۾ ڦاسي، ۽ سندن براين کي به اندروني طرح چڱائي سمجهي ٿو، ۽ هنن طرفان جيڪو سندن مال، اولاد ۽ عزت تي ڌاڙو لڳندو رهي ٿو، ان کي به پنهنجي سياڳائي سمجهي ٿو، بلڪ ڪڏهن ته اهو به باور ڪرڻ لڳي ٿو ته اها ظاهر ۾ يلي ڪٿي بدڪاري هجي، پر باطن ۾ چڱائي هوندي.

هن مجموعي ۾ نجم صاحب جا اهڙا جيڪي افسانا آيل آهن، تن مان هڪڙو آهي ”قدمن چمڻ لاءِ“ هن ۾ هڪ مجاور يا خليفو، اول ته اها دعوا ڪري ٿو ته هن شهر ۾ ٻوڏ جو پاڻي بلڪل نه ايندو، ڇو ته هن شهر ۾ سندس مرشد جو روضو آهي. پر پوءِ جڏهن شهر ٻڏي ويو ۽ اها وسوڙل خلق وڏين مصيبتن ۾ مبتلا ٿي ويئي، جنهن کي مرشد طرفان بچاءَ جو يقين مليل هو، تڏهن وري خليفو صاحب ماڻهن کي الٽو اها ڪرامت ڪري ٻڌائڻ لڳو ته درياءَ بادشاهه وعدو ڪيو هو ته آءٌ ڪڏهن نه ڪڏهن مرشد سڳوري جا قدم ضرور چمندس! ۽ وسوڙل وري به انهيءَ چڪمي ۾ اچي ويا!

ٻيو افسانو ”پير جو لوڻ“ انهن احمقن جو آهي، جي مرشد جي پڙهيل لوڻ ۾ بنهه امرت ڏارا وارو اثر سمجهندا هئا، ۽ اهو هر مرض ۾ استعمال ڪندا هئا. پوءِ ڪي معمولي مرض از خود دفع ٿيندا هئا. نيٺ ان ڪي نانگ جي ڏنگ لاءِ بہ ترياق سمجهي ٻئي علاج کان غافل رهيا ۽ نتيجو ڏنائون.

ٽيون افسانو ”ڪرامت“ انهيءَ شخص جي احوال بابت آهي، جنهن جون اکيون ڪاليجي شاگرد جي سمجهائڻ تي کلي پيون هيون، ۽ هن ڪي خوب سمجهائڻ بعد آخر اهو دڙڪو بہ ڏنو تہ تنهنجي ٽجوڙي تنهنجو خزانو اسان جي حڪم تي ڳهي ويندي. هو ان دڙڪي جي اصليت کي سمجهي سجاڳ رهيو ۽ آخر مرشد جو موڪليل ڌاڙيل گرفتار ڪري، مرشد جا خوب پول کولي وڌائين.

چوٿون افسانو ”ڀوت“ اگرچ مرشدن بابت تہ ناهي، پر ان وهم جو پوريءَ ريت پول کولي ٿو تہ ڪيئن ماڻهو قبرن وارن کي ڀوت سمجهي پريشان ٿين ٿا.

ڊاڪٽر صاحب جي افسانن جو ٻيو موضوع آهي، انهن ننگ مهاجرن جو، جي اسلام جو نالو وٺي، وڃي اڀوجهہ بنگالين تي ڪڙڪيا، سندن دولت طرح طرح رستن سان سميٽي، سندن ڪارخانا، زمينون، جايون، نوڪريون وغيره پنهنجي قبضي ۾ ڪري، هنن لاءِ رڳي غربت وڃي ڇڏي هائون، ۽ ان ڪانپوءِ تہ ڪانئن حڪومت ڪرڻ جا حق بہ ڪسي پئي ورتائون. پوءِ جڏهن بنگالين جو رت ٽهڪيو، تڏهن هنن بہ ڪهڙي طرح بدلا ورتا. ڊاڪٽر صاحب جا ٻہ افسانا ”پٽ تي ليڪو“ ۽ ”نہ گهر جو نہ گهاٽ جو“ ۾ انهن واقعن جي اثرائتي تصوير، نهايت قابليت سان چٽي آهي.

ٽيون افسانو ”سنڌي ساهرا“ وري اهڙن ننگ مهاجرن طرفان، اڀوجهہ سنڌين کي ڦاسائڻ جو آهي.

ڊاڪٽر صاحب جو ٽيون موضوع آهي قوميت. انهن مان هڪڙي ڪهاڻي آهي ”پٽ تي ليڪو“، جنهن ۾ بنا ڪنهن شڪ شبهي اهو ثابت ڪيو ويو آهي تہ انسانن جي باهمي رشتي جو ازلي بنياد آهي، ساڳي زبان، طن، سڀيتا ۽ تاريخ جو هجڻ. ٻي ڪهاڻي آهي ”ڪراچيءَ جا ميزبان“. هيءَ ڪهاڻي فقط سنڌ جو سچو درد رکندڙ ئي لکي سگهي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جي افسانن جو چوٿون موضوع آهي غلط ديندراي. هن سلسلي جو هڪ افسانو آهي ”چوٽڪاري جي واٽ“ جنهن ۾ هڪ شخص پنهنجي بدڪار دوست جي اوچتي موت تي اگرچ پريشان ٿي پنهنجي نهايت ذليل بدڪارين کي پشيمان ٿي ڳڻي ٿو، پر پوءِ يڪدم ان جو علاج اهو ئي سوچي ٿو تہ ڪهڙي پرواهہ آهي، مون وٽ گهڻئي پيسا آهن، هن سال ڪٽي حج تي ويندس ۽ پاڪ ٿي ايندس، اهڙي ذهنيت ڪيئن نہ انسانن کي بدڪارين تي اپاري ٿي، ان جو صحيح نظارو هن افساني ۾ ملاحظو ڪري سگهجي ٿو.

پر ٻيو افسانو "قلب اندر ڪعبو" اهو تاثر ڇڏي ٿو ته حج ڪان ٻه وڏيڪ عبادت آهي، انسان ذات جا ڏک گهٽائڻ جون ڪوششون ڪرڻ.

انهيءَ موضوع جو ٽيون افسانو آهي "امين گل" جنهن ۾ هڪ ٻچڙيوال پرديسي پورهيت کي ملان صاحب سخت بيماريءَ جي حالت ۾ به روزي پڄڻ ڪان روڪي، سندس معصومن ڪان ابو ڪسين ٿا، ۽ پاڻ موجن سان مزيدار طعام هڙپ ڪندا رهن ٿا.

انهن موضوعن ڪان سواءِ، باقي رهيل افسانن مان هر ڪو ڪو نه ڪو تاثر ڇڏي ٿو.

هڪ افسانو آهي "پيٽ، دل ۽ پيار" جنهن ۾ ان رواج جو پُر تاثر نتيجو ڏيکاريل آهي ته جيڪي شخص ڏيءُ ڄمڻ ڪان به اڳ "پيٽ" کي لکي ڏين ٿا، ان جو آخري نتيجو کهڙو ٿو نڪري.

"اڌ ۾ ڇڏيل ڪهاڻي" اگرچ اڌوري آهي، پر دل جي گهراين جو، دل جي گهراين ۾ مڪمل تاثر ڇڏي ٿي.

"جمن موچيءَ جي شادي" اهو نهايت دکدائڪ تاثر ڇڏي ٿي ته غريب کي جنسي خواهش جي مجبوري آخر ڪٿي ٿي وڃي پهچائي، اهو نتيجو در اصل ان جو آهي جو هڪڙا ته تونگريءَ جي زور تي ڪنئين زالون هٽ ڪن ته ٻين کي ڪجهه به نٿو ملي.

"توکي مرڪندو ڏسان" جي آکاڻي ان مرڪندڙ مکڙيءَ جي زندگي تي پيش ڪري، جنهن کي سندس بيدرد چاچو ڪنهن ٻڍي موالي‌ءَ کي ٿو وڪڻي. هوءَ هر ڪنهن هڪجيڏي وٽ موهيندڙ مرڪ تي پکيڙي، آخرهڪ تونگر جي چڪمي ۾ اچي، پوڙهي ڪان جند ڇڏائڻ لاءِ ڀڄي ٿي. هو به سندس واس وٺي، ڪيس نٽڪو ڪري ڇڏي ٿو، پوءِ اگرچ هوءَ وڏي شهر ۾ لاچار تي پاڻ وڪڻڻ شروع ڪري ٿي، ته به ٻڍي مواليءَ وٽ وڃڻ لاءِ تيار ڪانهي.

افسانو "يارهن ٽڪيون" هڪ محبت ڀري عورت جي جوش رقابت عرف زناني غيرت جو واهه جو نظارو پيش ڪري ٿو، ۽ ان عام اعتقاد کي پرزا ڪري ٿو ڇڏي ته غيرتمند رڳو مرد آهي، جو زال جو ٻئي سان پيار سهي نٿو سگهي، باقي عورت انهيءَ تي ڪا به غيرت ڪا نه ٿي ڪري ته سندس مڙس گهڻيون شاديون ڪري.

افسانو "ضدي" زال مڙس جي عجيب ضدن جي مزيدار تصوير پيش ڪري ٿو، پڙهندڙ کي تفريح جو سامان پيدا ڪري ٿو ڏئي.

"ڪهاڻي جي تلاش" ان وڏيرڪي ظلم ۽ ستم جو پورونقشو پيش ڪري ٿو، جو اسان جي ٻهراڙيءَ جي غريبن تي بري طرح ڇانيل آهي، ۽ ملن طرفان وري ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش تي ڪفر جون فتوائون لڳنديون آهن.

”جڻ“ وارو افسانو ڏاڍو لطف ڏيندڙ آهي، جو عورتن جي زندگيءَ بابت هڪ ڪلائيندڙ ۽ پُرتاثر نظارو پيش ڪري ٿو، ۽ ”طوفان ۽ ڏيو“ وري عورتن جي نفسيات جو ٻيو مزيدار نظارو.

ان طرح ڊاڪٽر صاحب جا سڀ افسانا اهڙيءَ طرح سان لکيل آهن جو عبرت جي سامان سان گڏ لطف سان ڀريپور آهن ۽ نهايت سلوڻيءَ سنڌيءَ ۾ آهن.

بلاشبهہ هھڙا مجموعا سنڌي ادب کي مالدار بنائين ٿا، ۽ پنهنجن سان گڏ غيرن وٽ بہ فخر سان پيش ڪرڻ لائق آهن. سيڪڙات اديب هھڙن ئي صاحب طرز اديبن جي ٻاريل ادبي شمع کان روشني وٺي اڳتي هلن ٿا، ۽ اهي اديب، جن جو ادب اڪثر بي مقصد ٿئي ٿو، سي بہ هھڙا مجموعا پڙهي، پاڻ کي ڪجھ نہ ڪجھ بدلائڻ لڳن ٿا.

ڏيپلائي

حيدرآباد سنڌ

۲۲ – جنوري 1973ع

قدمن چمڻ لاءِ

★

گهوگهٽ ڪندي، شور مچائيندي، لڏندي لمندي، لانچ هلي رهي هئي. پاڻيءَ ۾ سمنڊ واريون چوليون هيون. رڳو ڏگهن وڻن جون چوٽيون، پاڻيءَ جي مٿاڇري ڪان مٿي بينل هيون. ڪن ڪن وڻن جي ٽارين تي جدا جدا رنگن وارا نانگ نظر تي آيا. پري ڪان مڪليءَ جا قبا ڏسڻ ۾ اچي رهيا هئا.

منهنجي ذهن ۾ هڪڙا خيال تي آيا، ٻيا تي ويا. مون کي فقير الهه ورايو ياد اچي ويو. هو ڪٿي ۽ ڪهڙي حال ۾ هوندو؟ مون کي خبر هئي ته جنهن پير جو هو مجاور هو، تنهن جو مقبرو پاڻيءَ هيٺ اچي ويو هو.

فقير الهه ورايو نهايت نهنو ۽ خوش طبع انسان هو. ننڍي وڏي سان نوڙت سان پيش ايندو هو، ۽ غريب غربي جي وت آهر خدمت ڪندو هو. جو نئون ماڻهو، پير جي مزار جي زيارت ڪرڻ ايندو هو، ان کي هو مقبرو گهمائيندي، پير صاحب جي تاريخ، شجرو ۽ هن جون ڪيل ڪرامتون ٻڌائيندو هو. هن جو گهڻو وقت خدا جي ذڪر فڪر ۾ گذرندو هو. پير جي مريدن ۽ زيارتين وٽان هن کي نذرانا، خير خيرات ۽ لٽو ڪپڙو پيو ملندو هو، جنهن مان هن جو ۽ هن جي ڪٽنب جو ڪشادو گذر تي ويندو هو. ٻارهين مهيني پير جو عرس ٿيندو هو. ان موقعي تي فقير کي هزارن جا نذرانا ۽ تحفا ملندا هئا.

هو ان ڏينهن مون وٽ دوا وٺڻ آيو هو، جنهن رات بچاءُ بند ڀڳو هو، پر پاڻي اڃا نئي ڪان گهڻو پري هو. ٻه چار ڄڻا ٻيا ٻه موجود هئا. ٻوڏ جي باري ۾ گفتگو پئي ٿي.

هن چيو ”پاڻيءَ کي طاقت ئي ناهي، جو نئي ۾ پير پائي سگهي. هي پيرن فقيرن جو آستانو آهي. هتي سائين .... گهوٽ جو روضو آهي. منهنجي عمر سٺ سال آهي. ڪڏهن ڪڏهن بند ڀڳو ضرور آهي، پر نئي ۾ پاڻي ڪڏهن نه گهڙيو آهي. هي لڏ پلاڻ ڪرڻ وارا ماڻهو احمق آهن، هنن ۾ ايمان ڪونهي، خدا تي ڀروسو ڪونهي. جي هتي ٻوڏ آئي ته پوءِ نعوذباالله اسان جو مرشد ڪوڙو!“

هن جي ڳالهائڻ ۾ خود اعتمادي ۽ اطمينان جي جهلڪ هئي.

پاڻي ته ان رات ئي نئي جي گهٽين ۽ گهرن ۾ گهڙي آيو. مون کي ٻه سخت ڪم ڪرڻو پيو. هينئر ٻه لانچ ۾ بگهاڙ تي پناهه وٺندڙن کي طبي امداد ڏئي، واپس مڪليءَ وڃي رهيا هئاسين. لانچ ۾ ڏهه ٻارهن ڄڻا هئا: ڊاڪٽر، ڪمپائونڊر، پٽيوالا ۽ نيويءَ جا ماڻهو. ڳالهه ٻولهه جو موضوع اٿل هئي:

پٽرتي ليڪو: نجم عباسي

”هتي ڪيترا نہ پير فقير آهن، پر اهي بہ هن مصيبت کي روڪي نہ سگهيا.“ هڪڙي چيو.

”هي سڀ اسان جي ڪرتوتن جو نتيجو آهي. ماڻهن جو آخرت ۾ اعتبار نہ رهيو آهي، خدا ۾ ايمان نہ رهيو آهي ۽ پيرن اوليائن کي ڇڏي ڏنو اٿن“ ٻئي چيو.

”دوست، اسان جي بدڪاري ۽ گناهن ڪري ٻوڏ تہ اچي نٿي سگهي، البت انجنيري وارن جي بد انتظامي ۽ بيپرواهي ان لاءِ جوابدار ٿي سگهن ٿيون.“ ٻهرين مرڪي جواب ڏنو.

ٽئين چيو ” اها خدا جي سچن ٻانهن ۽ ولين جي ڀلائي آهي، جو نٽي جو گهڻو حصو بچي ويو.“

ٻهرين وري چيو ” انهن ڳالهين جو مدار فطرت جي قانونن تي آهي. پاڻي پنهنجي ليول مطابق جتي پهچي سگهيو ٿي، اتي ويو آهي. جيڪي جايون متي دڙي تي هيون، اهي بچي ويون. هيناهين وارين جڳهين کي پاڻيءَ ٻوڙي ڇڏيو. ايئن ڪو نہ آهي تہ بدڪارن جا گهر ٻڏي ويا، ۽ ٻين جي جاين کان پاڻي پاسو ڪري ويو. هيناهينءَ وارا مقبرا، مسجدون ۽ مندر بہ بچي ڪو نہ سگهيا.“

چوٿين چيو ”شهر ۾ تہ هيءَ ڳالهہ پئي هلي تہ هڪ الله لوڪ بزرگ، نٽي ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ ڏسي، جامع مسجد ۾ دعا گهري تہ مولا، نٽي کي ايترو پاڻي ڏي، جو شهر بہ درياهہ ٿي وڃي. ان ڪري ئي هي سيلاب آيو.“

مڪليءَ تي پهتاسون تہ معلوم ٿيو تہ جن سيلاب جي ستايلن، قبن اندر وڃي ٻارن ۽ زالن سميت اجهو ورتو هو، تن کي اتان ڪڍيو پيو وڃي؛ ڇو تہ ان نموني قبرن جي بيحرمتي پئي ٿي.

چوڌاري ماڻهو ئي ماڻهو ٿي نظر آيا. ٻوڏ ڪري ماڻهن کي سخت مصيبتن سان مقابلو ڪرڻو پيو هو.

شروع ۾، جڏهن بند ٽٽڻ جي خبر آئي، تڏهن هراس ۾ ماڻهو گهر ۾ مال ڦٽو ڪري وٺي ڀڳا، ان گهٻراهٽ جو فائدو وٺي، لچن ۽ لفنگن خوب ڦر لٽ ڪئي. ٻهراڙيءَ وارن کي اوچتو اچي پاڻيءَ گهيرو ڪيو، جنهن ڪري هو فقط جانيون بچائي، مشڪل سان ٻاهر نڪتا. گهر جو سمورو سامان سڙو، ڍور ڍڳا ۽ فصل پاڻيءَ جو ٻَڪُ ٿي ويا. ڪن کي پنهنجيءَ حياتيءَ تان بہ هٿ ڌوئڻا پيا.

مڪليءَ تي پهتا. ڪيسا خالي، رهيو کهيو ڪٺي ڪو نہ سگهيا، ڏنڊا ڏاڙي بند، اُپت ڪو نہ رڳو ڪپت. بہ مڪيہ مسئلا هئا، هڪ اجهو، ٻيو اٽو. بارش بہ پئي پئي. مڇر بي انت هئا. ڪن وڃي مقبرن ۾ متو لڪايو هو، ڪن جهوپڙيون جوڙيون هيون، ۽ ٻيا وري

کليل ميدان تي مينهن ۾ مڇرن جو مقابلو ڪندي، بيمارين جو شڪار بڻجي رهيا هئا. پردي نشين عورتن واسطي تہ هر معاملو ڪنن هو. سڀ حيران ۽ پريشان هئا.

اَن ڪو نہ مليو، يا مليو ٿي تہ تمام مهانگو. ڪاڏي پيتي جون ٻيون شيون بہ اڻ لڀ. دال بصر ملڻ بہ مشڪل. آمريڪي ڪير ۽ گيهہ وٺڻ لاءِ ماڻهو ٻارين ٻچين، ڪلاڪن جا ڪلاڪ، اچي قطار ۾ ويهندا هئا. ڪالرا ۽ مدي جي تپ جا ٽڪا ماڻهن نہ ٿي هڻايا. پوءِ شرط وڌو ويو تہ مفت سرڪاري راشن انهن کي ملندو جيڪي ٽڪا هڻائيندا. اهو ٻڌي، ڪن ماڻهن ٻيڻو راشن حاصل ڪرڻ خاطر، ڪوڙ ڳالهائي، ٻہ ٻہ، ٽي ٽي دفعا ٽڪا هڻايا؛ جنهن جي نتيجي ۾ هو بيمار ٿي پيا ۽ مرندي مرندي بچيا.

نانگ بلائون بہ ٻاهر نڪري آيا هئا، ۽ اهي پڻ انسانن کان ڏاڍا وير وٺي رهيا هئا. مليريا، پيچش ۽ پيٽ جون بيماريون وڌي ويون هيون.

سوين ماڻهو بگهاڙ بند تي وچي ڪنا ٿيا هئا. بند جي چوڌاري ميلن ۾، پاڻي ئي پاڻي هو. هنن کي مدد پهچائڻ آسان ڪم نہ هو. اسين، جڏهن وياسون، تڏهن ڪيترن ماڻهن ٻڌايو تہ ڪين ٻن ڏينهن کان مانيءَ جو گرهہ نصيب نہ ٿيو آهي. ڪيترن ئي ماڻهن دوائن وٺڻ ۽ ٽڪا هڻائڻ کان صفا انڪار ڪري ڇڏيو. هنن چيو تہ ”اسان جا پيٽ خالي آهن، اسان کي ڪاڏو کپي، دوائن کي ڇا ڪنداسون؟ پلي تہ بيمارين ۾ مري وڃون، گهٽ ۾ گهٽ هنن بکن کان تہ جان ڇٽي پوندي.“

هڪ ڏينهن، مڪليءَ واري عارضي اسپتال ۾، دوا وٺڻ لاءِ فقير ورايو اچي نڪتو. ٻيون خبرون چارون بہ ڪيائين. جڏهن پاڻي نٽي کي ويجهو اچي پهتو، تڏهن هن بہ سلامتي ان ۾ سمجهي تہ سامان سميت ڪنهن محفوظ هنڌ ڏانهن لڏي وڃي. هو ٻيڙيءَ رستي مڪليءَ تي پهتو. هتي مريدن هن کي جهوپڙي بنائي ڏني. مريدن جي مدد ۾ ڪوشش ڪري، هن کي ڪا خاص تڪليف ڏسڻي ڪا نہ پئي. تڏهن بہ چيائين ”ٻوڏ ڪري ڏاڍا دربدر ٿيا آهيون خدا اهڙو عذاب دشمن تي بہ نہ آڻي.“

اٽل جو پاڻي هٽي ويو. ماڻهن واپس اچي پنهنجا وٿاڻ وسايا. حالتون سڌري ويون. هڪ ڏينهن، مان پنهنجي پٽيوالي سان هڪ گهٽيءَ مان لنگهي رهيو هوس تہ هڪ هنڌ ماڻهن جو ميڙ ڏٺم. پٽيوالي کان پڇيم تہ هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ چيائين تہ هي ”سائين ...... اولياءِ“ جو عرس ملهائجي رهيو آهي. مون کي ياد اچي ويو تہ هي فقير الهہ ورائي وارو پير آهي. وڌي وچي ميڙ جي هڪ پاسي کان بيٺس. فقير الهہ ورايو تقرير ڪري رهيو هو. هن پنهنجي مرشد جي ڪرامتن جو ذڪر پئي ڪيو......

هو چوڻ لڳو ”جڏهن درياهہ شاهہ جي ڪپ تي، سائين .... گهوٽ، اسلام لاءِ لڙندي شهيد ٿي ويا، تڏهن درياهہ شاهہ قسم ڪڻي وعدو ڪيو هو تہ مان ڪڏهن نہ ڪڏهن ضرور

سائين... گهوٽ جا قدم اچي چمندس.... ۽ صدين کانپوءِ هن سال درياهه شاهه پنهنجو وعدو پورو ڪيو، جنهن کي عام ماڻهو ٻوڏ سمجهي رهيا آهن.....!“

ميڙ مان ”حق ! حق!“ جو نعرو بلند ٿيو، ۽ مان مرڪندو موٽي آيس.

★

ٺٽو، ٩ – فيبروري 1957ع
ماهوار هلال پاڪستان: جولاءِ 1957ع

پٽرتي ليڪو

★

اجا پاڪستاني فوج ڪو نہ پهتي هئي.

گڏريل ٿورن ڏينهن اندر، هن شهر ۾ باهين، ڦرلٽ، مارڪٽ، زور زبردستي، ظلم، قتل ۽ عورتن جي آبروريزيءَ جا ڳاٽاٽي ڪان ٻاهر واقعا ٿيا هئا.

اها تہ خبر ڪانهي تہ شروعات ڪيئن ۽ چو ٿي؟ هڪ رات، آڌيءَ جو، اوچتو ماڻهن جي ننڊ ڦٽي پئي. پر ۾ رهندڙ هڪ غير بنگالي سيٺ جو گهر، اُڀ سان ڳالهيون ڪندڙ باهہ جي پيچرن ۾ هو. ان پاڙي ۾ ٻيو ڪو بہ غير بنگالي ڪو نہ هو، ۽ ڪو بہ بنگالي هن جي واهر لاءِ نہ وڌيو. باهہ جي دوران مردن جون نيزاريون، عورتن جون دانهون ۽ ٻارن جون ڪيهون ٻڌڻ ۾ آيون. پوءِ ڪا گولي هلي، ڪو چاقون چمڪيو، ڪنهن لٽ جو ڦهڪو ٿيو ..... ڏينهن جو ماڻهن ڏٺو، تہ ان سڙيل گهر سامهون، سڙڪ تي مردن، عورتن ۽ ٻارن جا رَتَ ۾ ٻڏل لاش پيا هئا.

هن سيٺ جا شهر ۾ بہ ڪپڙي جا وڏا دُڪان هئا، هڪڙو ٻڌي واپار جو ۽ ٻيو ريزڪيءَ جو. ٻئي دڪان لٽيا ويا. ڪا اڳڙي بہ ڪا نہ ڇڏي ويئي. ان ڪانپوءِ بازار ۾ ٻيا بہ ڪجهہ دڪان جلايا ويا ۽ ڦريا ويا.

انهيءَ ڏينهن منجهند ٽاڻي، هڪ سي _ ايس _ پي آفيسر جي گهر تي حملو ٿيو. گهر وارن کي خواب خيال بہ ڪون هو. زالن کي ذبح ڪيو ويو. هن جي هڪ نئين ساماٽل سهڻي ڇوڪري، جا ڍاڪا ۾ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ موڪل تي آيل هئي، تنهن تي هڪٻئي پنيان، ڏهن ٻارهن مردن وحشي نموني مجرمانو حملو ڪيو، هوءَ نستي ٿي پيئي ۽ بيهوش ٿي ويئي؛ تڏهن هن کي لنيون هڻي ڇڇري ماريو ويو. آفيسر جڏهن ٻڌو، تڏهن موٽر ۾ ٽي پوليس وارا ساڻ ڪري آيو. هن جي گهر وٽ گڏ ٿيل هجوم، هن تي هلان ڪري آيو. ساڻس آيل سپاهي بنگالي هئا. هنن پنهنجون بندوقون هڪ ئي وقت آفيسر جي جسم ۾ ڇوڙيون، ان جي مٿان انبوهہ جي لنين ۽ خنجرن جا حملا. ڳيا ڳيا تي ويو.

اهڙيون ڪيتريون ئي وارداتون ٿينديون رهيون

هيءُ هڪ ننڍو شهر آهي. شمشير گنج جي نالي سان سڏجي ٿو. منجهس ڏهاڪو هزار ماڻهو رهن ٿا. هندستان جي سرحد جي ويجهو آهي. شهر جي آسپاس ڏاڍا دلڪش ڏيک آهن. پرسان ميرانجهڙي پاڻيءَ واري ندي پئي وهي. هيءُ تہ اهو ديس آهي، جتي نہ رڳو ماڻهن ۽ پکين جي آواز جو جادو آهي، پر هتي جون نديون بہ سريلا آواز ڪڍنديون وهنديون آهن، ۽ ڇوليون جهمرهٽنديون، ڇلنديون ويندويون آهن. ندين جي انهن آلاپن ۽

ناچن جي درميان، جڏهن ملاح، ونجهن ۽ چولين جي ٺڪڪن ۽ سڙهن جي ڦڙ ڦڙ جي تانَ تي پنهنجا گيت ڳائيندا آهن، تڏهن اهي گيت هنن جي جياپي جو سهارو بڻجي پوندا آهن.

پري پري تائين چانهه جي فصل جا کيت آهن. اڪثر بارش بہ پوندي رهي ٿي. ايرندي طرف جبل آهن، جن جي خصوصيت آهي رنگن جو بدلجڻ. صبح جو ڪارڙا هوندا، منجهند جو ساوا ۽ سانجهيءَ جو نيرا پيا. پسبا، ۽ مينهوڳيءَ ۾ ڇٽڪمرا،ڪي حصا پورا، ڪي هلڪا ڪارا، ڪي ڳوڙها ڪارا، ڪي اڇا، ڪي ساوا، ڪي واڱڻائي.

اڄ ان نظاري ۾ هڪ رنگ جو واڌارو ٿيو هو. نديءَ جي وهڪري ۾ ڪي ڏارائون ڳاڙهيون هيون. ڪن ماڻهن ڪي خون ڪري نديءَ ۾ اڇلايو ويو هو. هونءَ بہ اڄ نديءَ ۾ غير معمولي جوش ۽ جولان هو،ڄڻ تہ هوءَ بہ پنهنجي ديس واسين جي احساسن کي محسوس ڪري رهي هئي. عام طرح ان جي وهندڙ چولين ۽ ڪنڌيءَ سان پاڻ لڳڻ جو آواز هلڪي موسيقيءَ وانگر سريلو محسوس ٿيندو آهي. پر اڄ لهرن ۾ لڙ ۽ لوڏا هئا. منجهند ڏاري ان گوڙ، گجگوڙ جي صورت اختيار ڪئي .... هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو، پاڻيءَ مٿان دونهين جا ڪارا ڪڪر پکڙجي ويا ۽ فضا ۾ گندرف جي بوءِ ڦهلجي ويئي. جڏهن وايو منڊل صاف ٿيو، تڏهن ماڻهن ڏٺو تہ نديءَ جي پل اڌ مان اڏامي ويئي هئي.

هوا بہ جوش ۾ هئي. سوساٽ ڪندي، سيسڙاٽ پريندي، سيٽيون وڄائيندي، هلڪين ۽ پيپاڙ وڻن کي هٽائيندي، هڪليندي پري گهليندي ٿي وئي. وڻ ٽڻ جهولي ايئن تڙڦي رهيا هئا، جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر ڦٽڪندي آهي، ۽ ڄڻ تہ ٻڌل چتي مرونءَ وانگر زنجيرون ڇنائڻ لاءِ زور لڳائي رهيا هئا.

هڪ رات، ٻين لڳي جو وڳڙو هجي، هڪڙي گهر مان ڪو ماڻهو نڪتو. ڪي شخص ٽوليءَ جي صورت ۾، هيڏانهن هوڏانهن نهاريندا وڃي رهيا هئا. هنن ان شخص کي سڃاتو. هو پوليس انسپيڪٽر هو، ۽ غير بنگالي هو. ان وقت هو نشي ۾ الوٽ هو، ۽ لڏي لمي رهيو هو. حقيقت ۾ هو ان گهر اندر شراب ۽ ڇوڪريءَ سان عيش ڪندو رهيو هو، ۽ هاڻي پنهنجي گهر ٽاٽي وڃي رهيو هو.

ماڻهن جو ٽولو ڏسي، انهن کي هڪڙي ڪچي گار ڏئي، رڙ ڪيائين تہ : ڪير آهيو. انهن ماڻهن ڏندن ۽ ڏاندارين جو هن تي اهڙو وسڪارو ڪيو، جو هو وري ڪو لفظ واتان ڪڍي ڪو نہ سگهيو؛ ۽ اتي ئي ڍيري ٿي پيو. انهن ٽولي وارن پاڻ ۾ صلاح ڪئي، ۽ بنگالي زبان ۾ هڪ تختي تي هي اکر لکيا ويا: ”اسين اهو بہ برداشت نہ ڪنداسين، تہ هن پليت ماڻهوءَ کي اسان جي سڳوري بنگالي زمين ۾ پوريو وڃي. ان ڪري هن کي دفن ڪرڻ لاءِ هن جو لاش بنگال کان ٻاهر موڪليو وڃي، نہ تہ جيڪي بہ ماڻهو هن جي جنازي ۾ شريڪ ٿيندا، يا دفن ڪفن ۾ حصو وٺندا، تن کي پڻ پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا پوندا.“

لاش کي اگهاڙو ڪري، ان کي ڪافي بيعزتيءَ نموني بگاڙيو ويو. اختياريءَ وارن تائين به ان لڪيل ڏمڪيءَ جي خبر پهچي چڪي هئي. پوءِ ڪنهن نه ڪنهن نموني لاش اتان ڪٽائي ويا، ۽ گهٽ ۾ گهٽ ان شهر يا ان جي ويجهڙ ۾ ان کي دفن ڪرڻ جي ڪنهن کي همت ڪين ٿي.

هڪ لڳا، هڪڙي ڊپٽي ڪليڪٽر جي گهر تي گهيرو ڪيو ويو. هو هڪ رشوتي ڪامورو هو، وڏيون وڏيون ملڪيتون ناهيون هئائين، ۽ ڪيتري ئي زمين جو مالڪ ٿي ويو هو، جيتوڻيڪ اتي اچڻ وقت هڪ رواجي ڪلارڪ هو، ۽ معمولي مسواڙي جاءِ ۾ رهندو هو.

ڊپٽي مٿي ماڙيءَ تي چڙهي، ماڻهن کي ڏاڍيون منٿون ايلاز ڪرڻ لڳو ته: ”خدا جي واسطي، رسول جي واسطي، چئن يارن جي صدقي، توهين اسين مسلمان آهيون، پاڪستاني آهيون، اسان کي جيئدان ڏيو ۽ ڇڏيو ته اسان هن ملڪ مان ئي هليا وينداسين، وري پلجي به هيڏي ڪو نه ايندا سين.“

پر هو معاف ڪرڻ وارا ڪين هئا، ۽ هن جي رت جا پياسي هئا. پوءِ هن کي پنهنجا کي پاڙيسري نظر آيا. انهن ڏي منهن ڪري چيائين ته: ”ٻيو نه ته من پاڙي جو ننگ پئيوَ، پاڙي جو واسطو ٿو وجهانوَ، ويهه ورهيه گڏ گذاريا اٿئون، پاڙي جي واسطي اسان کي وڃڻ ڏيو.“

خبر ناهي ان ڳالهه تي پاڙي وارا ڪيئن ڪجهه نرم ٿيا، ۽ هجوم کي ان تي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته هو هي ديس هينئر ئي ڇڏيندا، ۽ پاڻ سان ڪاري ڪوڏي به نه ڪٽي ويندا، ايتري قدر جو هندستان جي سرحدن تي پهچڻ وقت بدن تي پيل ڪپڙا به لاهي ڏيندا ۽ الف ننگا ٿي پنهنجي اصلوڪي پرڳڻي ۾ داخل ٿيندا، ڇو ته اهي سڀ شيون اسان جي رت ست مان ٺاهيل آهن.

ڊپٽي وارن لاءِ ٻيو ڪو به چارو ڪو نه هو. ڍاڪو ڪن ماڻهو هن سڄي خاندان کي پنهنجي نظرداريءَ هيٺ سرحد تي پهچائڻ ويا. اتي جڏهن مڙني مردن، عورتن ڇوڪرين ۽ ٻارن پنهنجا سمورا لٽا لاهي، هنن جي حوالي ڪيا، تڏهن هنن کي هڪ دفعو وري به چتاءُ ڏيئي سرحد پار وڃڻ ڏنو ويو.

ملاح ۽ مانجهي به انهيءَ وهڪري ۾ وهي رهيا هئا. جڏهن نديءَ واري پل تباهه ڪئي ويئي، تڏهن شهر تائين اچ وڃ ٻيڙين رستي ٿيڻ لڳي. ملاح بنگالين کي مفت ۾ پار پهچائيندا هئا، پر غير بنگالين کي وچ درياهه ۾ آٽي ٻوڙي ڇڏيندا هئا. هو پاڻ ۾ چوندا هئا، ته بنگال جي زمين ۽ هر چيز تي اسان بنگالين جو حق آهي. هي زمينون، هي کيت، هي باغ، هي نديون، هي ڪارخانا، هتي جو واپار، مزوري ۽ نوڪريون پهرين اسان

کي ملڻ ڪپن. پناهگير ۽ ٻيا پرديسي، جي هتي رهڻ چاهين ٿا، تن کي اسان جو ٿورائتو ۽ محتاج ٿي رهڻ کپي، ۽ اسان جي سڀيتا ۽ ٻولي قبولڻ هنن جو پهريون فرض آهي.

جيئي ٿوليون لنين، خنجرن، بندوقن ۽ ٻانن سان هٿياربند ٿي، رستن ۽ راهن تي ٿي بيٺيون. جو بہ لنگهيو ٿي، اهو جي بنگالي نٿي لڳو، يا بنگاليءَ ۾ پڇيل سوال جو جواب بنگاليءَ ۾ نہ ڏيئي ٿي سگهيو، تہ هن کي تڏي تي قتل ٿي ڪيو ويو.

غير بنگالين بہ حملن جي ڪوشش ڪئي. ٻن واٽ ويندڙ اڪيلن بنگالي هندو ڇوڪرن کي بندوق سان ماريو ويو. هڪ ڇوڪر جي عمر پنج سال هئي ۽ ٻئي جي ٻارهن سال. جيئن اها خبر شهر ۾ پهتي، تيئن هزارين بنگالي انهن ڇوڪرن جي قاتلن جي گهر ۽ ان سان گڏ ٻن ٽين غير بنگالين جي گهرن کي گهيرو ڪري ويا. گهرن تي پٿر بازي ڪئي، ۽ گاسليٽ جا دٻا هاري، باهہ ڏني ويئي. مرد، زالون ۽ ٻار منٿون، خدا جا واسطا، دانهون، ڪوڪون، فرياد ڪندا رهيا، پر ٻاهر وارن جي اندر جي آگ ٿڌي ڪين ٿي سگهي، ۽ انبوهہ ايستائين اتان نہ هٽيو، جيستائين ٽيئي گهر، سيني رهندڙن سميت سڙي خاڪ نہ ٿي ويا.

باهيون بلند ٿينديون رهيون، چاقو چمڪندا رهيا، بمن جا نڪاءَ فضا کي چيريندا رهيا، ڇيخون ڪندي ڪندي عورتن جا جسم نرندا رهيا، رت سان راند ٿيندي رهي.

هڪ ڀيري، شهر جو هڪ چڱو مڙس، جو غير بنگالين کي آٿت ڏيڻ لاءِ هڪ غير بنگالي پاڙي ۾ ويو هو، ان کي اتي خنجر هڻي خون ڪيو ويو.

هن واقعي ٻرندڙ باهہ تي پيٽرول جو ڪم ڪيو. واقعن ۾ تيزي اچي ويئي، ۽ اهڙيون وارداتون ٿيون، جو ٻڌائڻ سان وار ڪاندارجي وڃن. ماڻهن لاءِ لڪڻ ۽ ڀڄڻ جي جاءِ ڪا نہ بچي هئي. سڄو پرڳڻو ان آگ ۾ وڪوڙجي ويو هو. ڪا بہ واهر ڪا نہ ٿي پهتي.

بنگالي، غير بنگالين جي آزين ۽ منٿن جو پهرين تہ ڪو جواب ئي ڪو نہ ڏيندا هئا، پر جي ڏيندا هئا، تہ اهو هنن لفظن ۾ هوندو هو: ”توهان اسان تي ڪهڙو رحم ڪيو آهي، جو اسان اوهان تي ڪريون. توهان اسان جي ملڪ جي ساري دولت پاڻ وٽ سميٽي، اسان کي روزگار کان محروم ڪيو آهي، اسان جون نوڪريون توهان ماڻهن کي آهن، هتي جا ڪارخانا، ڪيت، جايون، زمينون سڀني تي توهان جو قبضو آهي. اسان واسطي رڳو غربت ڇڏي اٿوَ . ... ۽ اهو توهان سڀ پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ڪيو آهي. هاڻي وري توهان پنهنجي جان جي سلامتي لاءِ بہ پاڪستان ۽ اسلام جا واسطا ڏيئي رهيا آهيو، اسين هاڻي ان فريب ۾ ڪو نہ ايندا سين.“

غير بنگالين کي پنهنجي حياتي بچائڻ جو ڪو آسرو نظر ڪو نہ ٿي آيو. ڪن ماڻهن هنن کي همدردي ڏيکاري ڇيو: توهان کي پنهنجي حفاظت لاءِ هڪ هنڌ هلي رهڻ

ڪپي. پوءِ جدا جدا پاڙن وارن لاءِ تي جدا جڳهيون مقرر ڪيون ويون، هڪ سئنيما ۽ ٻه اسڪول. اتي هنن کي وڏن صُفن ۾ واڙيو ويو.

هن شهر ۾ غير بنگالين جي آدمشاري ڇهه ست سئو کن هئي، جن مان ڪيترائي مارجي ويا هئا.

ان وقت ڳچ هندستاني ڇاڙتا، پاڪستان جي سرحدن اندر ڪاهي پيا هئا، ۽ پاڪستانين ۾ ڏڦيڙ وجهڻ جي ڪوشش ۾ هئا. اهڙن سپاهين جو هڪڙو ويهن پنجويهن سپاهين جو جٿو، شمشير گنج ۾ اچي پهتو.

هن شهر وارن ان وقت واڙيل غير بنگالين کي ختم ڪرڻ جون سٿون پئي سوچيون. هندستاني ڇاڙتن پهچڻ سان هنن کي پنهنجي پوري سهڪار جو يقين ڏياريو.

شهر وارن وٽ اهڙا هٿيار يا بم ۽ بارود ڪو نه هئا، جو سئنيما ۽ اسڪولن جي عمارتن کي اندر واڙيلن سميت ختم ڪري سگهن. اهڙيون شيون هندستاني سپاهين وٽ هيون.

منصوبو ٺاهي، پهرين سئنيما واري جاءِ وٽ ويا. بندوقن، مشين گنن ۽ هَٿ بمن سان درن ۽ درين مان ماڻهن کي ماريو ويو. واڙيلن ۾ واويلا مچي ويئي. هنن گهڻيئي خدا ۽ رسول جا واسطا وڌا، معصوم ٻارن ۽ نياڻين تي رحم ڪائڻ جون اپيلون ڪيون، توبهون زاريون ڪيون، ملڪ ڇڏي وڃڻ جا قسم کنيا؛ پر ڪنهن کي ٻه رحم ڪين آيو، نه بنگالين کي ۽ نه هندستاني سپاهين کي. پڇاڙيءَ ۾، ان سئنيما کي آتش جو نذر ڪيو ويو. هيءَ سئنيما ڪنهن غير بنگاليءَ جي هئي.

پوءِ هڪ اسڪول ۾ واڙيلن سان ٻه ساڳي ڪار ڪئي وئي. هڪ ٻه جيئرو نه ڇڏيائيون. ان اسڪول کي ٻه بمن سان اڏايو ويو. ان ۾ اردو پڙهائي ويندي هئي.

باقي هڪڙي اسڪول ۾ رهيل ماڻهو بچيا. هيءُ ٽولو اوڏانهن روانو ٿيو. درين ۽ ڳڙڪين، روشندانن ۽ درن جي چيرن مان ڪيترائي ڇهرا جهاتيون پائي رهيا هئا. سيني جي ڇهرن تي موت جا پاڇولا هئا.

ٻيا ماڻهو ڪجهه پوئتي تي بيٺا، ۽ پارتي سپاهي بندوقون ۽ مشين گنون تاڻي، اڳتي وڌڻ لڳا. واڙيلن جا ڇهرا خوف ۽ هراس کان پيلا پئجي ويا. هنن ٻانهون ٻڌي نيزاريون شروع ڪيون، ۽ حياتيءَ جي بيک پنڻ لڳا:

"رب جي واسطي، پيران پير جي واسطي، داتا گنج جي واسطي...."

وڏندڙ سپاهي جڏهن ويجهو آيا ۽ آوازن جا لفظ ۽ لهجو سمجهه ۾ آين، تڏهن اوچتو ئي اوچتو هنن جا پير هڪ هنڌ کُپي ويا ۽ هو بيهي رهيا. آوازن کي وري ٻه چٽيءَ طرح ٻڌائون. پوءِ هڪٻئي ڏانهن نهاريائون، ۽ نظرن ئي نظرن ۾ نياپا ڏنائون ورتائون، ۽ هنن کي فيصلي ڪرڻ ۾ دير ئي ڪو نه لڳي، هٿيار موٽي مياڻن ۾ پئجي ويا. هنن موت

سان ڪيڏنڌڙن ۽ قاتلن جون پٿر دليون موم جون بڻجي ويون. واڙيلن جي لفظن ۾ ڪهڙي ڪرامت هئي، هنن جي لهجي ۾ ڪهڙو جادو هو؟ ڳذريل ٻن ڏينهن تي ته ماڻهن جي آزين نيزارين هنن تي ڪو اثر ڪو نه ڪيو هو! هتي ڪهڙو ڦيرو آيو؟

هڪ سپاهيءَ چيو، ”هي ته اسان جي پنهنجي ٻولي ٿا ڳالهائين، اهي ته اسان جي پنهنجي اصلي ديس جا رهاڪو آهن، هي ته اسان جي ابن ڏاڏن جي ڏيهه جا ماڻهو آهن.“

ٻين چيو، ”هائو يار هائو.“

هو اجا به اڳتي وڌيا. درين مان چڱيءَ ريت باندين جي ڇڪاس ڪيائون .... ڳوڏين ۽ ڏڳهن ڍلن چولن واريون ضاعفون، هي قداور قداور ڪٽڪ رنگا مرد، هي ويڪرن سينن وارا ڳڀرو جوان.... هتي جي ڪارن ڪارن، ڏٻرن، ٻُچين ۽ بندرن باشندن کان بلڪل نرالا ......

هڪڙي سپاهيءَ پنهنجي اباڻي زبان ۾ هنن کان پڇيو، ”ڪٿي جا آهيو؟“

گهٽن ئي هڪ آواز تي جواب ڏنو، ”گجرات پنجاب جا.“

سپاهين هڪ ٻئي ڏي نهاريو. هو به ته اصل گجرات ۽ ان جي آسپاس جا رهاڪو هئا. اهو گجرات جو شهر، جو جهلم ۽ چناب ندين جي وچ واري واديءَ ۾ آهي، جتي ساوون ساوون ٻنيون، ڏگها ڏگها وڻ ۽ خوبصورت باغ هوندا هئا، جتي هنن ٻالڪپڻ ۾ ڪيڏيو ۽ ڪڏيو هو......

پوءِ ته قيدي ۽ قاتل پاڻ ۾ کير کنڊ تي ويا، ۽ هڪٻئي جون خبرون وٺڻ ۾ ايترو محو ٿي ويا، جو اها سمک به ڪو نه رهين ته پنيان ماڻهو بيقرار ٿي رهيا آهن ۽ شڪي نگاهن سان ڏسڻ شروع ڪيو اٿن. آخر انهن مان ٿي ڄڻا وڌي آيا. پڇيائون ”دير ڇاجي آهي؟“

سپاهين جي اڳواڻ ڦڙتائي، ترشي ۽ تيزيءَ سان وراڻيو، ”اسين هنن کي نه مارينداسين، اسان کي هيڏي پاڪستاني فوج سان وڙهڻ واسطي موڪليو ويو آهي ۽ نه شهري ماڻهو مارڻ لاءِ.“

بنگالين جون اکيون ڦاٽي ويون، هو ڪو جواب ڏئي ڪو نه سگهيا.

ساڳئي سپاهيءَ وري ڪڙڪو ڪري چيو ”۽ ها، سڀ ماڻهو هتان هٽي پنهنجي پنهنجي گهر وڃو. اسين هنن کي هتان صحيح سلامت وٺي وڃڻ ٿا چاهيون. جي توهان مان ڪنهن به ڪا شرارت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هي گوليون توهان جا سينا پار ڪنديون. سمجهيوَ، ڇڱو هاڻي وڃو!“

بنگالي هيسجي ويا، ۽ پوئتي وڃي پنهنجي هجوم کي حال جي حقيقت ٻڌايائون، ۽ پوءِ هو ٽڙي پکڙي ويا.

اسڪول جي ڪلاسن ۾ ڏيڍ سو کن ننڍا وڏا واڙيل هئا. هي خاندان هڪ چانهه جي ڪيت ۾ ڪم ڪندا هئا. اهو ڪيت، جو اڳي هڪ انگريز جو هو، سو پنجاب جي هڪ چوڌريءَ کي مليو هو. هن ان تي ڪم ڪرڻ لاءِ هاري ۽ پورهيت ٻه پنهنجي ڳوٺان آندا هئا. هي سڀ هتي پندرهن سالن کان رهيل هئا.

سپاهين هنن کي چيو ته : اسين توهان کي ڪنهن ويجهي ٽيشڻ تي حفاظت سان هلي تا پهچايون، اڳتي توهان جا ڀاڳ ڪٽن.

هو سڄي واٽ، سڄو وقت، ڪلندي خوش ٿيندي پنجاب جي ديس جون هڪٻئي کي خبرون چارون ڪندا رهيا.

ٽيشڻ تي پهچي، پورهيتن مان هڪڙي پوڙهي، سپاهين ڏي مهڙ ڪري، احسانمند نگاهن سان نهاريندي چيو، ”منهنجا پيارا ٻچڙو، اڄ اسان کي خبر پئي آهي ته انسانن جي وچ ۾ وڏي ۾ وڏو ۽ پائدار ناتو ڪهڙو آهي.“

⋆

حيدرآباد، ١١ — نومبر 1971ع

سهڻي : اپريل 1972

چوٽڪاري جي وات

★

هو خيالن جي طوفان کان پيڇو ڇڏائي نہ ٿي سگهيو. هن اٿي ريڊيو کوليو، ۽ ان جو آواز بلند ڪري ڇڏيائين. مگر هن جا ڪن، ٻاهرين آواز ڏانهن متوجهہ نہ ٿيا. اهي اندر جي آنڌ مانڌ جي سس پس سٽي رهيا هئا.

هو اخبار کڻي تازي اگهوتري پڙهڻ لڳو، پر هن جون نظرون اخبار تي هونديون بہ، پري تمام پري جو نظارو پسي رهيون هيون، جتي هن جي ماضيءَ جا سوين داستان پکڙيل هئا.

بي آراميءَ هن کي پلنگ تي سمهڻ نہ ڏنو، ۽ هو اٿي، وجي دريءَ جي پرسان بيهي ٻاهر نهارڻ لڳو. سامهون پنهنجي دوست جو بنگلو ڏسي، وري گذريل واقعا ۽ پراڻيون يادگيريون، هن جي ذهن تي اڀرڻ لڳيون.

اڄا گذريل رات ئي تہ هن جي مرهيات دوست، انهيءَ بنگلي ۾ هڪ سهڻي ناچڻي گهرائي هئي، ۽ اڌ رات تائين عيش ڪيو هو، ۽ صبح جو هن کي اطلاع مليو تہ هن جو اهو پيارو دوست، موٽر جي حادثي ۾ مري ويو. ڏک ۽ غم کان، هن جي اکين مان ٽم ٽم ڳوڙها وهڻ لڳا.

دوست جي موت ڪري، هن کي اهو خيال اچي پيدا ٿيو تہ هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترا نہ گناهہ ڪيا آهن. هن جي سڄي عمر جو سرمايو فقط ظلم ۽ دوکيبازي آهي ..... ۽ جي هو ان حالت ۾ مري وڃي (جو تہ حياتيءَ تي ڪهڙو ڀروسو آهي) تہ هو ڪهڙي منهن سان خدا جي سامهون ويندو؟ آخرت جو هن وٽ ڪهڙ ٿمر آهي؟ هو تہ پڇا ڳاڇا جي دوزخ ۾ ويندو. اهي ويچار ڪري، هو ڏکي رهيو هو. هو اڄ حياتيءَ ۾ پهريون گهمرو خدا جي خوف کان لرزيو هو. هن کان اڳ، موت ڪڏهن بہ اهڙو ڀيانڪ ويس پائي هن جي ويچارن ۾ وارد نہ ٿيو هو.

هن پنهنجي گذريل زندگيءَ تي نگاهہ وڌي .... هو وڏو گنهگار هو .... ڪي خاص واقعا، هن جي ذهن تي تري آيا:-

هن لکين رپين جا چانور ۽ اناج ڌارين ملڪن ڏي سمگل ڪيا هئا، ۽ هن ڏنو هو تہ ان ڪري پنهنجي ڏيهہ ۾ ڏڪار پيو هو، اڪيچار غريب ماڻهو ماني ٽڪر لاءِ محتاج ٿيا هئا، ۽ مهانگائي وڌي هئي.

سعيد جي خون ۾ هن جا هٿ رنگيل هئا، اهو ويچار، ذهن ۾ اڀرندي ئي، هن جا هٿ پاڻمرادو اکين آڏو اچي ويا، ۽ هن جون نگاهون بي اختيار انهن ڏانهن کڃي ويون، جڻ تہ سچ پچ انهن تي اهو رت لڳل اٿس ۽ ان کي ڏسي پيو.

سعيد، سندس ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو، ۽ مزورن جي يونين جو عهديدار هو. مزورن هڙتال ڪئي ۽ ڪم بند ڪيائون. هن سمجهيو ته اهو سڀ، سعيد جي چرچ تي ٿيو آهي. هن کي رستي تان هٽائڻ لاءِ، هزارين رپيا ڏئي، هن ٻه ياڙيتا بدمعاش هن پنيان ٻڇيا انهن هن کي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ ان جو ڪو ٻه داد فرياد ڪو نه ٿيو.

ولي محمد سان جيڪي جنيون ڪيون هئائين، اهي پڻ هن کي ذري پرزي ياد اچي ويون. ولي محمد هن کان ڪنهن لاچاري حالت ۾ 2 سئو رپيا وياج تي اڌارا ورتا هئا: ۽ اهو وياج، سيٺ اهڙي نموني مقرر ڪيو، جو ولي محمد ٻن سون جا ٻه هزار روڪ ڏئي چڪو هو، پنهنجو گهر ٻه سيٺ جي حوالي ڪيائين، تڏهن ٻه قرض ڪين لٿو. جڏهن هن ۾ ٻي اميد ڪا نه ڏٺائين، تڏهن ولي محمد تي ڪيس ڪري، هن کي قيد ۾ وجهرايائين. پنيان هن جا ٻار ٻچا دربدر ٿي ويا. ٻيو ڪو ڪمائڻ ڪرڻ وارو ڪو نه هون، پني پنهنجو گذران ڪندا هئا.

عزيزان واري گهٽنا ته تازي هئي. هوءَ هنجي نندي نيٽي نوڪرياڻي هئي، جوين ۽ امنگن سان ڀرپور. هن بدناميءَ کان بچڻ واسطي، زهر ڪائي، پاڻ ماريو هو: ڇو جو هوءَ ماءُ ٻڻجڻ واري هئي، سيٺ جي ٻار جي ماءُ.

اڄ اهي واقعا ڇپون ٻڻجي، سيٺ جي دل ۽ دماغ کي چيپاٽي رهيا هئا. هو حد کان وڌيڪ پريشان ٿي رهيو هو. انهن خيالن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ تي چاهيائين، پر اهي جيئن پوءِ تيئن وڪوڙيندا ٿي ويس. دوست جي حادثي، هن کي نئون احساس ڏنو هو. موت، دوزخ ۽ خدا جي ڊپ هن جا حوصلا پست ڪري ڇڏيا هئا.

هن کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب جي ورقن تي رڳو دوکيبازيون، ٺڳيون، بي ايمانيون، چور بازاري، ظلم ۽ زيادتين جا ئي عنوان ٿي نظر آيا. هو وڏو شرابي هو، هو وڏو سمگلر هو، هو وڏو جواري هو، ۽ انهن سيني ڪار گذارين ۾ سندس اهو دوست، ساٿي ۽ صلاحڪار ٿي رهيو هو.

هو سوچڻ لڳو ته نيڪ ڪم ته مون ڀلجي ٻه ڪو نه ڪيو هوندو. عبادت سان ٻه ساري ڄمار وير رهيو اٿم ...... انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته مان دوزخي آهيان .... دوزخ جو لفظ، هن جي ڪنن ۾ پگهريل شيهي وارو ڪم ڪري رهيو هو. هو سوچي رهيو هو ته ”منهنجي آخرت ڪاري رات جهڙي اونداهي آهي، رڻ پٽ وانگر ويران، ۽ آفريڪا جي جهنگلن کان وڌيڪ ڀيانڪ!“

هو جذبن جي شدت کان ڏڪي رهيو هو. هن جي پيشانيءَ تي پگهر جا ڦڙا نڪري آيا هئا. هن جي دل ڌڙڪي رهي هئي.

”مون ساري عمر عيش ڪيو آهي، منهنجي جيون جي هڪ هڪ گهڙي گناهه ۾ گذري آهي. اهو ڪهڙو مزو آهي، جو مون نه ماڻيو هجي. مون وٽ دولت جا ڍير آهن، ۽

دولت سڀ ڪجھ ڪري سگھي ٿي .... مگر ھي موت، ھي دوزخ ...... ھاڻي مان ڇا ڪريان....... ڇا ڪو رستو ٿيڪونھي!“

اوچتو ھن جي رنگ روپ ۾ ڦيرو اچي ويو. ھن ۾ نئين جان پئجي وئي. ھن جي چھري تي مرڪ جا اھڃاڻ ظاهر ٿيا، ۽ ھن فيصلو ڪري ورتو تہ ”مان ھن سال حج تي ويندس. منھنجا سڀ گناھ ۽ برايون ڌوپي ويندیون، ۽ مان ماءُ پيٽان ڄاول ٻار جھڙو معصوم ٿي موٽندس!“

★

راڻي پور، ١٥ – مارچ 1975ع
نئين زندگي: جون 1959ع

قلب اندر ڪعبو

★

پوئين حج واري واقعي ڪانپوءِ، حاجي صاحب ۾ به تبديليون ڏسڻ ۾ آيون هيون. هڪ ته هو غريبن ۽ خاص ڪري بيمارن جي ڏاڍي مدد ڪندو هو. ڳوٺ ۾ ڪو بيمار ٿيندو هو، ته حاجي صاحب ئي پهريون شخص هوندو هو، جو هن وٽ پهچندو هو. هن جي ٿهل ٽڪور، همدردي، مالي سهائتا، گهڻو ڪجهه ڪندو هو.

ٻي تبديلي هيءَ هئي ته اهي چار لاڳيتا حج ڪرڻ ڪانپوءِ، ويهارو سال گذرڻ تي به، ڪڏهن وري حج ڪرڻ جو ارادو نه ڏيکاريو هئائين. حالانڪ هن اهي چار ئي حج غربت جي زماني ۾، پيرين پنڌ وڃي ڪيا هئا، ۽ هاڻي ته هو چڱي دولت جو مالڪ ٿي ويو هو.

هن جي آخري حج وارو واقعو آسپاس جي ڳوٺن ۾ مشهور هو، پر مون کي پاڻ ئي ٻڌايو هئائين.

چيائين: ان سال، مان ۽ هڪڙو شيدي، پيرين پنڌ حج ڪرڻ جو ارادو ڪري نڪتاسين. واٽ تي، هڪ پنجابي به اچي اسان جي سفر جو ساٿي ٿيو.

ٽيئي ڄڻا سوين ڪوهه لتاڙي، اچي دمشق کان تيرهن چوڏهن ميلن تي "البت" نالي هڪ بستيءَ ۾ پهتاسين. ان کان اڳتي رستو هڪ گهاٽي جهنگ مان هو، جنهن ۾ بگهڙ ۽ ٻيا جهنگلي جانور جام هوندا آهن. اتي ڏينهن جو به اونده لڳي پئي هئي. چوڌاري موت جهڙي ماٺ هئي؛ فقط وقتي خبر ناهي ڇا جا سيسرات پئي ٻڌڻ ۾ آيا.

سج به لهي ويو، پر اجا جهنگل پورو نه ٿيو هو، ۽ اسان تلاش ڪرڻ لڳاسين ته ڪو گهر يا جهوپڙي نظر اچي ته اتي رات ٽڪجي.

نيٺ مون همت ڪري چپ چوريا. صفا هوريان ۽ هٻڪندي چيم "آواز ته ڪنهن انسان جو هو!"

شيديءَ به پاڻ سنڀاليو ۽ وراڻي ڏنائين "مان پاڻ ايئن ٿو سمجهان."

مون چيو "هو ڪنهن جناور جي چنبي ۾ اچي ويو آهي. پر هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ گيدين جيان گسائي هلڻ به مناسب ناهي. ڪوشش ڪري ڪجهه خبر لهجي."

پنجابي پهلوان ٽڙڪندي چيو "ڇڏيو يار، هرويرو ٿا موت کي سڏيو. هو ته ختم به ٿي ويو هوندو."

اتي مون محسوس ڪيو ته اسان جو اهو ساٿي اسان کان به وڌيڪ ڏڪي رهيو هو.

مون تيز ٿي چيو "ايئن هرگز نه ٿيندو. موت اچڻو هوندو ته ڪٿي ڪو نه ڇڏيندو. ٿي سگهي ٿو ته اسين پڻ ساڳي آفت جي چنبي ۾ اچي وڃون. ان ڪري مڙس ماڻهو ٿيو ته جاچ ڪريون، من ڪنهن انسان جي حياتي بچائي سگهون."

بس ”نونٽ لڳي، ساهيڙي پڳي“ تي عمل ڪري، پنجابي پهلوان ”توهين بيوفا آهيو“ چئي، هڪ ويجهي وڻ ڏي رخ رکيو. ٽڙندي ٽاٻڙندي، وڻ وٽ پهتو ۽ ڪوريئڙي وانگر ست ڪاهون ڪري، مٿي چڙهڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

شيديءَ جا به ڏيڍر ڏرا ٿي ويا هئا، پر منهنجي غيرت ڏيارڻ تي، مون سان ٻانهن ٻيلي ٿيو.

هينئر اسان سوچيو ته هلون ڪهڙي پاسي؟ چوڌاري آهي اونده، آواز جي طرف جي به خبر پئجي ڪا نه سگهي آهي. اسين اجا انهيءَ ويچار ۾ هئاسين، ته وري هن طرح چٽو آواز ٻڌوسين: الله. ڪجهه ڪنجهڻ ۽ بس.

هينئر نابين کي لٺ جو سهارو مليو، ۽ آواز جو طرف سڃاتوسين. ٻئي ڄڻا، هڪ ٻئي جو هٿ قابو جهلي، وڌياسين. پر ويهه پنجويهه وکون کڻي، بيهي رهياسين.

مون پنهنجي ساٿيءَ کي چيو ”تون اها چيز نظر ۾ رک، ته مان کک ڪاٺيون ڪنيون ڪري، باهه ٻاريان. جيڪڏهن ڪو بگهڙ هوندو ته باهه ڏسي پڄي ويندو، ۽ ڪا ٻي بلا هوندي ته به قلندري ڏنڊا پاڻ سان آهن. پوءِ ڪٽن ياڳ!“

شيديءَ کي منهنجي صلاح وڻي. ماچيس موجود هو. هٿ وراڻيون هڻي کک ڪانا ۽ گند گڏ ڪيم. بسم الله ڪري باهه ٻاريم. پنيٺ مچي ويو. اکيون منتظرٿيون ته الاجي سامهون ڇا نظر ايندو!

اها چيز چٽي ڏسڻ ۾ آئي. هيءَ ته ڪو انسان هو. مون شيديءَ کي چيو ”باهه کي مچائيندو رهه ته مان هن کي جاچي وٺان.“

هوءَ هڪ عورت هئي، ۽ ساهه کڻي رهي هئي. مون هن جا ڪپڙا درست ڪيا. هوءَ بيهوش هئي.

شيدي به ويجهو آيو. اسان هن کي گهڻو ئي چوريون پوريو، پر هوءَ بي سرت رهي. اسان وٽ پاڻي هو، جو هن جي منهن تي ڇٽڪاريوسين، ۽ هن جي وات ۾ ٽيپو ٽيپو ڪري وڌوسين.

اتي اها ضاعفان ڇُري. اکيون کوليائين. پر وري بيهوش ٿي وئي. اسان جو حوصلو وڌيو، ۽ ٻيهر سندس وات ۾ پاڻي وڌوسين.

هوءَ ڪجهه هوش ۾ آئي، ۽ اکيون کولي چيائين ”مان .... ڪٿي ..... آهيان؟“

ائين چئي هوءَ وري هوش وڃائي ويٺي.

مون کي هن جا ٻول ٻڌي حيرت وٺي وئي. هن سنڌيءَ ۾ ڳالهايو هو ۽ هوءَ ڪا سنڌي عورت هئي! پوءِ مون غور سان ڏٺو ته هن جا ڪپڙا سنڌ جا هئا، سنڌي نموني سبيل هئا.

حاجي صاحب مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ”سائين پرديس ۾ ڪو هندستاني ملي ويندو آهي تہ خوشي ٿيندي آهي، پر جي ڪو سنڌي ۽ هم زبان ملندو آهي، تہ پوءِ تہ دل اصل خوشيءَ کان نچڻ لڳندي آهي، ڏاڍو آٿت ٿيندو آهي.“

هن وري پنهنجو واقعو ٻڌائڻ شروع ڪيو.

اسان مائيءَ کي ٻيهر هوش ۾ آندو.

هن چيو ”مون کي اتاري وهاريو!“

شيديءَ ڪيس ٽيڪ ڏئي اتاريو.

وهڻ بعد هن عورت سامهون اشارو ڪيو. هوءَ وڏيڪ ڳالهائي نہ سگهي، ۽ هڪبار وري بہ هن مٿان نيم بيهوشي طاري ٿي.

باهہ وسامڻ لڳي هئي. مون سامهون نهاريو. ڪا شيءِ نظر آئي. باهہ کي تيز ڪيم ۽ ڏٺم تہ اچي ڪپڙي جي هڙ هئي. اها کوليم. ڏسڻ سان منهنجا ڏند چپن سان لڳي ويا. ان ۾ جئرو جاڳندو نئون ڄاول ٻار هو.

نيٺ ڳچ جاڪوڙ کان پوءِ، مائي پوري هوش ۾ آئي. ڳالهائڻ جهڙي بہ ٿي ۽ ٻار کي ٿڃ ڏارايائين.

اتي مون وچ ۾ ئي حاجي صاحب کان پڇيو ”پر ايترو وقت توهان وارو پنجابي دوست ڪٿي هو؟“

کلي جواب ڏنائين ”هو اجا تائين وڻ تي وينو هو. نيٺ بہ تہ هن پنهنجي قومي پهاڪي : جان بچي تو لاکون پائي، تي عمل ڪيو هو“

حاجي چوڻ لڳو: پوءِ هن ضاعفان کان حال احوال ورتوسين، جنهن ٻڌايو تہ ”مان جيڪب آباد جي رهاڪو آهيان. هن سال منهنجي مڙس حج ادا ڪرڻ جو ارادو ڪيو. منهنجي بہ مرضي ٿي تہ مان بہ پنهنجي گهر واري سان گڏ مڪي مديني جي زيارت ڪري اچان. مڙس چيو تہ : تون پيٽ سان آهين، ان ڪري تنهنجو هلڻ نيڪ نہ ٿيندو. پر مون ضد ڪيو تہ ضرور هلندس، ۽ اجا ايترا مهينا آهن جو منهنجو ويم بہ مدني پاڪ ۾ ٿيندو ۽ اسان جو اهو ٻار، بختاور ٿيندو. منهنجي خاوند نيٺ مڃيو. اسين ڳوٺان راهي ٿياسين. پر مان تڪڙو هلي نہ ٿي سگهيس، ۽ ٿڪ ۽ هيڻائيءَ ڪري واٽ تي ڏاڍا ڏينهن لڳي ويا. جڏهن هن جهنگ ۾ پهتاسين، تڏهن مون کي ويم جا سور ٿيا، ۽ اسين پيچرو ڇڏي، اچي هت ويناسون. پوءِ مون کي اڄ تمام تنگ ڪيو. مڙس چيو تہ تنهنجو ويم ٿي وڃي تہ مان وڃي ڪٿان پاڻي هٿ ڪري ٿو اچان. قصو ڪتائڻو، مون کي ٻار پيدا ٿيو ۽ مان بيهوش ٿي ويس. ان کانپوءِ ڇا وهيو واپرايو، ان جو پتو ڪو نہ اٿم.“

مائيءَ ڳالهہ پوري ڪئي. پڇيومانس اهو ڪهڙو ڏينهن هو؟“

چيائين ”شايد خميس.“

اڄ جمعو هو، ان جو مطلب ته هن کي ان حالت ۾ اٺ پهر کن ٿيا هئا. پر مڙس نه موٽيو هو، خبر ناهي هن جو ڇا ٿيو؟

پيچري تي پريان کي واٽهڙو ويندا ڏسي، پنجابي وڻ تان لٿو. مون تجويز پيش ڪئي ته هڪ ڄڻو هن مائيءَ وٽ ويهي ۽ ٻه ڄڻا هن جي مڙس کي تلاش ڪن. جي ملي پوي، ته مائي کي ٺانئيڪو ڪري، پاڻ اڳتي هلون. پر پنجابيءَ هڪدم وراڻيو ته "توهين اجاين ڳالهين ۾ ٽا وقت وڃايو، انهيءَ ڪري منهنجي الوداع!"

ائين چئي هو عرب واٽهڙن سان وڃي مليو، ۽ هليو ويو. مائي هلڻ کان هلاڪ هئي. ان ڪري هن کي پاڻ سان وٺي وڃڻ مشڪل هو. شيدي به وقت تي حج تي رسڻ لاءِ زور پري رهيو هو. مون فيصلو ڪري ورتو.

شيديءَ کي چيم "مائي ۽ ٻار کي "البيت" ڳوٺ تائين پهچائڻ ۾ مون کي مدد ڏي، پوءِ تون ڇٽل آهين.

هن ڪر ڪندي، ڪيٻائيندي، قبول ڪيو. اسان واري وٺيءَ سان مائيءَ کي ڪلهي تي کڻي واپس اچي ان وسنديءَ ۾ پهتاسين.

شيدي وري حج ڏانهن روانو ٿيو. مان مائي ۽ ٻار سميت عرب جي گهر وڃي پهتس. هنن کي احوال ٻڌايم. هيءَ قوم مهمان نواز ته آهي. اسان جي ڏاڍي مرحبا ڪين ۽ همدردي ڏيکارين. هڪ دائي ۽ هڪ حڪيم جي دوا دارون، ۽ منهنجي ٽهل ٽڪور سان مائيءَ جي صحت سڌرڻ لڳي. مهيني کن ۾ هوءَ نوبني ٿي وئي. ٻار جي حالت به سني ٿي وئي.

پوءِ ٻنهي کي ساڻ ڪري، سفر لتاڙيندو، اچي سنڌ ۾ پهتس. مائي کي پنهنجي ڳوٺ مائٽن سان وڃي ملايم.

اهو واقعو ٻڌي ۽ مائيءَ کي سلامت ڏسي هن جا عزيز ڏاڍو خوش ٿيا. انهن کي خوش ڏسي، مون کي به روحاني خوشي حاصل ٿي.

مون حاجيءَ کان پڇيو "يلا هن جي مڙس جو ڪو پتو پيو؟"

چيائين "هائو، هو به ٿورن ڏينهن ڪانپوءِ واپس اچي پهتو. هن ٻڌايو ته هو پاڻيءَ جي ڳولا ۾ نڪتو، پر زال جي حالت ڪري، گهٻراهٽ ۾ هوش حواس وڃائي وينو، ۽ رستو ڀلجي الائي ڪٿان جو ڪٿي وڃي نڪتو. ڪيترائي ڏينهن ڀٽڪندو رهيو، ۽ سٺن ڏينهن ڪانپوءِ وڃي واپس ساڳئي جهنگ ۾ پهتو، پر اتي زال جو ڪو نشان هٿ ڪو نه آيس. هو پوئتي موٽڻ بدران، اڳيرو وارن ڳوٺن ۾ جوءِ جي پڇا ڪندو رهيو. نيٺ نا اميد ٿي سنڌ جو رخ رکيائين."

پڇاڙيءَ ۾ حاجي صاحب چيو ”سائين، مون ان کان اڳ ٻہ چار حج ڪيا هئا، پر انهن ۾ ايڏي خوشي ۽ روحاني راحت حاصل نہ ٿي هئي، جيڏي هن عورت کي ٻچائڻ ۽ ٿهل ٽڪور ڪرڻ ۾ ٿي.“

⋆

خانواهڻ، ٣ – نومبر 1944ع
مهراڻ : جولاءِ 1947ع

پيٽ ۾ دل ۽ پيار

★

نصيبان جي شادي هن جي ڄمڻ کان پنج سال اڳي ٿي هئي! ڇو، اوهان کي عجب لڳو؟ ان ۾ ڀلا عجب جي ڪهڙي ڳالهه آهي. ڇا، اوهين پنهنجي سنڌي ماڻهن جي رسمن رواجن کان بہ غير واقف آهيو؟ ڇا، اوهان کي خبر ڪانهي تہ اسان جي پياريءَ سنڌڙيءَ ۾ ڄمڻ کان اڳ ۽ مرڻ ڪانپوءِ بہ شاديون ٿينديون آهن؟ خير، مرڻ پڄاڻا شادي تہ پيرن فقيرن ۽ قلندر گھوٽ جهڙن ولين جي حصي ۾ آئي آهي، اسان گنهگار بندن کي اهڙي سعادت ڪٿان ٿي نصيب ٿئي، البت ڄمڻ کان اڳ پرڻو اسان جهڙن غريبن جو بہ ڪڏهن ڪڏهن ٿي ويندو آهي.

ها، سو مون ڳالهه ٿي ڪئي تہ نصيبان اڃا ڄائي ئي ڪا نہ هئي جو هن جي شادي ٿي گذري. اهو هن طرح، جو هن جي پيءُ وليداد، سهراب کي پيٽ لکي ڏنو هو. اوهين وري پڇندؤ تہ هي ”پيٽ لکي ڏيڻ“ ڪهڙي بلا آهي؟ ائين نہ سمجهجو تہ وليداد، سهراب جي پيٽ تي ڪجھ لکيو هو، يا ڪنهن ڪاغذ يا وڻ جي پن تي ”پيٽ“ جو لفظ لکي ڏنو هو، جهڙيءَ طرح ملان موسو حج واري ڏينهن گيدوڙيءَ جي پنن تي ڪلمو لکي، ڏهين – ڏهين پيسين ڏيندو آهي. پر اوهين تہ سنڌي پائر آهيو، اوهان کي تہ سيڪا سڌ هوندي. ها، البت ولائتي صاحبلوڪن جي سمجھ ۾ هيءَ پيٽ جي پرولي نہ اچي تہ ٻي ڳالهہ آهي.

واقعو هن ريت هو تہ وليداد پنهنجي پٽ عثمان واسطي سهراب کان ڏيءَ جو سگ گهريو. سهراب سگ ڏنو، پر وليداد کان واعدو ورتائين تہ هن کي جا پهرين ڏيءَ ڄمندي، سان هن جي پٽ سومر سان پرڻائيندو. اهو ئي آهي ”پيٽ لکي ڏيڻ.“

سومر ان وقت ٻارهن ورهين جو هو. تنهن وقت وليداد جي گهر واري حمل سان هئي. سهراب کان وڏي اميد هئي تہ ڇوڪري ڄمندي، پر ڄائو ڇوڪرو! ان بعد، وليداد جي گهر ۾ ٻيو ٻار ساڍن ڇئن سالن ڪانپوءِ پيدا ٿيو، ۽ اها هئي نصيبان. سهراب جي گهر ۾ شادمانو ٿي ويو، ڄڻ تہ ڪنهن ٻڍي بادشاهہ جي گهر ۾ وليعهد جو جنم ٿيو هو.

هاڻي تہ اوهين سمجهي ويا هوندا تہ ڪهڙي نموني نصيبان جو رشتو ان وقت طي ٿيو، جنهن وقت هوءَ ڪٿي بہ ڪا نہ هئي؛ نہ هن دنيا جي پيٽ ۾ ۽ نہ ماءُ جي پيٽ ۾ ...... مگر اها ڪا خراب ڳالهه ٿورو ئي آهي! اها تہ هن واسطي وڏي نعمت هئي. اڄ مڙس ملن ڪٿي ٿا! نصيبان کي تہ پنهنجن نصيبن تي ناز ڪرڻ گهرجي جو ڄمڻ کان اڳ ئي مڙس ملي ويس. نہ تہ اسين ڏسون ڪين وينا تہ عورتون مڙس ملڻ جي اوسيئڙي ۾ چاليهہ – چاليهہ سال، پنجاهہ – پنجاهہ سال ڪاٽي ڇڪيون آهن، وار اڇا ٿي وين، ٻتيهي ڀڄي پين، سڙي سُڪي ڪندا ٿي ويون، پر مڙس نصيب ڪو نہ ٿين. جي ڪن لائون لڌيون، تہ بہ قرآن سان. ڪيترين ئي واجھ واجهائي، تڙپي تڙپي مري ڪپي ويون. اڃهو، منهنجي

پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي ته اهڙيون آهن ___ سائين ڪرڙ شاهه پير جون اڻ ئي ڏيئر اڃا ڪنواريون وينيون آهن. وڏي پنجتاليهن ورهين جي آهي، ٻيون درجي بدرجي هن ڪان عمر ۾ گهٽ، پر ساماٽل سيئي آهن.

اها جدا ڳالهه آهي ته پير صاحب پاڻ پنجهٺ ورهين جي ڄمار ۾ ٻه ڇئن زالن جا پتار آهن. هو ته آهن ڪانيءَ ڪرامت جا صاحب، سندن جُتيءَ ۾ ڪنهن جو پير پوندو. هي ته چار آهن، جي چاليهه هجن ته ٻه سيني کي فيض رسائين. باقي ڏيئن جي معاملي ۾ سندن ڪهڙو قصور. مرد ته گهٽيئي آهن، پر ڪين پنهنجي عالي نسب ۽اوچي مرتبي جو ٻه ته خيال رکڻو آهي. ڪو ڪوري موچي ته ڪونهي جو اکيون ٻوٽي پنهنجون نياڻيون پرڻائي ڇڏيندو!

هوڏانهن وڏيري ڪبڙ خان جي ڏيءَ ٻه ٽيهن سالن جي عمر ۾ اڃا اٽپرٽيل آهي. يلا وڏيري جو ڪهڙو ڏوهه، هن کي پنهنجي ملڪيت جو ٻه خيال ڪرڻو آهي. ڪنهن سڃي پينگئي سان پنهنجيءَ نياڻيءَ جو پلئه اٽڪائي، گلا ته ڪو نه ڪٽندو. انسان جي آهي عزت، ڪنهن هاريءَ ناريءَکي ٻه پاڻ جهڙو ڪيائين ته پوءِ وڏيرپ ڪهڙي ڪم جي! هيءَ خبر ٻه ته ڳوٺ جي سيني رهاڪن کي آهي ته ڪجهه سال اڳي، وڏيري جي اهي ڏيءَ سندن ٻيلي، خميسي سان پڄي ٽي ويئي، پر هو ڳوٺ جي ٻاهران ئي پڪڙجي پيا.

ها، ته جنهن وقت نصيبان جائي، ان وقت هن جي هئٹهار مڙس جي عمر سترهن سال هئي، ۽ جڏهن چوڏهين سال ۾ پير پاتائين ۽ ساماڻي، ان وقت هن جو مڙس ايڪٽيهن ورهين جو ٿي ويو پر اها ڪا وڏي عمر ٿورئي هئي. ماڻهو ته پنهنجيون پندرهن سورهن سالن جون نياڻيون، سٺ پنجهٺ ورهين جي پوڙهي سان پرڻائڻ ڪان ٻه ڪين ڪيٻائيندا آهن. اڃهو، علوءَ جو ئي مثال ونو. ڏيڏس جي عمر تيرهن سال هئي ۽ اڃا پوريءَ طرح بالغ ٻه ڪا نه ٿي هئي ته سيٺ عمر، ساڳئي وقت زميندار ٻه آهي ۽ شهر ۾ وڏو دڪان پڻ اٿس، عمرسٺ سالن ڪان مٿي ٿينديس، تنهن کي پرڻائي ڏنائين. اها ٻي ڳالهه هئي ته علوءَ کي سيٺ کان ٻن هزارن جي سٽيي رقم ملي هئي. ويچارو گهرجائو هو، انهيءَ ڪري ڌيءَ لاءِ ان ڪان وڌيڪ ڪجهه ڪري ڪين سگهيو.

خير، قصو ايستائين پهتو هو ته نصيبان جوانيءَ ۾ قدم رکيو، ۽ هن جو هٺ سومر کي سونپڻ جا سانباها ٿيڻ لڳا.

حقيقت هيءَ آهي ته ڄمڻ کان اڳ جي شادي ۽ جوان ٿيڻ ڪانپوءِ پرڻي ۾ مون کي گهڻو فرق نظر ڪو نه ٿو اچي. چو ته هتي مرد ۽ عورت هڪٻئي کي پسند ڪري پوءِ ڪو نه پرڻبا آهن؛ انهيءَ ڪري شادي ڪڏهن ٻه ٿئي، گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ڳالهه ساڳي آهي. اهو رشتوته مائٽ ئي نبيريندا آهن. يلا مائٽ پنهنجي اولاد جو مَنو ٿورو ئي گهرندا. هو ته هر حال ۾ سندن ڀلوئي چاهيندا آهن. البت انسان آهي، ضرور خاندان جي خيال رکڻو پوي

ٿو، غريبي اميري ڏسڻي پوي ٿي.آخر عزت بہ ڪا شئي آهي، پوءِ ان کي سلامت رکڻ لاءِ جي ڏيءَ يا پٽ جي حياتيءَ جي قرباني ڏيڻي پئي تہ بہ گهوريو.

ها، سو مون ٿي چيو تہ سومر سان نصيبان جي وهانءَ جي تياري ٿيڻ لڳي. پر ترسو ___ مون اوهان کي نصيبان جي "پيٽ" جي تہ ڳالهہ ٻڌائي، پر اجا سندس "دل" جو داستان ڪو نہ ٻڌايو اٿم.

حميد هن جو سڳو سوٽ هو. حميد نصيبان کان ٽي سال وڏو هو. ٻيئي گڏ نپنا هئا، گڏ کيڏيا هئا، ۽ شايد نظرن ئي نظرن ۾ ساري حياتي گڏ رهڻ جو انجام پڻ ڪيو هئائون. جڏهن جوانيءَ ۾ قدم رکيائون ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ تي محسوس ٿين تہ هو هڪٻئي جا بنجي ڪين سگهندا، تڏهن هنن جا ڇهہ ئي ڇڄي پيا. "پيٽ" فولاد جي ديوار بڻجي هنن جي درميان ٿي بيٺو.

نصيبان جي پيءُ ماءُ کي بہ اهو احساس ٿيو تہ ٻنهي سوٽن جو پاڻ ۾ نڪاح پڙهائڻ ئي چڱي ڳالهہ ٿيندي؛ پر ڪجي ڪين سگهيا. لکئي جا ليک آهن. ڪنهن کي ڄاڻ هئي تہ پيٽ لکي ڏيڻ کانپوءِ، حميد پيدا ٿيندو، جو ناهوڪو جوان هوندو ۽ نصيبان تي نثار ويندو. هو تہ زبان ڪري چڪا هئا، انهيءَ ڪري نصيبان جي ٻانهن سومرجي حوالي ڪرڻي هين، نہ تہ برادريءَ وارا ڇا چوندا، پنهنجو پرائو ٺڪون هڻندو تہ سومر هنن واسطي ويهہ سال انتظار ڪيو، ۽ هي عين موقعي تي ڦري ٿا وڃن. بس، هاڻي ڪجهہ نہ ٿيندو، ڇوڪريءَ جي قسمت ئي اهڙي هئي.

سومر بدمعاش ۽ رولو بڻجي پيو هو. ڀلا ايڏيءَ وڏيءَ عمر تائين ڇڙو رهڻ جو ٻيو کهڙو بهتر نتيجو نڪرندو. هن جي چال جو ڪٿڪو وليداد جي اندر کي بہ کائي رهيو هو، پر هو بيوس هو؛ زبان ڏيئي وينو هو، ۽ ڇوڪريءَ جي پاڳن ۾ ائين لکيل هو.

پر حميد ۽ نصيبان هڪٻئي کي پيار ڪندا هئا. هنن قسمت سان ٽڪر کائڻ ٿي چاهيو. هنن سماج سان بغاوت ڪرڻ جي سٽ سٽي. هنن فيصلو ڪيو تہ نڪاح کان اول ئي ڀڄي نڪرجي. ان رات، جنهن رات هو ڀڄڻ وارا هئا، ۽ حميد وهٽ جو بندوبست ڪرڻ ويو هو، سو اتان ڪو نہ موٽيو. صبح جو سندس لاش لڌائون. ان کان اٺ ڏينهن پوءِ، نصيبان جي سومر سان شادي ٿي گذري. پهرينءَ رات سومر نصيبان کي جا شاديءَ جي سوکڙي ڏني، سا هيءَ هئي: اڪيلائي حاصل ٿيڻ سان، هن پنهنجن ٻنهي هٿن کي گهوگهي ڏيڻ جي انداز ۾ ناهي، نصيبان کي ڏيکاري چيو. "تنهنجي يار جو هنن ئي بازن خاتمو آندو هو!"

نصيبان هاڻي سومر جي نڪاح ٻڌي زال آهي. سومر هن تي ڏاڍيون سختيون ڪندو آهي، توري گهٽي تي ماريندو آهي، ۽ ذري ذري تي حميد جو طعنو هڻندو آهي، نصيبان جي مائٽن مٿن پيٽ لکي ڏنو هو، ان ڪري هن جو پيٽ تہ ضرور سومر جي

حوالي آهي، مگر سندس دل سومر سان ڪانهي. اها سومر کي لکي ڪا نه ڏني ويئي هئي.

★

خانواهڻ 14 – **مئي** 1955ع
نئين زندگي : **نومبر** 1971ع

سنڌي ساهرا

★

پنهنجن مان توڙي پراون مان، ڪو بہ عظيم سان پلؤ اٽڪائڻ لاءِ تيار نہ هو. هن جي پيءُ سليمان، پنهنجي وسان ڪين گهٽايو. جڏهن هن جي پائتي ساماٽي، تڏهن پنهنجي پاءُ ڪان عظيم واسطي گهريائين، پر پنهنجو رت هوندي بہ هن صفا انڪار ڪري ڇڏيو هو. ٻن ٻين همذات وارن مان ڪوشش ڪيائين؛ پر ڪنهن بہ هائو نہ ڪئي. غير ذات وارن وٽ جتيون گسايائين، مگر ڪڙتيل ڪو نہ نڪتو.

سليمان، پينشن بردار پوليس جمعدار هو. ٽيهہ جريب زمين ٽڪر هوس ۽ مال متاع بہ چڱو چوکو هوس. عظيم اسڪول ۾ ماستر هو. هو ڳوٺ ۾ مالدار توڙي معزز ليکيا ويندا هئا. ان هوندي بہ عظيم سان ڪو شخص پنهنجي نياٽي پرڻائڻ لاءِ تيار نہ هو.

عظيم جو بدن بي ڍولو ۽ ٿلهو هو، رنگ ڪارو ڪوئلو، پيٽ بمبئيءَ جي وياج خور سيٺ وانگر ٻاهر نڪتل ۽ لڙڪيل، مٿيون چپ سهي جهڙو سڄي پاسي ڪان چيريل، نڪ ائين هو جڻ تہ ڪنهن مٽيءَ جو چاٺو ڪٽي چهري تي ٿڦيو هوس: ايتري تي بہ بس ڪا نہ هئي؛ هو هڪ اک ڪان ڪاڻو هو. اها اک هڪ جهڳڙي ۾ وڃائي هئائين، جڏهن ننڍو هو، تڏهن هڪ چوڪر سان تڪرار ٿي پيس. هي پلا ٿلهو متارو، هڪدم هن کي ٿڦڙ وهائي ڪڍيائين. چوڪر ڏنو تہ هن وهڙي سان سڌي طرح پڄڻ تہ محال آهي، سو ڪيائين هم نہ تم، ڪٽي سروٽو نڪاءُ ڪيائينس ٻوٺ ۾. سروٽو وڃي ڪاٻي اک تي لڳس. تارو ئي ٻاهر نڪري آيس.

هن جي پوائتي شڪل جو ويچاري، هر ڪو پنهنجي نياٽيءَ تي کهل آڻيندو هو. سليمان، بہ هزار ٽي هزار روڪ پيسن جي بہ آڇ ڪئي، پر ڪنهن ڪين مڃيو، عظيم جي عمر وڏي ٿيندي ٿي ويئي.

پاڪستان ڇا بنيو، هتي جي چڙن واسطي رحمت جا دروازا کلي ويا. ڪيترن ئي نڌڪن ۽ سماج جي ستايلن جي اجڙيل باغ ۾ بهار جون اميدون جا ڳڻ لڳيون، هندستان مان پناهگيرن جو سيلاب اچڻ شروع ٿي ويو. ڪيترائي ماڻهو، ٿورن پيسن ۾ پناهگير عورتون وٺي پرڻجي وينا.

اسان جي ديس ۾ عورتون ۽ چوڪريون بہ تہ ڍڳن ڍورن ۽ واپار جي وٿ وانگر وڪامنديون آهن. جهڙيءَ ريت ڪنهن شيءِ جي پيداوار وڌندي آهي، يا واپاري ڪٿي پوندو آهي، ۽ مال جلدي نيڪال ڪرڻ چاهيندو آهي، تڏهن اهو مال سستي ملهہ وڪامندو آهي. آيل پناهگيرن ۾ جيئن تہ ڪيتريون بيوهہ ۽ يتيم ٻڏجي آيون، ان ڪري عورتن

جي تعداد ۾ واڌ ٿي. تنهن ڪانسواءِ ڪيترن بدمعاش اهڙن بيوس عورتن کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائي هتي آندو، ۽ انهن جو وڪرو ڪري پنهنجا کيسا گرم ڪيا.

عظيم جي اونداهي سنسار ۾، اميدن جو نئون سج اڀريو. سندن هڪ مائٽ حيدرآباد ۾ رهندو هو. هن کي پنهنجي مطلب جي ڳالهه لکي موڪليائون. هنن جلد ئي جواب ڏنن ته هڪ شخص ڇهن سون ۾ پنهنجي ڪنواري ڌيءُ ڏيڻ لاءِ تيار آهي، توهين هڪدم هليا اچو. هنن به اتي پهچڻ ۾ دير ڪو نه ڪئي. پر جڏهن ڪنوار جي پيءُ گهوٽ جي شڪل شبيهه ڏٺي، تڏهن وڏيڪ ڳالهين ڪرڻ کان انڪار ڪيائين.

عظيم جي هٿن مان ڄڻ ڪجهه ڪري پيو. سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي ويس. مگر خدا جي مهربانيءَ سان پناهگير تورا ڪو نه هئا. ماڪڙ وانگر ملڪ تي ڇائجندا ٿي ويا. هنن همت نه هاري ۽ ٻين جهوپڙين ۾ تلاش ڪندا رهيا. نيٺ هٽي وڃي هنڌ ڪيائون، هڪ همراهه وٽ پنهنجي رنڙ ياجائي هئي. ماستر جي پوائتي شڪل ڏسي به هو ڪو نه هٻڪيو. سودو مهانگو نه هو. زال ۽ ياجائي جي ڪلڪل کان به جند ڇٽندي، پنج سؤ روڪ به ملندا ۽ گهر ۾ ڪارائڻ لاءِ هڪ بيڪار ياتي به گهٽ ٿيندو.

ماستر جو گهر آباد ٿي ويو. هو ڏاڍو خوش هو. پر سگهو ئي گهر وارن جي ڪيفيت عجيب بڻجي پئي. نه هو پيا ڪنيز جي زبان سمجهن، ۽ نه هوءَ هنن جي. ڪنيز هئي طبيعت جي تيز ۽ ڳالهائڻ جي تکي، توري گهٽي ڳالهه، جا سندس مزاج خلاف ٿيندي هئي ته ونني وائويلا مچائيندي هئي، ڏاڍيان ڳالهائيندي هئي ۽ پٽ پاراتا ڏيندي هئي.

عظيم جي ماءُ، اوڙي پاڙي جهيڙا ڪار هئي. جنهن سان لڙائي ٿيندي هئس، ان کي پوپٽيون پڙهائي ڇڏيندي هئي، ان جو تڏو ئي ڪٽائي ڇڏيندي هئي. مگر ڪنيز آڏو، هن جي دال ئي ڳري نه سگهي. جنهن وقت هن جي زبان قينچيءَ وانگر هلڻ شروع ڪندي هئي، تنهن وقت ڪنهن کي وٽ ڇو ٿي ڏئي!

بعضي بعضي ته ايئن ٿيندو هو، جو گهر وارن کي اهو به پتو ڪو نه پوندو هو ته ڪنيز ڪاوڙي ڪهڙي ڳالهه تي آهي، ڇا پئي چوي ۽ ڪنهن تي پئي ڇوهه ڇندي؟ دٻي ۾ نڪريون. سيئي هڪ ٻئي ڏي نهاريندا رهجي ويندا هئا. عظيم ويچارو ته شرم ۾ ٻڏي ويندو هو. هن کي چُپ ڪرائڻ جا هڙئي حيلا هلائيندو هو: پر سڀ اجايا. آخر ٻانهون ٻڌي گاڏڙ ٻوليءَ ۾ چوندو هوس "يلا بات ته آهستي ڪرو، پاڙي وارا سن لينگي." اهو ٻڌي ڪنيز پاڙي وارن کي به چار گاريون ڏئي وٺندي هئي. مشين گن جي سامهون جو ايندو، سو ڪٿي ٿو بچي. مڙني جو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيائين.

ڪنيز کي نئين ماحول جي ڪا به ڳالهه ڪا نه ٿي آئڙي. گهر وارن جي هر چيز تي هوءَ ننولي ڪندي هئي. هتي جي ماڻهن ۽ رسمن کان بچان ٿي آيس. هر معاملي ۾ چوندي هئي ته اسان جو ملڪ هينءَ، اسان جو ملڪ هونءَ.

هوءَ گهٽو ڪري مڙني ملڻ وارين کي ٻڌائيندي هئي ته اتي هندستان ۾ اسين لکن جا مالڪ هئاسين، ڏهه ڏهه نوڪر پيا ڦرندا هئا، هن گهر جهڙا ته اسان جا ڪاڪوس هوندا هئا، ٻاهر سدائين عاليشان بگين ۾ نڪرندا هئاسين ۽ ڪڏهن به زمين تي پير نه رکيوسين. اسان جي قسمت ڦٽي، جو جهوپڙين ۾ اچي پياسين؛ ۽ پوءِ اچي رئڻ ۾ چٽڪندي هئي.

هڪ ڏينهن هن جي نڻان، پنهنجي ساهيڙيءَ کي ٻڌايو ”اسان ڪنيز کي پنج ڇهه وڳا سبرائي ڏنا آهن، پر هن جا ڪپڙا ڏاڍا ميرا ٿي ويندا آهن، تڏهن به انهن کي مٽائڻ جو خيال ڪو نه ڏيکاريندي آهي. هڪ دفعي مون سندس ڏيان ميرن ڪپڙن ڏي ڇڪايو ته چوڻ لڳي ته اتي اسين جيڪو نئون ڪپڙو پهريندا هئاسين، اهو وري لاهيندا تڏهن هئاسين، جڏهن صفا ليڙون ليڙون ٿي ويندو هو. ان کي ڌئڻ جي تڪليف به ڪو نه وٺندا هئاسين. هوندو ئي جو هڪڙو جوڙو هو.“ ۽ ٻئي ساهيڙيون ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳيون.

گهر جا سڀ ماڻهو، هن جي لاڏ ڪوڏ ڪڍڻ، ۽ هن کي راضي رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندا هئا. مس مس ته سندن پٽ جو گهر آباد ٿيو هو. هن کي ڳيپل ڳهه ۽ ڪپڙا نهرائي ڏنا ويا هئا. هن جي هر طلب پوري ڪئي ويندي هئي. گهر جو خرچ پکو هلائڻ هن جي حوالي هو هوءَ گهر ڏياڻي هئي.

هن جي سس ڏاڍو سڙندي هئي. منهن تي ڪجهه ڪڇڻ جي جرئت ڪا نه هئس، پر پرپٺ ٻين ماين سان هن جي گلا ڪري، اندر جي ٻاهه ڪڍندي هئي.

”چوي ٿي ته هتي جا ماڻهو اڻ سڌريل آهن: يلا پاڻ وري ڪهڙيل سڌريل آهي. مُئي واتراڏي، سڄي ڳوٺ ۾ اسان کي ڪٺي بدنام ڪيو اٿس. چسيري ۽ ڪاٺ اهڙي آهي، جو اسان جو گهر ڪٺائي ڇڏيو اٿائين. ڪنيءَ رن اڳي ته ڪو زيور ڏنو به ڪو هوندو ۽ هاڻ هر مهيني انگل پئي ڪري ته فلاڻو فلاڻو زيور جوڙائي ڏيو.

”چوندي آهي ته اسين محلن ۾ رهندا هئاسين، ۽ ست رشيون کائيندا هئاسين، ڪوڙي ڪنهن جاءِ جي. سنڌي خالص گيهه جي ته بوءِ به نه ٿي وٽيس، ياڄي پسند اها اڇيس جا سرنهن جي تيل ۾ پڪل هڄي ۽ ٻڪ مرچن جو پيل هجيس. صفائيءَ جي ته دشمن آهي. محلن ۾ رهڻ واريون پري پري کان پڌريون. هيءَ ڪوڄهي ڇا رهي هوندي محلن ۾!“

هن کي ڪنيز جي پان کائڻ واري عادت تي ڏاڍي خار ايندي هئي. چوڻ لڳي ”پان کائڻ جي ڪهڙي نه ڪني عادت اٿس، انئي پهر ڄاڙيون پيون هلنس. وات هر وقت

پڪن سان پريو پيو اٿس. ٻن ڇئن ڄڻين جي وچ ۾ ويني هوندي تہ ٻہ پئي ڳاڙهيون تڪون اڇلائيندي. تڪون اڇلائي اڇلائي در دريون، ڪپڙا لٽا، ڪٽون ۽ پيتيون ڳاڙهيون ڪري ڇڏيون اٿائين. پان ڪري ڏند اهڙا ڳاڙها ۽ گدلا اٿس جو پرسان وهڻ تي دل پئي ڪچي ٿئي ڪتان جي گرڙ اڇي اسان جي نصيبن ۾ پئي!“

شاديءَ کان اٺ مهينا پوءِ، هن جو ڏير اڇي سهڙيو، هو ڪنيز ڪي ونڻ آيو هو تہ ڪجھہ ڏينهن لاءِ هلي وڃن رهي. ماستر وارا تہ ڪنوار جي هر ناز برداريءَ لاءِ تيار هئا. هنن خوشيءَ سان موڪل ڏني. ڪنوار تيارين ۾ لڳي ويئي. پنهنجا سمورا ڳهہ ڳٺا، جن ۾ ڪي سونا هئا ڪي روپا، سيئي ڪپڙا ۽ پنهنجي ٻئي سامان سان ٻہ وڏيون پيتيون ڪٽي پريائين. گهر وارن سان ٻہ ڏاڍو مرڪي پئي ڳالهايائين. چيائين پئي تہ ”سمورو سامان انهيءَ ڪري تي ڪٽي وڃان تہ پنهنجي برادريءَ وارن کي ريس ڏياريان تہ منهنجي سنڌي ساهرن، مون کي ڪهڙا نہ سک ڏنا آهن، ۽ ناز نعمت سان رکيو آهي.“

هوءَ پندرهن ڏينهن جي موڪل وٺي، پنهنجي ڏير سان روانہ ٿي.

پندرهن ڏينهن گذريا، مهينو گذريو، ٻہ مهينا ٻہ گذري ويا پر نہ ڪنوار پيدا ٿي ۽ نہ هن جو ڏير ڏسڻ ۾ آيو ۽ نہ ڪري ڪا چني چپاتي آئي.

ماستر وارن جي دل ۾ ڪٽڪو جاڳيو. پهرين تہ هو ويچارڻ لڳا تہ شايد بيماري سيماري ڪري ڪو نہ آيا، پر تڏهن ٻہ ٻہ اکر لکي چو نہ ٿا موڪلين. نيٺ پنهنجي حيدرآباد واري مائٽ کي خط لکيائون تہ تون جاچ ڪري جواب ڏي. هن ڇئن ڏينهن اندر ئي ورندي لکين تہ ”مان ڳولا ۾ ويس، مگر ان جڳهہ تي نہ اها جهوپڙي هئي ۽ نہ جهوپڙيءَ وارا“

جڏهن، اهو خط، عظيم پڙهي پورو ڪيو، تڏهن، هن جي ماءُ، جنهن کي اول ئي پنهنجا ۽ پنهنجي ٻن ڏيئرن جا ڪي ڳهہ گم ٿيل نظر آيا هئا، تنهن مرڪي چيو: ”رن تہ وئي، پر رلهي ٻہ ڪٽي وئي!“

⋆

ڪراچي، ١١ — آڪٽوبر 1950ع
ماهورا هلال پاڪستان: جون 1958ع

پڙرتي ليکو : نجم عباسي

اڌ ۾ چڊيل ڪھاڻي

⋆

خانواهڻ،

25 — **جون** 1951

”هيلو ڊاڪٽر!.....“

مون بي اختيار هن آواز طرف نهاريو. آءٌ اجا هينئر ڪراچيءَ کان ڳوٺ پهتو هوس، ۽ مسافريءَ ۾ ميرا ٿيل ڪپڙا متائڻ لاءِ، پنهنجي ڏوتل سلوار ۾ اگهڙ سورٺيءَ سان اگهڙ وجهي رهيو هوس.

مون پنهنجي سامهون هن سهڻي، فيشن، واري شهري ڇوڪريءَ کي بيٺل ڏٺو. مون کي پنهنجي اکين تي اعتبار ڪو نه آيو. ڇا آءٌ ڪو خواب ته ڪو نه ڏسي رهيو آهيان؟.... دوزخ ۾ حور ڪٿان آئي! برپٽ ۾ گلاب ڪيئن اپريو! گودڙيءَ ۾ لعل ڪھڙيءَ ريت آيو! هن سُڃي واهڻ ۾ هيءَ ڪاليجي نازنين ڪٿان نازل ٿي؟

نه فقط ايترو، پر هوءَ مون کي اهڙي گهرائپ مان ڪيڪاري رهي هئي، جو ڄڻ ته ورهين جي واقف ٿئي. آءٌ ته هن حيرت ۾ اهڙو محو ٿي ويس، جو هن جي سلام جي جواب ڏيڻ جي سمک ڪو نه رهيم. هن جي منهن تي مرڪ هئي؛ اکيون مليون، مگر جلد ئي جهڪي ويون. وڏيک سوچڻ جو موقعو ڪو نه مليو. ڏاڏي ڪريم ڏني ماءُ آڏو اچي هڪدم چوڻ شروع ڪيو ”پٽ، هيءَ گل بانو اسان جي نئين مائٽياڻي اٿئي. تو وانگي حيدرآباد ۾ وڏي اسڪول ۾ پڙهندي آهي. هينئر هتي اسان وٽ ڪجھ ڏينهن ٽڪڻ آئي آهي. اسين ته آهيون ٻڊيون ۽ اڻ پڙهيل، انهيءَ ڪري اسان سان ته دل لڳيس ئي ڪا نه ٿي. تنهن ڪري تنهنجي اچڻ جا ڏينهن پئي ڳڻيندي هئي، خدا ڪيو ته تون ٻه خير سان اچي وئين. هاڻي دل وندري رهنديس.“

مون محسوس ڪيو ته پوڙهيءَ پويان اکر ٻي دليو تي چيا. ڄڻ ته چوڻ نه ٿي چاهيائين، پر دل تي پٿر رکي چئي وئي.

ٻگهڙ کي ڇيو هئاون ته ٻڪرين سان ويندين، ته ٻئي هٿ ڪٽي اکين تي رکيا هئائين. آءٌ ٻه ڳوٺ ايندو هوس ته اباڻڪو تي پوندو هوس. ڏينهن ئي وڏي پوندا هئا. ڪا ٻه دلچسپيءَ جي شيءِ نظر ڪا نه ايندي هئي. اج پڻ ساري واٽ ڳڻتيون ڪائيندو پئي آيس ته هيءِ ڏکي موڪل ڪيئن گذرندي. ڏاڏيءَ جي ڳالهين مون کي ڏڍ ڏنو.

مون گل بانوءَ ڏي مهڙ ڪري چيو ”ويري گليڊٽ، سي يو.“

هوءَ مون ڏانهن شرميلي نگاهن سان نهاري رهي هئي. هن جو بدن ڊولائتو ۽ خوبصورت هو.

پڙ تي ليڪو : نجم عباسي

امان جي چهري مان محسوس ڪيم تہ هن کي اسان جي هيءَ گٽ مٽ ۽ ڪلي ڳالهائڻ نہ ٿي آئڙيو. اهڙي طرح سان ڏاڏي بہ ڏاڍي سوچ ويچار ۾ پئي ڏٺي.

ڏاڏيءَ ڪراچيءَ جي ٿوري گهڻي خبرچار پڇي. پوءِ ٿورو ترسي، گل بانوءَ کي ڏاڍي پاٻوهہ مان چيائين تہ ”جيجل، هاڻي هل تہ گهر هلون. ابو بہ ٽڪجي تني آيو هوندو، پلي چيلهہ ڊگهي ڪري تازو توانو ٿئي. وري سياڻي اچي ڳالهيون ٻولهيون ڪجانس.“

گل بانوءَ نهہ پهہ وراڻي ڏنس ”ڏاڏي تون هل، مان پوءِ، ايندس.“

ڏنم تہ ڪُراڙي هڪي ٻڪي ٿي ويئي، پر پنهنجي هٻڪ ظاهر ڪين ڪيائين، ۽ چيائين ”چڱو جيجل، مان هلان ٿي، گهر جو ڪم ڪار ٿو سيڙجي. تون وهندئي اچڻ جي ڪجانءِ.“

مون ٽڙ تڪڙ ۾ پاڻيءَ جو دلو وهائي ورتو، ۽ ڪپڙا بدلايم. پوءِ نهي نڪي گل بانوءَ سان گڏ وڃي وينس. هڪ ٻئي جي آمهون سامهون، موڙن تي ٿي ويناسين. اسان جي وچ ۾ پڳل ٽنل تپائي رکيل هئي. ايئن پئي لڳو جڻ تہ صدين کان وٺي اسين هڪ ٻئي جي تلاش ۾ هئاسون. گهڙين ۾ هڪ ٻئي سان گهائل مائل ٿي وياسين.

هن مون کي ٻڌايو تہ هوءَ انٽر سائنس جي امتحان ڏئي آئي آهي. منهنجي تہ اول ئي پچا ڪري چڪي هئي تہ مان ڊاڪٽريءَ جي ٽئين سال ۾ آهيان.

مان هن جي هاڻي چڱي چوکي چڪاس ڪري چڪو هوس. هوءَ تہ سچي ڪير، ماکي ۽ گلاب جي هئي. ڪير جهڙو اڇو رنگ، هن مان ڪير جهڙي پاڪيزگي ۽ گلاب جهڙي تازگي پئي ٽپڪي؛ گلاب جي تازي ٽڙيل مکڙيءَ جهڙي مرڪ، چپ ۽ ڳٽا گلاب، سياءُ ماکيءَ جهڙو منو، ۽ آواز ۾ ماکيءَ وارو ميناج.

مون کي هن ۾ سونهن ئي سونهن، سرهاڻ ئي سرهاڻ سرهائي ئي سرهائي، تازگي ئي تازگي، جوڀن ئي جوڀن، مرڪ ئي مرڪ، روشني ئي روشني، دلڪشي ئي دلڪشي، محبوبيت ئي محبوبيت، خوبيون ئي خوبيون نظر آيون.

منهنجي دل جو ڪنول ٽڙي پيو، منهنجي نيڻن ۾ چوڏهينءَ جو چنڊ روشن ٿي ويو، منهنجي ڪنن ۾ آشا جا گيت گونجڻ لڳا.

خبر ناهي خوابن جو ديوتا منهنجي ڪهڙي پيٽا تي پرسن ٿيو هو! چا منهنجي سپنن جو ٻيو حصو بہ حقيقت جو روپ وٺندو؟

(اڌ ۾ ڇڏيل)

حيدرآباد

30 — آگسٽ 1972

پٽر تي ليڪو : نجم عباسي

اها اڌوري ڪهاڻي، منهنجي حياتي جي صبح جو خواب هئي. اڄ ايڪيهن سالن ڪانپوءِ اها پڙهيم ۽ محسوس ڪيم تہ منهنجي حياتيءَ جي سانجهي اچي ٿي آهي، پر اها ڪهاڻي اڃا اڌوري آهي، اهو خواب اڃا خواب آهي.

اڄ بہ منهنجو تصور، منهنجو ذهن، منهنجو دماغ، منهنجي دل، منهنجا سپنا، منهنجون خواهشون ۽ منهنجا امنگ، ان اڌوري ڪهاڻيءَ واري سورميءَ جي طلب ۽ تلاش ۾ تڙڦندي، جاڳيل خوابن، خيالي پلائن، هوائي قلعن ۽ لکيل ڪهاڻين جو روپ وٺندا رهن ٿا.

★

جمن موچيءَ جي شادي

⋆

جمن جي پيءُ ان وقت وفات ڪئي، جڏهن جمن اڃا هڪ سال جو مس هو. هنن جو ڪو به اوهي واهي ڪو نه هو، انهيءَ ڪري مجبور ٿي، ماءُ کي هٿ پير هلائڻا پيا. هوءَ، پاڙي وارن جو اٽو پيهڻ، ڪپڙا سبڻ ۽ ٻيو گهرو ڪم ڪندي هئي. انهن وٽان جي چار ڏوڪڙ ملندا هئس، تن مان پئي پورت ڪندي هئي.

اڃا ٻه سال به ڪين گذريا ته مائيءَ کي سلهه اچي سوگهو جهليو، ۽ جنهن کي هن نهوڙي نيو. هوءَ ٽن ورهين جي معصوم ٻار کي ڇورو ڇڏي رمندي رهي. مرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، پنهنجي پاڙي واري رحمت ماءُ کي سڏائي چيو هئائين ته: ”ادي، رحمت ماءُ! منهنجو وقت اچي پريو آهي، ڏينهن به مس ڪيان. منهنجو جمن توکي پرتو اٿئي. هن ڇورڙي ٻار جو ٻيو ڪير به ڪونهي. ڌڻي توکي درجا ڏيندو. ڇڏي نه ڏجانس.“

ڪا ٻي مهل هجي ها ته رحمت ماءُ اصل ڪين قبول ڪري ها، پر مرندڙ ماءُ کي آٿت ڏيڻو ئي پيس.

جيتوڻيڪ هوءَ مڇيءَ مانيءَ واري هئي، پر پرائي ننڍڙي ٻار کي پالڻ، هن جي طبيعت گوارا نه ٿي ڪيو.

جمن يتيم ٿي ويو. پيءُ جو سايو ته اول ئي ڪڇي چڪو هو، هينئر ماءُ جي گود کان پڻ محروم ٿي ويو.

هن جو پيءُ جيئرو هجي ها ته اسڪول ڪٿي نه به موڪليس ها، ته به گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي پاسي ۾ وهاري، اباڻو ڌاڌاڻو ڏنڌو ته سيکاريس ها، ۽ هو پيٽ قوت ڪمائڻ جي لائق ٿي وڃي ها.

اڃا هو هلڻ چلڻ جهڙو مس ٿيو ته رحمت ماءُ، هن کان گهر ۽ ٻاهر جو ڪم وٺڻ شروع ڪيو. ڪانيون ڪري اچڻ، پاڻي پرڻ، ٻهاري ڏيڻ، سودو سلف وٺي اچڻ ۽ ٻيا اهڙا سنها ٿلها ڪم هن کي ڪرڻا پوندا هئا. ماني ٽوري ملندي هئس، ۽ ڪم گهڻو ڪرڻو پوندو هئس. ان سان گڏ وري چار ئي پهر پوڙهيءَ جو پٽ پاراتو، ڇڙٻون ۽ مارڪٽ. ويچارو گڏهه وانگر پيو وهندو هو.

هن جي عمر ٻارهن سال اچي ٿي. ٻڍي رحمت ماءُ جو وهنوار، هن جي سهڻ کان ٻاهر ٿي چڪو هو، ۽ هڪ ڏينهن، هو ڀڄي نڪتو.

ڪنهن ٻئي پاسي ڪو نه ويو. ان ڳوٺ جي وڏيري وٽ وڃي ٻيلي ٿي ويٺو. هو وڏيري جي اوطاق جي چند ڦوڪ ڪندو هو، ۽ ايندڙ ويندڙ مهمانن جي ٽهل ٽڪور پڻ. ان کان سواءِ حويليءَ جي نوڪري پڻ ڏيندو هو، ۽ وڏيري جي ننڍي نينگر کي گهمائڻ ۽

پرچائڻ بہ هن جي بلي هو. ان جي اجوري ۾ وڏيرو هن کي رکي سکي ماني بہ ڏيندو هو، ۽ پراڻا لاٽل ڪپڙا بہ عنايت ڪندو هو، تنهن ڪانسواءِ مهيني ۾ چار رپيا کيسي خرچي پڻ.

جمن جوانيءَ ۾ قدم رکيو. نوان امنگ، نيون خواهشون ۽ نوان جذبا ڇوليون مارڻ لڳا. مگر هو غريب هو. هي جو ٿورو گهڻو اٿو ۽ لٿو ميسر ٿي ٿيو، اهائي نعمت هئي. وڌيڪ جي آرزو ڪيئن ڪري؟ مگر جوانيءَ جو جوش ڪٿي ٿو وهڻ ڏئي!

هن چوڌاري نظر ڊوڙائي. ڪو بہ هن جو همراز ۽ همدرد ڪو نہ هو. ڪنهن کي بہ هو پنهنجو ڇئي نہ ٿي سگهيو. پوءِ ڇا هو ساري عمر اڪيلو ۽ بي يار گذاريندو؟ ڇا هو ڪڏهن بہ پنهنجو گهر وسائي ڪين سگهندو؟ ڇا ڪڏهن بہ هن کي زال ۽ اولاد حاصل نہ ٿيندا؟

هن کي ڪا بہ واهہ نظر نہ آئي. پر هو نوجوان هو، ۽ گهير ۾ گهڙي، قسمت سان لڙڻ ڪان نہ ٿي ڪيٻايائين. ”ڇو نہ ڪو اهڙو رستو اختيار ڪريان، جو مون وٽ ڪجهہ پيسا گڏ ٿي سگهن. زماني جو ڏِيو سون چانديءَ جي تيل سان ٻري ٿو.“ هن سوچيو.

ٻئي ڏينهن هو وڏيري جي نوڪري ڇڏي، وڃي مزوري ڪرڻ لڳو. محمود رازي هن کي پاڻ وٽ ڪم ڪرڻ جي موڪل ڏني. هو تگاري ڪٽڻ لڳو. پهرين هن کي ٻارهن آنا روزاني اجرت ملندي هئي، ۽ پوءِ پورو رپيو ملڻ لڳي. هو مهيني ۾ پنجويهہ ڇويهہ رپيا ڪمائيندو هو. ڪفايت ڪرڻ سان بہ هو مهينن ۾ ڇئن پنجن رپين ڪان وڌيڪ بچائي ڪو نہ سگهندو هو. مهانگائي بہ ڏاڍي هئي. روز بہ چار ٻيڙيون بہ پيئندو هو. بعضي بعضي بيمار بہ ٿي پوندو هو، ۽ دوا درمل تي بہ چار رپيا خرچ ٿيندا هئس. هڪ ڀيري تہ ڪم ڪندي، پڪي سر اچي ٽنگ مٿان ڪريس، ۽ ٽنگ وارو هڏو ئي ڀڄي پيس. ان ڪري بہ مهينا ساندهہ ڪم ڪري ڪو نہ سگهيو. ان عرصي اندر ميڙي چونڊي بہ ختم ٿي ويس. انهيءَ هوندي بہ پنجن ڇهن سالن ۾ ڏيڍ سو رپيا ڪنا ڪري ورتائين.

ڦوهہ جوانيءَ جو زمانو. ڏينهن تہ جيئن تيئن مصروفيت هجڻ ڪري گذري ويندو هو، مگر رات اڻ ڪٽندڙ ۽ بيقرار هوندي هئي. ٻپل رات تائين، پاسا ورائيندو رهندو هو. تصور ئي تصور ۾ هوائي قلعا جوڙيندو هو. پنهنجي گهر ٻار جا نوان نقشا چٽيندو هو. ڏينهن جو ڏٺل عورتن سان بغلگير ٿيندو هو. ڪڏهن ڏسندو هو تہ هڪ حسين محبوبڙي هن کي اک جي اشاري سان سڏي رهي آهي؛ ڪڏهن بادشاهہ ٻڻجي دنيا جي سهڻي ۾ سهڻين عورتن جي وچ ۾ وهندو هو؛ ڪڏهن جادوءَ جي ٽوپي پائي (جنهن ڪري ڪو بہ ڏسي نہ سگهي) خوبصورت ڇوڪرين کي پنهنجي دام ۾ ڦاسائيندو هو. اهڙيءَ ريت خيال ڊوڙائيندي ۽ عجيب غريب حرڪتون ڪندي، هن جو دماغ ۽ جسم ٿڪجي پوندا هئا.

انهيءَ ٿڪَ ۾ ئي ننڊ جي آغوش ۾ پهچي ويندو هو. ننڊ ۾ به اهي ئي حورون ۽ پريون پيو پسندو هو.

هڪ اهڙي ئي اداس ۽ بيچين رات جو، هو سوچڻ لڳو ته: ” آخر منهنجي هيءَ حالت ڪيستائين هلندي؟ ڇا هي منهنجو تمنائون اڌوريون رهجي وينديون؟ ڇا آءٌ اهڙي طرح ڦٿڪندي ڦٿڪندي مري ويندس! ...... نه، نه، ائين ڪيئن ٿيندو! ڪوشش ته ڪري ڏسان، ڪنهن کي چوان ته سهي.“

ڳوٺ ۾ هڪ چاچو ٻڍل ئي هو، جو هن کي شفقت جي نظر سان ڏسندو هو. چاچي ٻڍل جي، جمن جي پيءُ سان گهاٽي ياراني هوندي هئي. اهوئي سبب هو، جو هو ڪڏهن ڪڏهن جمن وٽ ايندو هو، ۽ بيماري سيماريءَ ۾ سار سنڀال لهندو هو.

چاچو هن جو احوال ٻڌي ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. ڪجهه سوچ ويچار بعد چيائين ”پٽ، ڪم ته ڏاڍو اؤکو ٿو نظر اچي. تو کي ته پنهنجي برادري آهي ئي ڪا نه. اڄ ماڻهو ڌارين ۾ ڪٿي ٿا ڌيءُ ڏين. پيسو پنجڙ به ته تو وٽ ڪو نه هوندو. خير، پٽ! مان ڪوشش ڪندس. ڏٺي مڙئي چڱي ڪندو.“

(2)

ٻڍل، سائين ڏني حجم وٽ ويو. سائين ڏني حجم جي ڌيءُ ساماڻي ويني هئي. پر چاچي ٻڍل کي ڪتو جواب ڏنائين ته: ” پنهنجا مري کپي ويا آهن ڇا، جو ڌارين ۾ ڏيندس.“

چاچو نا اميد ٿي موٽيو. مهيني کن ڪانپوءِ، سائين ڏني پنهنجي برادري جي هڪ پوڙهي سان پنهنجي نوجوان ڌيءُ پرڻائي ڇڏي. پوڙهو هو ته ڇا ٿيو، پنهنجي برادريءَ جو ته هو!

علي خان ميمڻ وٽ پنهنجي پائٽيءَ جو سڱ هو. چاچي ٻڌو ته هو ڪنهن موزون ڇوڪري جي ڳولا ۾ آهي.هن وٽ لنگهي ويو، ۽ جمن واسطي سڱ گهريائين. هن جون خوبيون ٻڌائيندي چيائين ته: ”جمن سنن لڇڻن وارو ڇوڪرو آهي، ڪمائيندڙ ڪرتيندڙ، جاننو جوان آهي.“ مگر علي خان کي انهن ڳالهين جو اونو ئي ڪو نه هو. هو ته جمن جو نالو ٻڌي، باهه ٿي ويو. جواب ڏنائين: ”چاچا، ڇو اچي اچي ڏاڙهيءَ ۾ اٿو خراب ٿيو اٿئي. شرم نه ٿو اچيئي جو هڪڙي ڪمذات موچيءَ واسطي مون کان ٻانهن گهرڻ آيو آهين0هن ل عورتن سان بغلگير ٿيندو هو. هو. هو، مگر رات اڻ کٽندڙ ۽ بيقرار هوندي هئي. ؟ ڇا ڪڏهن به هن کي زال ۽.

چاچو موٽي آيو. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ، علي خان پنهنجي پائٽي هڪ همذات ميمڻ سان پرڻائي ڇڏي. هيءُ هڪ رولو ۽ نڪمو ڇوڪرو هو. ڇوڪريءَ مڙس سان هڪ ڏينهن به سک ڪو نه پاتو.

خبر ناهي ته ساجن ڪتيءَ کي ڪيئن دل ۾ رحم پيو، جو ڏارين ۾ ڏيءُ ڏيڻ جي هام پريائين. مگر جڏهن وڏيڪ ڳالهيون ٻوليون هليون. تڏهن اهو اِنَ هٺي بينو ته هزار ڪان گهٽ ۾ سگ نه ڏيندس. ايتري رقم جو ٻڌي، ٻڍي جي دل وري هارجي وئي. هن کي پڪ هئي ته جمن ڪنهن به صورت ۾ ايڏي رقم مهيا ڪري نه سگهندو.

ساجن ڪتيءَ جي ڏيءُ ڏاڍي سهڻي هئي. جڏهن وڏيري جي ڪن هيءَ ڳالهه پهتي، تڏهن هزار جا به ٻارهن سئو ڏيئي، ساجن جي ڇوڪريءَ سان شادي رچايائين. ساجن ڪتي هيڪيو اصل ڪو نه: جيتوڻيڪ وڏيرو سٺ سالن جو ٻڍو هو ۽ هن جي حويليءَ ۾ اول ئي ٽي پهاڄون موجود هيون.

چاچي ٻڍل اڃا همت نه هاري هئي. هو ووڙ ڏيندو رهيو. عثمان ميربحر وٽ به ويو. پر هن مرڳوئي نرالو شرط وڌس. چيائين: ”چاچا، منهنجو پٽ به جوان جماڻ آهي، ان جي ڳڻ به ڪرڻي آهي. انهي ڪري مان ”ڏي وٺ“ جو معاملو ڪندس. منهنجي پٽ واسطي سگ پيدا ڪريو ته آءٌ اوهان کي پنهنجي نياڻيءَ جي ٻانهن ڏيان.“

چاچو هتان پڻ ماٺ ڪري موٽيو. عثمان،نيٺ پنهنجي ساماٽل ڏيءُ، ٻچو ڍڪڻ جي نندي پٽ سان مڱائي ڇڏي. بدلي ۾ ٻچوءَ جي ڏيءُ سان پنهنجي پٽ جو نڪاح پڙهايائين. ڪنوار جي عمر هئي ست سال ۽ گهوٽ جي ايڪيهه سال.

ٻڍل ۽ جمن دير دير تائين پيا ڪچهري ڪندا هئا، ۽ اهڙن واقعن تي رائزني ڪندا هئا. وڏن خاندانن ۽ شاهوڪارن ڪان رشتي گهرڻ جو ته هي مسڪين پورهيت دل ۾ خيال به آڻي نه ٿي سگهيا. حالانڪ انهن وٽ ڪيتريون حق بخشايل ۽ وڏور ڏيئر وينيون هيون.

(3)

اهڙي طرح ڏينهن بدلجي هفتا ٿيا. هفتا بدلجي مهينا ٿيا، ۽ مهينا بدلي سال ٿيا. وقت پهاڙ تان وهندڙ درياهه وانگر، تيزيءَ سان گذري رهيو هو. ڪيتريون ئي شاديون ٿيون، ڪيترائي گهر آباد ٿيا، پرڏيلن جا گهر ٻارن جي شور ۽ غل سان گونجي اٿيا. ٻار جوان ٿيا ۽ جوان ٻڍا. سلا وڏي وجي وڻ ٿيا. هر چيز وڌندي ٿي ويئي. مگر هيءَ واڏ ۽ اوسر جيڪڏهن اڻ لپ هئي ته رڳو جمن موچيءَ جي اڱڻ ۾. هن زندگيءَ جا پنجٽيهه بهار نه، پر خزان ڏٺا هئا، مگر هو اڃا تائين اڪيلو هو، هن جي جهوپري اڪيلي هئي، هن جي دنيا اڪيلي هئي. اهي ئي بيقرار ۽ ڍگهيون راتيون ۽ ٽڏا شوڪارا. اڄ تائين نه هن جي گهر ۾ زال آئي ۽ نه ٻارن جو ڇهڇٽو ٿيو. نه هو بادشاهه ٻڍجي پري جمال راڻين جي وچ ۾ وينو، ۽ نه ڪنهن جوانڙيءَ هن کي اکين جي اشاري سان پاڻ وٽ سڏايو، ۽ نه وري جادوءَ جي ٽوپي ئي ملي. خواب، خواب ئي رهجي ويا. هن جي حياتي ته ڪنهن شاعر جو ”نه ڪٽندڙ مرٿيو“ هئي.

چاچو ٻڍل ٻہ مٺا مونا هڻي، مانٺ ڪري ويهي رهيو. هينئر تہ هو صفا ڪُراڙو ٿي ويو هو.
جمن کي اميد جو هڪ نئون ڪرڻو نظر آيو. ارباب موچيءَ جي ڌيءُ رَني هئي. هن جو مڙس ڇهہ مهينا اڳ فوت ٿي ويو هو. هن ويچاريو تہ ارباب جي برادريءَ مان ڪٽي نہ آهيان، پر تہ بہ ذات پائي تہ ضرور آهيان. ڪجهہ ننگ پوندس، ۽ تنهن ڪانسواءِ تہ ڏيٽس رنڙ آهي؛ مون وٽ هن وقت ڏوڪڙ بہ چڱا گڏ ٿي ويا آهن. هي ڳالهيون ڳڻي، هن کي پڪ ٿيڻ لڳي تہ بس هاڻي منهنجي جهوني آرزو پوري ٿيڻ واري آهي.
هن اتي ڏوڪڙ ڳڻيا. اٺ سئو ويهہ رپيا هئا. هو مرڪيو. هنجي ڪنن ۾ دهلن ۽ شرناين جو شيرين آواز گونجڻ لڳو، ۽ هو ڪا فلمي ڌُنَ جهونگاريندو، چاچي ٻڍل جي گهر ڏانهن راهي ٿيو.
ارباب موچيءَ صفا انڪار تہ ڪو نہ ڪيو، پر هن جو جواب زياده اميد پريو بہ ڪو نہ هو. هن کي جمن گهڻو پسند نہ هو، ڇو تہ هو گهر ۾ اڪيلو ۽ ڇنو ڇورو هو. ان ڪانسواءِ هن جي نانيءَ کي وفات ڪئي اجا گهڻو وقت ڪو نہ ٿيو هو، ۽ هن کي آسرو هو تہ شايد ڪا بهتر مائٽي اچي وڃي. ان ڪري ٻڍل کي چيائين : ”اسان کي تڪڙ ڪونهي، ڇوڪري اجا غم ۾ آهي، ٻيا پيغام اچڻ جي بہ اميد آهي، اسان جڏهن آخري فيصلو ڪيو تڏهن توکي سڏائي ٻڌائيندس.“
چاچي ڪان احوال ٻڌي، جمن کي سخت صدمو رسيو. هنجا سڀ حيلا بيڪار ثابت ٿيا هئا. هو اڪثر سوچيندو هو تہ ”هن طرح جيئري رهڻ مان ڪهڙو مقصد؟ منهنجي حياتي ۾ نہ خوشي آهي ۽ نہ دلچسپي. هيءَ شرافت ڪهڙي ڪم جي!“
ڇهہ مهينا ٻيا بہ گذري ويا. هڪ صبح جو، چاچي ٻڍل کي، ارباب موچيءَ جو نياپو مليو تہ سانجهيءَ جو مون وٽان ٿي وڃجانءِ. ٻڍل کي ٻڌي ڏاڍي سرهائي ٿي. هن کي پڪ ٿي تہ جنهن چيز لاءِ هن سالن جا سال جستجو ۽ جاکوڙ ڪئي هئي، ان ۾ هن کي اڄ ڪاميابي حاصل ٿيندي.
سانجهيءَ جو، جنهن وقت ٻڍل، ارباب ڏانهن وڃڻ لاءِ پراڻو بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌي رهيو هو، تنهن وقت هن جو پٽ سهڪندو گهر آيو ۽ اچڻ سان چيائين: ”بابا، ڪجهہ ٻُڌَوَ ..... پوليس جمن کي پڪڙي ويئي. هن ابراهيم سوناري جي ڌيءَ سان زوريءَ ڪارو منهن ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي!“
اهو ٻڌي، چاچو غمگين ضرور ٿيو، پر هن جي چهري تي حيرت جو ڪو بہ اهڃاڻ ڪو نہ اڀريو، ۽ هن بوسڪيءَ جو پٽڪو لاهي، وري صندوق ۾ سانديي ڇڏيو.

★

خانواهڻ، ٢٠ — مئي 1952ع
ماهوار هلال پاڪستان: ڊسمبر 1957ع

توکي مرکندو ڏسان

★

اوچتو هڪ ڏينهن لالي گم ٿي ويئي.

مون هن جو نالو ”انٽرنيشنل معشوق“ رکيو هو. جڏهن مون کي پنج ماڙ هاسٽل جي اولهه واري پاسي ۾ ڪمرو مليو، ۽ مان بالڪنيءَ ۾ بيهي، آسپاس جي دنيا جو ديدار ڪري رهيو هوس، ان وقت منهنجي نظر هيٺ هڪڙي ڪچي گهرَ جي اڱڻ ۾، بيٺل ڇوڪريءَ تي وڃي پيئي. هن جي عمر سورنهن سترهن سال هئي. هوءَ ڦوهه جوانيءَ ۾ هئي، ۽ هن جو انگ انگ جوڀن وچان جرڪي رهيو هو ..... هوءَ مون ڏانهن گهوري نهاري رهي هئي، ۽ منهنجي ڏسندي ڏسندي، هڪ ملٽري سئليوٽ (سلام) به ڪري ورتائين، ۽ هٿ سائين ائين اشارو ڪرڻ لڳي، ڄڻ ته پڇيائين ته خوش چڱو ڀلو ته آهين نه، ٻيو ته مڙئي خير آهي!

منهنجون واڇون ٽڙي ويون، ۽ بي اختيار، چهري تي مسڪراهٽ ناچ ڪرڻ لڳي. هر نوجوان وانگر هڪدم خوشفهميءَ ۾ مبتلا ٿي ويس. مون کي پنهنجي حسن تي ناز ٿيڻ لڳو ته، ڪيئن نه عورتن کي بنا دير گهائل ۽ مائل ڪري ٿو وجهي. مون سمجهو ته لَو اِئٽ فرسٽ سائيٽ (پهرين نظرن ۾ ئي عشق) جو جيئرو جاڳندو مثال قائم ڪيو اٿم. هن هيترن نوعمر شاگردن ۾ جو منهنجو انتخاب ڪيو آهي، ان ۾ به ڪو ته راز آهي!

پر لاليءَ (اهو ئي سندس نالو هو) مون کي گهڻو وقت ان خوشفهميءَ ۾ مبتلا رهڻ نه ڏنو. آءٌ اجا انهيءَ روحاني لذت مان لطف ماڻي رهيو هوس، ته هن کي وري سلام ڪندي ڏٺم. مگر هن دفعي هن جو رخ ٻي بالڪنيءَ طرف هو. مون نِوڙي ڏٺو. هوءَ سعيد احمد کي سلام ڪري رهي هئي. هو به هن سان ڏند ٽيڙي، اشاري بازي ڪري رهيو هو.

اندر جلي ويم، رقابت جي آگ پڙڪڻ لڳي. منهنجو سارو غرور غائب ٿي ويو، ۽ منهنجا ٺاهيل هوائي قلعا هڪ لحظي ۾ لٽجي ويا.

الاهي بخش ٻاهر بالڪنيءَ ۾ نڪتو، ته وري هن سان نخرا ڪرڻ لڳي. مون کي قصو ڪجهه عجيب واهيات نظر اچڻ لڳو، ۽ غصو پڻ سخت اچي رهيو هوم. (خبر ناهي ته ڪنهن تي ۽ ڇو؟)

نهايت دلچسپ معاملو هو. لالي سيني شاگردن جي هئي، ۽ سڀ شاگرد لاليءَ جا هئا. جو به هن ڏانهن نهاريندو هو (۽ جيڪڏهن ڪو ڏانهس نه نهاريندو هو ته ڪنهن نه ڪنهن نموني هن جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي هئي) يا هن سان حرڪت ڪندو هو، ته هوءَ پڻ فراخدليءَ سان ان جو جواب ڏيندي هئي. ڪڏهن هوءَ ويچارا ڪيندي هئي، ڪڏهن آهستي آهستي راڳ جهونگارڻ لڳندي هئي، ڪڏهن چپن ئي چپن ۾ الائي ڇا ٻڙ ٻڙ ڪري

مصنوعي غصي جو مظاهرو ڪندي هئي، ناچ ڪري ڏيکاريندي هئي، آرسي سامهون جهلي بيهندي هئي يا ان سان اولڙو ڪندي هئي، يا ڪنهن اخبار مان ڪٽيل مورت ڏيکاريندي هئي.

هوءَ گهر جو ڪم ڪار (صفائي ڪرڻ، ٿانو ٿپا ملڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ڪاڏو پچائڻ وغيره) به برابر ڪندي رهندي هئي، ۽ بالڪنين ۾ بيٺلن سان به منهن ڏيندي رهندي هئي.

هوءَ ڪافيءَ ڪان زياده معصوم هئي، جهڙو بي سمجهه ٻار. نوجوان شاگردن کي نهاريندو ۽ دلچسپي وٺندو ڏسي، هوءَ ايترو خوشيءَ ۾ پرجي ويندي هئي، جيترو ننڍو ٻار نئين رانديڪي کي ڏسي.

سچ پچ ته لالي اسان واسطي هڪ وڏي وندر هئي. جڏهن ڪتاب پڙهي پڙهي ٿڪبا هئاسين، ته اچي بالڪنيءَ ۾ بيهندا هئاسين. جيڪڏهن لالي پنهنجي گهر جي پٽڙ ۾ نه هوندي هئي، ته اسين ڪنهن جو نالو پڪاري واڪو ڪندا هئاسين "او فلاڻا" ۽ لالي ٻاهر نڪري ايندي هئي. هوءَ به اسان جا اهي اشارا ڄاڻندي هئي. اهڙيءَ ريت بيمارين ۽ دوائن جي ڪتابي دنيا مان نڪري اچي صحت ۽ سونهن، مسڪراهٽن ۽ معصوميت جي فرحتي فضا ماڻيندا هئاسين.

انهن ڳالهين ڪري ئي مون هن کي "انٽرنيشنل معشوق" جو لقب ڏنو هو.

شام جو بالڪنين ۾ رونق لڳي ويندي هئي. جيڪي شاگرد راندين ۾ بهرو وٺڻ يا شهر ۾ گهمڻ نه ويندا هئا، سي بالڪنين ۾ نڪري ايندا هئا، ڪي ڪرسيون ڪڍي وهندا هئا، ۽ ڪي ريڊيا ٻاهر آڻي، ان جو آواز بلند ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ لاليءَ سان مستيون پيون ٿينديون هيون. هوءَ پنهنجي اڱڻ ۾ ڪم ڪار ڪندي هئي يا ويهي يا بيهي رهندي هئي ڪي ڇوڪرا شيون وٺي پاڻ وٽ رکندا هئا، ۽ ان مهل لاليءَ جي آڏو، هن جي پٽڙ ۾ اڇلڻ شروع ڪندا هئا. اهي چيزون گهڻو ڪري ڪائڻ جون هونديون هيون، خاص ڪري ڪٽمنڙا ۽ بسڪوٽ.

اهو به ڏاڍو مزيدار ڏيک هوندو هو. لالي هڪ هنڌ ويٺي هوندي هئي، يا بيهي رهندي هئي ۽ ڇوڪرا جدا جدا بالڪنين مان، جدا جدا طرفن کان، هڪ هڪ ڪري ڪٽمنڙو اڇلائيندا ويندا هئا. بلڪل ائين، جيئن مداري کيل ختم ڪرڻ ڪانپوءِ وچ ميڙ ۾ چادر وڇائيندو آهي، ۽ ان تي ماڻهو ڏوڪڙا اڇلائيندا ويندا آهن.

اڇلائڻ وقت هر ڪو ڇوڪرو، ڪو نه ڪو رومانوي ۽ محبت پريو لفظ يا جملو به چوندو ويندو هو: "اچئي ٿو منهنجي پيار جو خزانو."، "تون به هن ٿاڦيءَ جهڙي مٺي آهين."، " اُڏامي وڃي تون پياريءَ جي لبن سان لڳ."، "جيڪر مان به ڪٽمنڙو هجان ها."، "تنهنجي مرڪ تان قربان." وغيره.

پڙ تي ليکو : نجم عباسي

لالي هڪ خاص انداز سان ڪٽمنڙي کي ڏسندي هئي، ۽ اڇلائيندڙ ڏي ڏسي مرڪندي هئي. هن جي مرڪ ڏاڍي پياري ۽ دلڪش هوندي هئي، جڻ تہ وايو منڊل ۾ هڪ ئي وقت هزارين لکين مکڙيون ٽڙي پونديون هيون. هن جي مرڪ، اندر ۾ اهڙي منڙي احساس کي جنم ڏيندي هئي، جو مرڪ جي مالڪياڻيءَ کي، دنيا جهان کان بي نياز ڪري، سيني سان لڳائڻ لاءِ دل تڙڦي اٿندي هئي.

پوءِ جڏهن ڇوڪرا شيون اڇلائڻ بند ڪندا هئا، تڏهن لالي اهي ميڙي گڏ ڪندي هئي، ۽ شڪريو مڃڻ طور سلام ڪندي هئي، مُرڪن سان گڏ، معصوميتن سان ڀريل.

ڪن موقعن تي هڪ ٻن شاگردن، سُرخيءَ جي شيشي، ڪنن جون واليون، پائوڊر جي دٻي وغيره جهڙيون شيون اڇلايون. لاليءَ پهرين ٻانهون ٻڌي، مرڪي، جڻ معافي ورتي تہ هي شيون مان پاڻ وٽ رکي نہ ٿي سگهان، ۽ پوءِ اهي شيون پٽ کان ٻاهر رستي تي اڇلائي ڇڏيائين.

مهينن جا مهينا ائين ٿيندو رهيو، پر مون ڪڏهن بہ ڪو نہ ڏٺو تہ لاليءَ ڪنهن ڇوڪري سان سڌي گفتگو ڪئي هجي يا سوال جواب ۾ ڳالهايو هجي. سڀ مستيون اشارن ۽ اڻ سڌن واڪن ذريعي ٿينديون هيون.

جنهن ڏينهن هن کي مٿي تي پنبي ٻڌل هوندي هئي، ان ڏينهن اسين سمجهي ويندا هئاسين تہ هوءَ بيمار آهي. جو بہ ڇوڪرو هن کي پهرين اهڙي حالت ۾ پسندو هو، تہ هٿ جي اشاري سان هن کان پڇندو هو تہ ڇا ٿيو آهي؟

لاليءَ کي ڄاڻ هئي تہ هي ڇوڪرا ڊاڪٽر ٿا پڙهن. پوءِ هٿن جي اشارن سان پنهنجو مرض ٻڌائيندي هئي. جي ڪَٽس هوندي هئس تہ نبض ڏسڻ وانگر پنهنجي ٻانهن تي هٿ رکندي هئي. مٿي ۾ سور هوندو هوس تہ مٿي ڏانهن آڱر سان اشارو ڪندي هئي. مٿي ۾ ڦيريءَ جي حالت ۾ مٿي تي هٿ رکي، هٿ هوا ۾ ڦيرائي ڏيکاريندي هئي. دست هوندا هئس تہ پيٽ تي هٿ رکي، پوءِ هٿ هيٺ زمين ڏانهن چنڊبندي هئي. کنگهہ هوندي هئس تہ کنگهي ڏيکاريندي هئي.

اشاري مان بيماري سمجهي، پوءِ اهو ڇوڪرو،جي ڪيس ڪا دوا سجهندي هئي، نہ تہ ٻين سان مشورو ڪري، اها دوا پاڻ وٽان يا ٻئي ڪنهن شاگرد وٽان، نہ تہ ڊوڙ پائي بزار مان وڃي وٺي ايندو هو. پوءِ اها ڪاڳر ۾ ويڙهي، بالڪنيءَ مان لاليءَ جي پڌر ۾ اڇلائيندو هو. لالي مٿي نهاريندي هئي، ۽ هو آڱرين جي اشارن سان، هن کي دوا جو وزن سمجهائيندو هو، تہ هڪ گولي ٽي دفعا، يا بہ ٽڪيون ٽي ڀيرا. ان تي لالي هٿ لوڏي ۽ مرڪي شڪريو ادا ڪندي هئي. اها ئي دل لڀائيندڙ مرڪ. دوا ڏيندڙ جي دل بهار بهار ٿي ويندي هئي. ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي درد جي دوا ملي ويندي هئي. ٻئي ساڳئي وقت هڪ ٻئي واسطي ڊاڪٽر بہ هئا ۽ پيار بہ!

هن جي گهر ۾ فقط ٻه ڀاتي هئا. هڪ پاڻ ۽ ٻيو سندس مڙس. هن جو مڙس 45 ورهين جو پوڙهو هو، ۽ اها لاليءَ جي حياتيءَ جي وڏي ۾ وڏي ٽريجڊي هئي.

پوڙهي کي شهر ۾ پان جو دڪان هو. هو سارو ڏينهن گهر مان غير حاضر رهندو هو. هو موالي هو ۽ چرس جام پيئندو هو. جيترو لاليءَ ۾ ڦڙتائي ۽ زندهه دليءَ جا اهڃاڻ هئا، اوترو ئي سندس مڙس ڪُند ذهن، چرندڙ پرندڙ ٻوتو، ۽ زندگيءَ کان خالي خالي نظر ايندو هو.

جنهن ڏينهن، يا جنهن وقت، هن جو مڙس گهر ۾ هوندو هو ته هوءَ يا ڪم ڪندي رهندي هئي، يا اندر ڪوٺيءَ ۾ وڃي وهندي هئي. جي پٽر ۾ وهندي هئي ته به ڪنڌ هيٺ ڪيو، ماٺ ۾ مُوڙهي ويني هوندي هئي. وڏ ۾ وڏ مڙس جي پڇيل سوال جو جواب ڏيندي هئي. مڙس، گهڻو ڪري کٽ تي ويني، سلفي ڇڪيندو ۽ کنگهندو يا گهيرٽ کائيندو ڏسبو هو.

بعضي بعضي، اوچتو هينان رڙين ۽ گارين جو گوڙ ٻڌبو هو، ۽ اسين ڇڄندا ڇڄندا بالڪنين ۾ پهچي وندا هئاسين. هيٺ نهارڻ سان نظر ايندو هو ته لاليءَ جو مڙس، هن کي ماري، لتون هڻي، ۽ گاريون بڪي رهيو آهي، ۽ هوءَ پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش به ڪو نه ٿي ڪري.

ان تي ڇوڪرا وڃي هوڪرا ڪندا هئا، ۽ مڙس تي ڌمڪين ۽ لعنتن جو وسڪارو لڳائي ڏيندا هئا: "اڙي بي غيرت، عورت ذات تي تو هٿ کڻين!"، "اڙي پڪڙيو مواليءَ کي، سڏي اچو پوليس!"،"اڙي متان، متان، نامراد!"،"ڇڏينس ٿو نه ته اسين سڀ اچي تو کي ٻُج ٻُج ڪري ڇڏينداسين!"

پوءِ شاگردن جو شور ايترو وڌي ويندو هو، جو مواليءَ جا نشا ٽٽي پوندا هئا، ۽ هو لاليءَ کي ڇڏي، اندر گهر جي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي ويندو هو: ۽ لالي ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهه ساعتون ويهي رهندي هئي، ۽ پوءِ نگاهه مٿي ڪري ڇوڪرن جو ڄڻ احسان مڃڻ لاءِ مرڪندي هئي..... اهائي سڄي دنيا ۽ حياتيءَ سندا غم وساري ڇڏيندڙ، لڪين ٽڙيل مکڙين جي ٻنيل مرڪ. ان وقت هن جو منهن سڄيل ۽ نيڻ نماڻا هوندا هئا. اسين به سڀ خاموشي اختيار ڪري، پنهنجي همدردي جتائيندا هئاسين.

لالي نوجوان هئي، ۽ هن کي هر نوجوان سان محبت هئي. هوءَ نظرن ئي نظرن ۾ چوندي هئي ته مون کي توهان جا جوان ۽ خوبصورت چهرا وڻن ٿا، توهان جا ڪوٽ ۽ سوٽ مون کي پسند آهن، مون کي ڪارا وار پيارا آهن، مون کي اڇن وارن کان نفرت آهي، مون کي پنهنجي مڙس جي ڪوجهي ۽ گهنجيل چمڙيءَ واري چهري کان نفرت آهي، هن جي پان جي پڪن پيريل ڪپڙن کان نفرت آهي ..... ٻار، ٻار سان راند ڪيڏندو

آهي. مان جوان آهيان ۽ جوان سان ئي هم آغوش ٿيڻ جي تمنا اٿم ..... اڇو، مون کي اهڙي دنيا ۾ وٺي هلو، جتي رڳو جوان ئي جوان هجن.....

اوچتو هڪ ڏينهن لالي گم ٿي ويئي. خبر پئيسون ته هوءَ ڪنهن سان ڀڄي ويئي. پوڙهي مواليءَ ان لاءِ ڇا ڪيو، سا اسان کي سُڌ ڪانهي. اسان کي ڏينهن پوءِ بالڪنيون ويران ۽ اداس ٿي ويون. وقت گذرندو ويو، ۽ اسان به هن ”انٽرنيشنل معشوق“ کي وساري ڇڏيو.

(2)

ڊگري پاس ڪري، ڪراچي ڇڏي، وڃي نوڪريءَ ۾ لڳس. ڪيترائي ورهيه گذري ويا. هڪ ڀيري پنهنجي پراڻي هم ڪلاسي الاهي بخش جو حيدرآباد ۾ اچي مهمان ٿيس. تلڪ چاڙهيءَ تان لنگهندي، هن مون کي هڪ عورت ڏيکاريندي پڇيو ته هن کي سڃاڻين ٿو؟ هوءَ وچولي عمر واري هڪ سڪل سڙيل عورت هئي. هن کي ميرا ڪپڙا پهريل هئا ۽ بيک پني رهي هئي. مون کي مهاندو ڏٺل ضرور معلوم ٿيو، پر وڌيڪ ياد ڪري ڪو نه سگهيس.

پوءِ هن چيو ”هوءَ پاڻ واري ”انٽرنيشنل معشوق“ ياد ڪا نه اٿئي؟“

اتي مون کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو، ۽ مون هن کي سڃاتو. هوءَ اهائي لالي هئي. پهرين نظر ۾ ئي پروڙي ورتم ته هن جي چهري تي نه اها رونق ۽ چمڪ هئي، ۽ نه اهو جوڀن ۽ جذبو. لاليءَ جي لعلائي وقت ڪان اڳي ختم ٿي چڪي هئي.

الاهي بخش چيو ” هن عورت جي حياتي به مون ئي خراب ڪئي.“ هو ٿورو ترسي وري چوڻ لڳو ”پر هوءَ ته موجوده زندگي کي ئي بهتر ٿي سمجهي.“

الاهي بخش، هڪ دولتمند زميندار جو شوقين پٽ هو. ڪاليج جي زماني ۾ به هن وٽ موٽر هوندي هئي.

”مان ئي هن کي موٽر ۾ چاڙهي، ڪراچيءَ مان ڀڄائي آيو هوس. اسين ملير وٽ هڪڙي عاليشان هوٽل ۾ اچي رهيا هئاسين. اتي هفتو کن ڏاڍي عيش سان گذريو. پوءِ هن کي ملير جي گهٽين ۾ اڪيلو ڇڏي، آءٌ واپس ڪراچي ڪسڪي آيس، ۽ ڪنهن کي به مون ۾ شڪ ڪو نه پيو.“ هن سارو واقعو بيان ڪيو.

”ان بعد هن سا ڇا وهيو واپرايو ۽ هتي ڪيئن پهتي؟ مون دلچسپي ۽ حيرت سان پڇيو.

هن وراڻيو ”مون اوچتو هن کي هڪ ڏينهن هتي ڏسي ورتو. هن به مون کي سڃاتو. هن کي پنهنجي گهر وٺي ويس، ۽ رات رهايومانس. هن مون کي ٻڌايو ته جڏهن مان هن کي دغا ڏيئي اڪيلو ڇڏي آيس، تڏهن هوءَ موٽي ساڳي هوٽل ۾ ويئي. اتي هن

ڪي رنديءَ وانگر استعمال ڪيو ويو. هر رات هن ڪي ڪنهن نہ ڪنهن مسافر جي بستري جي زينت بڻجڻو پوندو هو.“

”يعني اتي بہ هوءَ انٽرنيشنل معشوق ٿي رهي.“ مون وچ ۾ ئي چيو.

”هائو، اهڙي نموني ڪي سال اتي رهي. آخر اتان لاڙ جو هڪ زميندار، جو ان هوٽل ۾ اچي رهيو هو، ۽ جنهن کي هوءَ ڏاڍي وڻي ويئي، سو ريهي ريبي، پڃائي، پنهنجي ڳوٺ وٺي آيس. اتي ڏيڍ سال کن هن جي جوانيءَ جو رس چوسيائين. پوءِ ڪڪ ٿي، پنهنجي ڀيلين کي حڪم ڪيائين تہ وڏي شهر حيدرآباد ۾ هن کي گهٽين ۾ هيڪلو ڇڏي اچو. ڀيلين هڪدم ائين ڪو نہ ڪيو، پر جيئن هو زميندار جي اوبر ڪائڻ تي هريل هئا، تيئن هن جوڀن جي اوبر مان بہ پنهنجي جنسي پياس اجهائيندا رهيا، واري وٽيءَ تي. ٻن مهينن ڪانپوءِ ايئن ڪيائون جيئن مالڪ حڪم ڪيو هون. هاڻي هوءَ حيدرآباد ۾ رهندي آهي، ۽ بيک پنندي آهي. ان سان گڏ هوءَ هينئر بہ انٽرنيشنل معشوق آهي.“

”ڇا هن جا ماءُ پيءُ ڪو نہ آهن؟“ مون دريافت ڪيو.

”هن جو دنيا ۾ ٻيو ڪو بہ مٽ مائٽ ڪونهي، سواءِ هڪ چاچي جي، جو هن کي هندستان مان هيڏي وٺي آيو هو، ۽ ڪجهہ رقم وٺي لالچ ۾ ڪي ان ٻڍي مواليءَ جي حوالي ڪيائين، ۽ وري هن جو منهن ڏسڻ بہ ڪين آيو.“

”هوءَ پوڙهي مواليءَ ڏي موٽي ڇو نہ ٿي وڃي؟“

”مون چيومانس تہ هل تہ توکي تنهنجي مڙس وٽ ڇڏي اچان. تنهن تي چيائين تہ نہ آءٌ هتي وڌيڪ خوش آهيان. پوڙهن کان مون کي سخت نفرت آهي.“

منهنجي اندر ۾ ان وقت اها اڇهل خواهش پيدا ٿي تہ آءٌ هن جي اها مرڪ وري ڏسان، جنهن کي مان لکين ٽڙندڙ مکڙين جي بٽيل ڇٽي چڪو آهيان. ان ڪري بهانو بڻائي، الاهي بخش کان موڪلائي، پوئتي تلڪ چاڙهيءَ طرف موٽيس ...... مگر ٿورو اڳتي هلڻ سان احساس ٿيم تہ اها مرڪ هاڻي مان وري ڪڏهن بہ ڏسي ڪو نہ سگهندس. مون کي پڪ ٿي تہ اها ڪوشش بيسود آهي .... انهن مرڪن کي جي امر بڻائڻو آهي، تہ پهرين انهن طاقتن ۽ تهذيبن کي ختم ڪرڻو پوندو، جي اهڙين سونين مرڪن، لکين ٽڙيل مکڙين جهڙين مرڪن ۽ خود مکڙين کي ناس ڪن ٿيون!

⋆

ڪراچي، ٣١ — مئي 1953ع
تماهي مهراڻ: ٢ — 1972ع

يارهن ٽڪيون

★

ڪرامت علي، حيدرآباد مان سامان سڙو وٺي واپس آيو. ٻين شين سان گڏ هڪ ننڍي شيشي به پنهنجي زال عصمت کي ڏيندي چيائين ته ”هان، هيءَ به لڪائي رک، رات جو ڪم ايندي.“ هو ڪاڏو ڪائي ٻاهر نڪري ويو.

رات جو دستور کان ڪجهه دير سان گهر موٽيو. عصمت کي ڏسڻ سان ئي هو تاڙي ويو ته اڄ ضرور ڪو پنڻ مچڻ وارو آهي. هن جو چهرو ٻڏائي رهيو هو ته هوءَ رُنل آهي ۽ غم ۽ غصي سان ٽمٽار.

چيائين ”عصي!“

جواب ڪو نه مليو.

”عصي! ڇو، ناراض آهين؟“

هن منهن ڦيري ٻئي پاسي ڪيو.

ڪرامت اڳتي وڌي، هن کي ڳراٽڙي پائي ڳٽي تي چمي ڏني. پريل پيالو ڇلڪي پيو. عصمت ڦٽي هياڻ رئڻ لڳي. ڪرامت، جيئن هن کي پرچائڻ جو جتن ڪرڻ لڳو، جيئن وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳو، تئين عصمت جي ڳوڙهن جو درياهه تيز ٿيڻ لڳو، ۽ هن جي سڏڪن ۾ واڌارو اچي ويو. هن جي سمجهه ۾ ڪجهه نه آيو. گهڻو ئي پڇيائين ”بابا توکي ڪهڙو ڳالهايو آهي؟“ ”اما سان جهيڙيو ٿيو هو ڇا؟“ ”ڪنهن کان شڪايت آهي؟“ پر عصمت پنهنجو رئڻ نه روڪيو، ڇڻ ته وري رئڻ جو وجهه ئي نه ملندس.

جڏهن طوفان جي تيزي گهٽ ٿي، تڏهن سُڏڪن وچ ۾ چيائين ”تون دغا باز آهين، ظالم آهين، بيوفا آهين!“

هي ٻڌي، ڪرامت ڏاڍو ششدر ۽ حيران ٿيو، ”عصي ٻڌاءِ ته سهي ڳالهه ڪهڙي آهي؟“

نيٺ، عصمت وهاٽي هينان اها شيشي ڪڍي، جا ڪرامت صبح حيدرآباد مان آندي هئي، ۽ هن ڏانهن وڌائيندي، چيائين ”هن شيشيءَ مان هڪ ٽڪي ڪٽل آهي، اها ڪيڏانهن وئي؟“

ڪرامت وائڙو ٿي ويو. هن کي ڪنڪو ٿيو ته ڪٿي عصمت جي ڪل نه ٿڙي ويئي هجي. هي اڄ ڪهڙيون ڳالهيون بڪي رهي آهي!

ڪرامت علي، مختيار ڪار جي آفيس ۾ هيڊ منشي هو. هن کي شادي ڪئي ٻه سال ٿيا هئا. ان ٿوري عرصي ۾ هن کي هڪ ٻئي پنيان ٻه ٻار ٿيا هئا. ان جو عصمت جي

سگهائيءَ تي ڏاڍو خراب اثر پيو هو. هوءَ گهڻو ضعيف ٿي ويئي هئي. ٻارن جي پرداخت ۾ پٽ کوهه ۾ هن کي بيحد مصروف ۽ مجبور بڻائي ڇڏيو هو.

ٻنهي زال مڙس ويهي صلاح مشورو ڪيو. عصمت پڻ پڙهيل ۽ سمجهو عورت هئي. ڪرامت جو خيال هو ته جيڪڏهن اها رفتار رهي ته ڪجهه ئي سالن ۾ هتي ٻڪرين وارو ڌڻ ٿي ويندو. انهي حالت ۾، اولاد کي نه عزت وارو لٽو ڪپڙو ۽ ڪاڌو خوراڪ نصيب ٿيندو ۽ نه وري هنن جي تربيت ۽ تعليم جو مناسب انتظام ڪري سگهبو. اهڙن انسانن پيدا ڪرڻ کان بهتر آهي ته ٻه چار ٻار هجن، جن کي هر لحاظ کان اوج تي پهچائي سگهجي. عصمت چيو ته اها رفتار نه رڳو منهنجي تندرستي تباهه ڪندي، بلڪ جيئڻ ٻه جنجال ڪري ڇڏيندي. انهيءَ ڪري بهتر آهي ته ايترا ٻار هجن جن کي پوريءَ طرح پالي سگهجي ۽ پاڻ ٻه چڱي حياتي گهاري سگهجي.

هنن پيدائش تي روڪ (برٿ ڪنٽرول) استعمال ڪرڻ جو نبيرو ڪيو. اڄ، ڪرامت، حيدرآباد مان پيدائش تي روڪ جي ٽڪين جي شيشي خريد ڪري آيو هو. هو اها شيشي عصمت جي حوالي ڪري، ٻاهر هليو ويو.

واندڪائي هجڻ ڪري، عصمت اها شيشي کولي هيٺ مٿي ڪري ڏسڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي، هوءَ ان ۾ پيل ٽڪيون ڪڏي ڳڻڻ لڳي. ائين ئي هن ڇرڪ ڀريو. اهي يارهن ٽڪيون هيون، حالانڪ شيشيءَ مٿان لکيل هو "ٻارهن ٽڪيون". هن وري ڳڻيون، ٻيو دفعو، ٽيون دفعو. هن جو ذهن عجيب غريب ڳالهيون سوچڻ لڳو. هن کي شڪ ڪائي ويو .... اها هڪ ٽڪي ڪيڏانهن ويئي؟ ضرور ڪرامت اها ڪنهن تي استعمال ڪري چڪو آهي، يا استعمال ڪرڻ ويو آهي. اهو خيال ايندي ئي هوءَ بيحد بيچين ٿي ويٺي هن جو منهن ڪاوڙ کان لعل ٿي ويو ۽ هوءَ تکو تکو ساهه کڻي لڳي.....

گذريل حياتيءَ جون گهڻنائون هن جي اکين آڏو ڦرڻ لڳيون. هو ۽ ڪرامت پاڙيسري هئا. ٻنهي گڏ جوانيءَ ۾ پير پاتو. پهرين اتفاقي ملاقاتون ٿيون. ٻنهي نيڻن نيڻن ۾ هڪ ٻئي کي پسند ڪيو. پوءِ لڪي لڪي ملڻ لڳا. انهن اڪيلاين ۾ هو محبت جا مختلف ڏاڪا طئه ڪندا ويا، ۽ آخري ڏاڪي تي ٻه پهچي ويا. ان وقت، ڪرامت ٿورو سمجهه کان ڪم ورتو هو. ان آخري ڏاڪي تي قدم وڌائڻ کان اڳ هن پنهنجي ڊاڪٽريءَ جي شاگرد سنگتيءَ سان صلاح ڪري، انهن پيدائش تي روڪ وارين ٽڪين جي ٽيڪ ورتي هئي. هنن جي پيار جي اهڙي نموني پردي پوشي ٿي هئي. پوءِ خوشقسمتيءَ سان هنن جي پاڻ ۾ شادي ٿي ويئي.

هن کي هڪ واقعو دل تي تري آيو. ڪجهه سال اڳ، هنن جو ڳوٺ جي هڪ اوچي ذات واري زميندار، پهرين پنهنجي ڏيءَ کي پستول سان ماريو ۽ پوءِ پاڻ کي ٻه ختم ڪيو هئائين. ان جو ڪارڻ هيءُ هو جو ان اوچي ذات واري زميندار جي ڏيءُ، جنهن جو

هن حق بخشارايو هو، يعني ان ڇوڪريءَ کي ساري عمر ڪنوارو گذارڻو هو، تنهن کي پيٽ تي پيو. جڏهن هيءَ خبر عام ۾ پکڙجي ويئي، تڏهن بدناميءَ کان بچڻ ۽ خانداني عزت بچائڻ خاطر، هن ڌيءَ جو به خون ڪيو، ۽ پاڻ به خودڪشي ڪئي. انهيءَ موقعي تي، ڪرامت، عصمت کي کلي چيو هو ته جيڪڏهن ان ڇوڪريءَ جو عاشق ٿوري سمجهه کان ڪم وٺي، اها پيدائش تي روڪ واريون ٽڪيون ڪتب آڻي ها، ته هن جي محبوبڙيءَ جي اهڙي دردناڪ پڄاڻي نه ٿئي ها.

هن کي پنهنجي ساهيڙي ايمٽا به ياد آهي. هن کي ڦوهه جوانيءَ ۾ سٺن ورهين جي ابهم ٻار سان پرڻايو ويو. هن هڪ ٻئي جوان مائٽ سان عشقبازي شروع ڪئي. نتيجي ۾ هن جو پيٽ فوٽ بال وانگر ڦوڪجڻ لڳو. هن جا ساهرا ڏاڍو پريشان ٿي ويا، ۽ داين ۽ ڊاڪٽرن وٽ سوين رپيا هاري، ان گناهه کي لڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيا. جڏهن به عصمت هي قصو ڪرامت کي ٻڌائيندي هئي، تڏهن کلي، هو هن کي اهو دسوتري جواب ڏيندو هو، يعني ٽڪيون ڪتب آڻڻ وارو.

تازا ڄاول ٻارن جي ويران گهٽين يا گٽرن مان هٿ اچڻ جون وارداتون، جڏهن اخبار ۾ ايندیون هيون، تڏهن به ڪرامت اها ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هو ته جڏهن اهي ماڻهو اهڙو جوکم کڻڻ لاءِ تيار ٿين ٿا، ته پوءِ ٿوري خبرداري به ڪن ته جيڪر نه ڪين ئي تڪليفون اچن، ۽ نه نردوش زندگي ئي ضايع ٿئي.

اڳ ته انهن ڳالهين کي رواجي سمجهي، عصمت ڪڏهن به انهن تي غور نه ڪيو هو، ۽ نه ڪا اهميت ڏني. پر اڄ هوءَ انهن کي ياد ڪري ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪڙهي رهي هئي. هن کي ايئن ڏسڻ ۾ آيو جڻ ته ڪرامت سارو وقت ڪيترين ئي ڪنوارين تي اهي ٽڪيون استعمال ڪندو رهيو آهي. هو دغاباز آهي، بيوفا آهي، فريبي آهي. هن جي نظرن ۾ هن کي يقين هو ته اڄ به هو هڪ ٽڪيءَ سميت، ڪنهن ڪنواريءَ سان ملڻ ويو آهي. وري جو ڪرامت موٽڻ ۾ دير ڪئي ته هيڪاري پڪ ٿي ويس.....

ڪرامت جي سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿي آيو. هو عصمت کي زور سان سيني سان لڳائي پيار ڪرڻ لڳو. اوچتو عصمت چيو "هن شيشيءَ ۾ ٻارهن ٽڪيون هجڻ گهرجن ها، انهن مان هڪ ڪٿي تون ضرور ڪنهن سان ڪارو منهن ڪرڻ ويو هئين؟"

هي ٻڌي، ڪرامت حيران به ٿيو ۽ منجهي به پيو. هن کي محسوس ٿيڻ لڳو ته معاملو نازڪ صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

چيائين "عصي! تون هي ڇا چئي رهي آهين؟"

"پنهنجي ڪرتوتن کي ڏس." عصمت وراڻيو.

ڪرامت کي ڪاوڙ ته ڏاڍي آئي، پر موقعي جي نزاڪت محسوس ڪري، اها ظاهر ڪين ڪيائين. شيشيءَ مان ٽڪيون ڪڍي، ڳڻي ڏٺائين ته برابر يارهن هيون.

”عصي! خدا جو قسم، نہ مون اھا ٽڪي ٽڳائي آھي ۽ نہ مان ڪنھن عورت وٽ ويو ھوس. مون تہ منصور ۽ ٻين سان تاس ويٺي ڪيڏي.“

”مون کي تنھنجي قسمن تي ڪو بہ اعتبار ڪونھي. ياد اٿئي تہ شاديءَ کان اڳ، تون پنھنجي دوستن ۽ عزيزن کي چوندو ھئين تہ خدا جو قسم ڪنھن سوئر عصمت سان ھٿ چراند ڪئي ھوندي، ڇا اھو سفيد ڪوڙ نہ ھو!“

ڪرامت جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

”عصي! مون کي تنھنجي سر جو قسم جنھن تي ھي سھڻا زلف لڏي رھيا آھن، تنھنجي ھن چھري جو قسم جو بيحد دلڪش آھي، تنھنجي ھن خوبصورت ڇاتيءَ جو قسم، تنھنجي زندگيءَ جو قسم، جا مون کي پنھنجي جان کان بہ وڌيڪ پياري آھي.“ ڪرامت پنھنجو آخري ھٿيار استعمال ڪيو.

صبح جو سوير ئي ھن منصور، ڪرامت جي سوٽ، کان وڃي آڏي پڇا ڪئي. ھن ٻڌايس تہ مان حيدرآباد بہ ڪرامت سان گڏ ھوس، ۽ پتن جي راند ۾ بہ ٻئي شريڪ ھئاسين.

ڪرامت آفيس وڃڻ لاءِ تيار بيٺو ھو. باقي ڪوٽ پائڻو ھوس. عصمت، اھو ڪوٽ، جيڪو ڪرامت اڳيئن ڏينھن تي حيدرآباد کان واپس اچي لاٿو ھو، سو ڪبٽ مان ڪڍي، اچي ھن جي سامھون بيٺي. اھو جاچڻ لاءِ تہ رومال آھي يا نہ، عصمت ڪوٽ جي کيسي ۾ ھٿ وڌو. ھن جي ھٿ کي ڪا ننڍڙي سخت شئ لڳي.

”اڙي ھيءَ ٽڪي تہ ھتي پئي آھي.“ عصمت رڙ ڪري چيو.

اتي ڪرامت کي ياد اچي ويو تہ اڳيئن ڏينھن تي، حيدرآباد ۾، ھن منصور کان نظر بچائي، دڪان تي چڙھي، تڙتڪڙ ۾ اھي ٽڪيون خريد ڪيون ھيون، ۽ جڏھن ھو پنھنجي دوست اياز سان ملڻ ويو ۽ بہ چار منٽ اڪيلائي مليس، تڏھن اھا شيشي کولي، اھي ٽڪيون ڏسڻ لڳو. پر اجا شيشيءَ جو ٻوڇ مس کوليائين تہ ٻاھران ڪنھن جي اچڻ جو کڙڪو ٿيو. تنھنڪري ھڪدم اھا ڪليل شيشي کيسي ۾ ڪري وڌائين. وري جڏھن اڪيلو ٿيو، تڏھن اھي ٽڪيون کيسي مان ڪڍي، شيشيءَ ۾ وجھي اھا بند ڪري ڇڏيائين. انھيءَ وِجھہُ ڪَڍَ ۾ ئي ھڪڙي ٽڪي کيسي ۾ رھجي وئي ھئي.

عصمت کي بہ ٻڌايائين. ھن جو چھرو ٻھڪي اٿيو. ھن پنھنجو مٿو، ڪرامت جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ڇڏيو. ھن جي اکين مان ڳوڙھا وھڻ لڳا. ھنن ڳوڙھن ۾ پشيماني ۽ پيار ھو ...... عورت جي شڪي سڀاءَ ھڪبار وري شڪست کاڌي ھئي.

★

جامشورو، ٢٣ — جنوري 1955ع
فردوس: مئي 1955ع

امين گل

★

هن رستي تائين ئي اڪثر، امين گل کي ڪم تان موٽندي، ڏسندو هوس. اڄ ان ئي رستي تان هن جو لاش ڪڄي وڃي رهيو هو.

ڄامشوري جي شام مون کي ڏاڍي پسند آهي. خاص ڪري، سج جي ڦاهڙن پٺيان لهي وڃڻ ڪانپوءِ، ۽ اوندهه ٿيڻ کان اڳ واري مهل .... ٿڌي خاڪي روشنائي، صاف ۽ اجري نيري آسمان تي ننڍا ننڍا، عجيب غريب شڪلين ۽ جدا جدا رنگن وارا ڪڪر. تازگي پيدا ڪندڙ هوا. آءٌ ڪالونيءَ کان براج تائين ٽهلڻ ويندو آهيان. ڪالونيءَ جي اسپتال آڏو ڏاڍو سهڻو باغيچو آهي. اکين کي وڻندڙ ڇٻر جي ساوڪ، ۽ دل ۾ خوشي پيدا ڪندڙ جدا جدا رنگن وارا سهڻا سهڻا گل. ڪيترائي ننڍڙا ٻار هتي راند پيا ڪن.

براج جي پل واريون، جهومر ڪندڙ بتيون به تمام حسين ۽ وڻندڙ ڏيک پيش ڪن ٿيون. بتين جون ميل ڪن به ڊگهيون قطارون آهن، هڪڙي آسماني رنگ جي بلبن جي ۽ ٻي پيلي رنگ جي بلبن جي. ورڪ شاپ، اسٽور، رستي ۽ آسپاس جون بجلي بتيون ائين پيون نظر اچن، جيئن آسمان ۾ تارا.

امين گل هڪ پناڻ مزور هو. مون سان هن جي ڏيٺ ويٺ اسپتال ۾ ٿي. براج تي ڪم ڪندي، هن کي جنگهه ۾ پٿر لڳو هو. هن کي خاڪي قميص ۽ ڪانئچ ڦهريل هئا. ٻئي ڪپڙا ڏاڍا ميرا ۽ هنڌان هنڌان ڦاٽل هئا. ڪانئچ تمام لنبي هئي. پيرن ۾ پراڻو ڪابلي سئنڊل ۽ مٿي تي مختصر پٽڪو هوس.

هو سرحد پرڳڻي جي ڪنهن ڳوٺ جو رهواسي هو. هن وقت هن جي عمر 40 سال کن هئي. هو ڏهه سال فوج ۾ سپاهي ٿي رهيو. ان عرصي ۾ هن دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهميا، ۽ توبن ۽ گولن جي سامهون لڙيو. جنگ ۾ هو ڪيترا دفعا ڦٽجي به پيو. هن وقت هن کي فوج مان نوَ رپيا پينشن ملندي هئي. جڏهن هو واپس ڳوٺ آيو، تڏهن هن کي ڪو به مناسب روزگار ڪو نه ملي سگهيو. ٻه سال ائين گذري ويا. ميڙي چونڊي به ختم ٿي وئي. ڏهن ٻارهن پناڻن جي هڪ ٽولي سنڌ ڏانهن اچي رهي هئي. هنن ٻڌو هو ته سنڌ سرسبز ملڪ آهي ۽ ڪم پڻ آسانيءَ سان ملي وڃي ٿو. امين گل به انهن سان گڏجي هتي آيو هو.

هو مون کي ان ڪري به پسند هو، جو هو سنڌ ۽ سنڌين جي سدائين ساراهه ڪندو هو. چوندو هو ”مون به ساري دنيا ڏٺي آهي، پر سنڌين جهڙا سٻاجهڙا، مهمانواز ۽ رحمدل ماڻهو ڪٿي ملن. اسين پناڻ نمڪحرام نه آهيون، اسان جي نگاهه ۾ خدا کان پوءِ سنڌ جو درجو آهي، ڇو ته سنڌ اسان جي آن داتا آهي، اسان جو جياپو آهي.“

هو مسٽر رول تي ڪم ڪندو هو. جيڪي پورهيت مسٽر رول تي ڪم ڪندا هئا، انهن کي ٻه رپيا في روز جي حساب سان ملندو هو. جن ڏينهن تي موڪل هوندي هئي، يا ڪم بند هوندو هو، يا پورهيت پاڻ بيماري سيماريءَ ڪري ڪم تي نه اچي سگهندو هو، ته انهن ڏينهن جي اجرت کان هو محروم رهندو هو. ڪنهن ڏينهن تي ڪم ٿورو هوندو هو ته ٿورا مزور لڳايا ويندا هئا، ۽ ٻين کي موٽي وڃڻو پوندو هو.

جڏهن، هو حادثي جو شڪار ٿي، زخمجي، ملم پٽيءَ لاءِ اسپتال ايندو هو، تڏهن مان هن کي چوندو هوس ته هاڻي چار پنج ڏينهن آرام ڪجانءِ، ڪم تي وينديں ته اهي ڦٽ خراب ٿي پوندءِ. ان جي جواب ۾ هو چوندو هو ته آرام ڪندس ته ڪائيندس ڪٿان، چو ته انهن ڏينهن جي منهنجي مزوري ڪٽجي ويندي.

هن جو خدا ۾ پورو ڀروسو هو. چوندو هو ته خدا هنن ٻانهن ۾ ايتري قوت ڏني آهي، جو هنن زخمن هوندي ۽ بکئي پيٽ سان به مان ٻن ڳڏهن جيترو بار کڻي سگهان ٿو.

هن مون کي پنهنجي جسم جي جدا جدا عضون تي زخمن جا ڪجھ نشان ڏيکاريا، جي هن کي جنگ ۾ لڙندي ۽ براج تي چار سال ڪم ڪرڻ جي دوران رسيا هئا. هو چوندو هو ته صاحب مان ته اڃا جئرو آهيان، ۽ ڪو عضوو به ڪو نه ڀڳو اٿم، پر هن براج تي ڪم ڪندڙ سَوَ کان وڌيڪ حادثن ۾ مري ويا ۽ ڪيترائي جنگهون، ٻانهون، آڱريون وڃائي ويا ۽ لنگڙا ٽنڊا ٿي پيا. وري چوندو هو ته ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن منهنجو به لاش اچي اوهان وٽ پهچي.

هڪ ڀيرو دفعو هو پنهنجا جنگ جي زماني ۾ ڪٽيل چانديءَ ۽ سون جا ٻلا، جن تي راڻي وڪٽوريا جون تصويرون هيون، سي مونکي ڏيکارڻ لاءِ کڻي آيو.

امين گل عام طرح مهيني ۾ چاليهه رپيا، ۽ ڪنهن مهيني ۾ پنجاهه ته ڪنهن ۾ ٽيهه پنجٽيهه به ڪمائيندو هو. هن ٻڌايو ته هو سڄي مهيني ۾ رڳو ڏهه رپيا خرچ ڪندو هو. ان ڳالهه تي مون پت نه ٿي ڪئي. پر هو قسم کڻي ويو ته اها حقيقت آهي. چيائين ”صاحب مهيني ۾ ڳڙ جو ڏيڍ سير وٺندو آهيان، اهو ملي 12 آني، اٽين آني واري چانهه جي پڙي، ٻارهن تيرهن سير اٽو اٽڪل 4 رپيا، بس اهو آهي اسان جو کاڌو. ڳڙ واري چانهه ۽ ٻه ٽلها ڀوڳا. ماني ڪڏهن بصرن، چٽڻي يا پڪوڙن سان کائيندا آهيون. رڌ پچاءُ پنهنجي هٿن سان ڪريون ۽ ڪانيون به جهنگ مان پاڻ ميڙي اچون. باقي ٻيو ٿورو گهڻو خرچ نسوار وغيره جو.“

هو باقي پيسا پنهنجي گهر وارن ڏانهن هر مهيني مني آرڊر ڪري موڪليندو هو. گذريل ڇئن سالن ۾ هو فقط ٻه دفعا ڳوٺ ويو هو. هر ڀيري مهينو ڪن رهيو.

امين گل بيحد ديندار هو: نماز روزي جو سختيءَ سان پابند ۽ پيرن ولين ۾ پورو ويساهه رکندڙ.

گفتگوءَ ۾ بہ اڪثر نماز جو ذڪر ڪندو هو: ”ٽپهريءَ جي نماز پڙهڻي هئي، ان ڪري تڪڙو تڪڙو ڪم تان موٽيس.“ ”هاڻي وڃان ٿو نماز جو وقت ٿي ويو آهي.“ سياري ۾ هٿ پير ٺڪي پيس، چيائين ”ٿڌي پاڻيءَ سان وضو ڪرڻو ٿو پوي“ ڪنگهہ جي دوا وٺڻ آيو، چيائين ”رات سخت سردي هئي، تهجد لاءِ اٿڻ مهل اثر ٿي ويو.“

حيدرآباد ۽ ڄامشوري ۾، اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ سخت گرمي هوندي آهي. امين گل سڀ روزا رکندڙ هو. روزي ڪري، ڪنهن ڪنهن ڏينهن، هو ٻن ٽن ڪلاڪن کان زيادهہ ڪم ڪري نہ سگهندو هو، ۽ اُڃ کان ساٽو ٿي، وڻ جي ڇانوَ ۾ وڃي ليٽندو هو. جمعدار هن جي شڪايت ڪندو هو، ۽ هن جا ان ڏهاڙيءَ جا بہ رپيا ڪاٽيا ويندا هئا. هو چوندو هو تہ ان ڳالهہ جي مون کي پرواهہ ناهي، مولا تہ راضي آهي.....

ڏينهن ۾ چار پنج دفعا درياهہ ۾ وهنجندو هو، ۽ جڏهن ڪم تان لهندو هو، تڏهن آلو ڪپڙو ويڙهي سمهيو پيو هوندو هو. بک ۽ پياس ڪري طبيعت بہ ڏاڍي چيڙاڪ ٿي پوندي هئس، ۽ ذري ذري تي پيو پنهنجن ساٿين سان ڏند ڏيندو ۽ لڙندو هو.

سانجهيءَ جو ڪم تان موٽي پنهنجو ڪاڏو پاڻ پچائيندو هو. بعضي اهڙو ٿڪل ۽ بيحال هوندو هو، جو ڍوڍو پچائڻ جو بہ پاڻ ۾ ست ڪو نہ ساريندو هو. ان ڏينهن هن جو سنگتي نور بادشاهہ هن کي ڍوڍو پچائي ڏيندو هو.

رات جو ٽي چار ڪلاڪ مسيت ۾ تراويحون پڙهڻ ويندو هو، ۽ ان ڪانپوءِ کٽ تي ليٽڻ سان ئي گهري ننڊ وٺي ويندي هئس. وري اسر جو اٿندو هو. ڪڏهن جاڳ نہ ٿيندي هئس تہ بنا ڪاڌي پيتي ئي روزي جي نيت ڪري ڇڏيندو هو. صبح جو وري نماز ۽ تلاوت واسطي سوير اٿندو هو. هڪ لڳا هن کي پيٽ ۾ ويلو اچي پيو. سڄي رات سور کان لڇندو رهيو. صبح جو دوا وٺڻ آيو، پر چيائين پئندس شام جو، يعني روزي چوڙڻ بعد. ٻئي دفعي بدهاضمي ۽ گهمرن جي تڪليف ڪري آيو. بيني بيني اهو بہ ٻڌايائين تہ ”ڪالهہ جمعي جي خطبي ۾ امام صاحب عهد نبويءَ جا ڪيترائي واقعا ٻڌايا، اهڙن مسلمانن جا، جي روزي جي وچ ۾ سخت بيمار ٿي پيا، پر هڪ ڍُڪ پاڻي يا دوا جو وات ۾ وجهڻ قبول نہ ڪيائون، نيٺ شهيد ٿي ويا.“

هڪ ڏينهن شام جو ٽين بجي ڌاري، ڪي پورهيت امين گل کي مون وٽ کڻي آيا. هن جو بت تتل لوهہ وانگر ٿي ٻريو ۽ ساري بدن ۾ سخت سور هوس..... هن کي ڏينهن لڳي ويو هو..... اس ۽ گرميءَ ۾ سخت پورهيو، هيٺو ۽ نستو جسم، نہ ڪاڏو نہ پيتو......

هن پاڻي يا دوا پيئڻ کان صفا نابري واري، ۽ سئي هڻڻ به نه ڏنائين. هن چيو ته روزو هرگز نه ڀڄندس. زيادهه زور ڀرڻ تي، اکيون ڦوٽاڙي، لڙڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ٻيا، جي هن سان گڏ آيا هئا، تن به سمجهايس. آخر مون کي مڙني چيو ته ”سائين، اسين امين گل کي سڃاڻون، مرڻ کي مري ويندو روزو نه ڀڄندو.ل الله رحيم ڪريم آهي، ڀلاري مهيني جي برڪت سان اهي ٻه چار ڪلاڪ گذري ويندا، تيسين کو ٻيو حيلو ڏسيو.“

ٻيو ڪو چارو ڪو نه هو. مون هنن کي هن جي مٿي تي برف رکڻ ۽ ٻيون کي هدايتون ڏنيون.

جيڪي ٽيٽو هو، سو ٿي ويو. هي باهمت ۽ مضبوط پناڻ، جنهن جنگ جي ميدان تي توبن ۽ بمن کان پاڻ کي بچايو، جو براج جي حادثن کان محفوظ رهيو، جنهن غربت ۽ بيروزگاري، بک ۽ بيماريءَ سان مڙس ماڻهو ٿي مقابلو ڪيو، سو ڪلاڪن اندر ڏنل وائنل موت جو شڪار ٿي ويو.

مان ٿهلندو ٿهلندو براج جي پل تي پهتس. براج.... انجنير ۽ مزور جي فن جو شاهڪار، انسان جي عظمت جو گواهه. درياهه جو پاڻي اجا ڪو نه چڙهيو هو، ان ڪري صاف ۽ شفاف هو. مٿي بجليءَ جا بلب مرڪي رهيا هئا. ۽ پاڻيءَ ۾ انهن جو عڪس ناچ ڪري رهيو هو. فرحت بخش ماحول هو. گهگهوءَ روزي جو خاتمي جو اعلان ڪيو.

مسيت جي امام آذو، ماڻهن جا ثواب خاطر موڪليل ميوي، منائي، ۽ ڪاڏي جا انبار ڪنا تي پيا آهن. هن جو چهرو ٻهڪي رهيو آهي. هو سنيون سنيون شيون پنهنجي حجري ۾ موڪلي ٿو، ۽ ٻيون شيون جماعتين ۾ ورهائڻ واسطي ڏئي ٿو.......

ڄامشوري جي شام ڏاڍي دلفريب آهي، روزيدارن جي شام نهايت فرحتي آهي، پيش امام جي شام خوشين جو خزانو آهي..... مگر منهنجو ذهن هڪ ٻي شام جي ڏيکاءَ جو تصور ڪرڻ لڳو....... سرحد جي پهاڙن ۾، هڪ بستيءَ جي هڪ ڀڳل ٽٽل جهوپڙيءَ ۾ چار ٻار، جن مان ڪي صفا اگهاڙا ۽ ڪي اڌ اگهاڙا آهن، اهي رُکي ۽ پاروتي ماني نه کائڻ تي ضد ڪري، روڄ راڙو مچائي رهيا آهن: ۽ هڪ عورت، جنهن جي بدن تي به ميرو ۽ ليڙون ليڙون ٿيل لباس آهي، سا هنن کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪندي چئي رهي آهي ته ”عيد تي توهان جو بابا ايندو ۽ توهان لاءِ سنا سنا ڪپڙا ۽ سنيون سنيون شيون وٺي ايندو.......!“

⋆

ڄامشورو، ٣ – مئي 1955

ماهوار هلال پاڪستان: جون 1957ع

ضدي

★

هو پڪو ارادو ڪري چڪو هو ته هن دفعي ڪنهن به صورت ۾ زال کي موڪل نه ڏيندس.

سانجهيءَ جو هن جي زال، هن جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي، ڏاڍي پاٻوهه مان پڇيو ”عيد تي ڪراچيءَ وڃي هلندا نه؟“

عظيم کي شادي ڪئي ٻه سال ڪن ٿيا هئا. انهن ٻن سالن ۾، هن جي ڪنوار ڪيترائي دفعا ڪراچيءَ پنهنجي پيءُ ماءُ وٽ وڃي هئي. لاڙڪاڻي ۾ هن وٽ مهينو ٻه مس رهندي هئي ته وري ڪو موقعو يا عذر پيدا ٿي پوندو هو. هوءَ ڪراچيءَ ۾ وڏ ۾ وڏ مهينو، ۽ گهٽ ۾ گهٽ هفتو رهندي هئي. عظيم نوڪريءَ وارو ماڻهو. ظاهر آهي ته هو زال سان ڪراچيءَ ۾ ايترو وقت رهي نه ٿي سگهيو. هو ٻه ڏينهن موڪل وٺي هن کي ڇڏي ايندو هو، ۽ وري وٺڻ ويندو هو. نئين شادي ۽ نئين زال. هن جو هر انگل پورو ڪندو هو. سفر ۾ سخت تڪليف ٿيندي هئس، موڪل به مشڪل سان ملندي هئس، ۽ خرچ به ڏاڍو اچي ويندو هوس. ان ڪانسواءِ گهر واريءَ جي غير حاضريءَ ۾، ڏينهن به ڏاڍا ڏکيا گذرندا هئس. گهر چڻ ته ڪاٽڻ ايندو هوس. ٻيو ڪو ياتي ساڻس گڏ نه رهندو هو. هڪ نوڪرياڻي ۽ هڪ نوڪر هوس. زالس هن جي ڪاڏي پيتي، لٽي ڪپڙي جو خاص خيال رکندي هئي، ۽ هن کي هر ممڪن آرام پهچائيندي هئي.

نيٺ هو به ان سلسلي مان بيزار ٿي پيو، ۽ ڪجهه روڪ وجهڻ جو سوچيائين. اڄ وري اهائي فرمائش ٿي رهي هئي.

عظيم جواب ڏنو ”نڪو، هن دفعي پاڻ هتي ئي عيد ملهائينداسون.“

”نه، مون کي ڇڏيو!“

”نڪو!“

”ڇو يلا؟“

”بس ضرورت ڪانهي، روز روز ڪو وڃڻ نهي ٿو ڇا، ڪراچيءَ مان آئي اڃا مهينو به ڪو نه ٿيو اٿئي.“

”پو ڇاهي يلا، پيءُ ماءُ وٽ ٿي وڃان، ڪو پراوا ته ڪو نه آهن.“

”اهو سوال ڪونهي، مون کي هتي ڏکيائي ٿي ٿئي.“

”مان سگهوئي موٽي ايندس. هفتي کان وڌيڪ نه رهندس.“

چيم ته نه ني، گهڻو بحث نه ڪر.“

”مان ضرور ويندس.“

”هرگز نه، مان مسافريءَ جون مصيبتون سهي سهي تنگ ٿي پيو آهيان.“

”مان امان کي چوندس ته هوءَ وڏي ادا کي موڪلي ته اهو اچي مون کي وٺي ويندو.“

”نه، مان اجازت نه ڏيندس.“

نعيما روئڻ ته اول ئي شروع ڪري ڇڏيو، هينئر اوڇنگارون ڏئي رئڻ لڳي. عظيم هن کي ماٺ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

”تون روئين پيلا ڇو ٿي؟ ڏس مون اڳ ڪڏهن توکي روڪيو آهي. منهنجي تڪليفن جو به ته تو کي احساس هجڻ گهرجي.“

”توهان کي ڪا تڪليف ڪانهي، توهين هروڀرو ٿا مون تي بندش وجهو.“

”ڪجهه سمجهڻ جي ڪوشش ڪر.“

”ها، مان ته بيوقوف آهيان، توهين ته سڀ ڪجهه سمجهو ٿا نه، مان ضرور ويندس، پيءُ ماءُ وٽ وڃڻ کان توهين مون کي روڪي نه ٿا سگهو.“

”مون توکي پيءُ ماءُ وٽ وڃڻ کان نه روڪيو آهي ۽ نه روڪيندس. مگر هر ڳالهه مناسب موقعي تي ٺيڪ لڳي. آءٌ توکي روز روز وڃڻ نه ڏيندس.“

”مان ضرور ويندس، ڏسان ته ڪير ٿو مون کي روڪي؛ مان قيدڻ ته ڪو نه آهيان.“

”تميز سان ڳالهاءِ، هوش حواس مان نه نڪر.“

هوءَ ڀوڙها ڳاڙيندي رهي. گهڙي ساعت رڪي چيائين: ” مان هاڻي ڪراچيءَ ويندس ته وري ڪڏهن به هتي ڪو نه ايندس.“

عظيم اهو ٻڌي، دل ئي دل ۾ کليو. نعيما کي جڏهن به هن کان ڪا شڪايت ٿيندي هئي ته پوءِ اها ئي ڌمڪي ڏيندي هئي.

ٿوري مهل سانت رهي.

”مون کي ڇڏي ايندا نه ڪراچيءَ؟“

”ويهه دفعا ته چيو اٿم ته نه، خواهه مخواهه ڇو ٿي پريشان ڪرين. تون ته پڙهيل ڳڙهيل عورت آهين. توکي خود ئي سوچڻ گهرجي.“

”توهين منهنجي هيءَ ننڍي خواهش به پوري نه ٿا ڪريو.“

”ڪيترائي دفعا تنهنجي اها خواهش پوري پئي ٿي آهي. هن ڀيري ضد نه ڪر.“

”ضد ته توهين ٿا ڪريو. ڀلا ان ۾ توهان جو نقصان ئي ڪهڙو آهي؟ ڇو نه ٿا مون کي ڇڏيو.“

”توسان مٿو مارڻ اجايو آهي. وڌيڪ تنگ نه ڪر، مون کي ننڊ ٿي اچي.“

سياسي ليڊرن وانگر هنن جي لفظي لڙائي جاري رهي. ڪو ڪڙتيل ڪو نه نڪتو. رات جا ٻارهن وڄي ويا.

عظيم اڪيون پوري ننڊ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

نعيما رئندي، سڏڪا ڀريندي، پاڻ کي پٽ پاراتا ڏيندي.... موت به نه ٿو اچي، شادي آهي ڪين قيد، ڪٿي اچي ڦاٿي آهيان، ڪٿان اچي قسمت ڦٽي ..... نيٺ هوءَ به ننڊ جي آغوش ۾ پهچي وئي.

صبح جو وري به زال ۽ مڙس جي وچ ۾ مختصر مشاعرو ٿيو. نعيما هٿ منهن به نه ڌوتو، ۽ ڪاڌو کائڻ کان به انڪار ڪيائين. عظيم پڻ، غصي کان نيرانو ئي ٻاهر نڪري ويو. اتي پهتو ته نعيما فون تي ڳالهايس:

”مان امان کي ٽرنڪ ڪال ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”ڇا لاءِ؟“

”ٻڌائيندي سانس ته عيد تي ڪو نه ايندس.“

”ٽرنڪ ڪال جي ضرورت ڪانهي، خط ۾ احوال لکي ڇڏيندس.“

”نه، مان فون ڪندس.“

”ڇيم ته ضرور ڪونهي.“

”پر توهين مون کي ڪراچيءَ ڇو نه ٿا ڇڏيو؟“

”وڏيڪ بحث نه ڪر، مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏي.“

هن جهٽڪو رکي ڇڏيو.

منجهند جو گهر آيو. نعيما، بستري ۾ ائين پئي هئي، ڄڻ ته به ڏينهن ڪٽس ۾ ڪاٽيا هئائين. اڪيون سڄيل، چپ سُڪل، چهرو مرجهايل ۽ وار ڇڙوڇڙ. وري ساڳيو ٻنڻ.

”مان ضرور ويندس.“

”نه.“

”مان هر حالت ۾ ويندس، ڏسان ته ڪير ٿو مون کي روڪي. مان امان کي فون ٿي ڪريان.“

”نه، ڪو ضرور ڪونهي.“

”توهين مون کي پيءُ ماءُ سان ڳالهائڻ کان نه ٿا روڪي سگهو. مان ڪو ٻهراڙيءَ جي جاهل ڇوڪري ڪو نه آهيان، جو مون تي ائين رعب رکيو وجي.“

”تنهنجي سمجهه جي غلطي آهي.“

”مان هينئر ئي ڪريان ٿي، ڏسان ته ڪير ٿو مون کي جهلي.“

ائين چئي هوءَ اٿي، ۽ وڃي جهٽڪو کڻي رکي ٽرنڪ ايڪسچينج کان ڪراچيءَ جو نمبر گهريائين.

عظيم وِهُ جو ڍُڪ پي ويو.

”اما، مون کي عظيم ڪراچيءَ نه ٿو ڇڏي.“ ائين چئي هوءَ ڦٽي هيانءَ رئڻ لڳي.

عظيم شرم ۾ ٻڏي ويو. سس چا سمجهندي ته منهنجي ڌيءُ سان مڙس الائي ڪهڙا ويل ٿو وهائي. هيءَ ڳالهه جڏهن ٻيا مائٽ ٻڌندا، تڏهن ڪهڙو خيال ڪندا.......

نعيما آواز ڏنس ”امان توهان سان ڳالهائڻ ٿي چاهي.“ هن کي ڳالهائڻو پيو.

”چاچي، مان چوانس ٿو ته اجا هاڻي آئي آهين، ٻه چار ڏينهن ترس ته پوءِ وري هلنداسين. پر هوءَ هروڀرو ضد ٿي ڪري.“

”پٽ، رئي ٿي، انگل کيو اٿئين ته ڪٽي وني اچينس. اڳتي لاءِ سمجهائي ڇڏيندي مانس ته هوڏ نه ڪري.“

”چڱو چاچي، جيڪا اوهان جي مرضي.“

هن نعيما کي چيو ”مان ٻاهر وڃان ٿو، اڌ مني ڪلاڪ ۾ موٽي ايندس. تون سامان تيار ڪري ڇڏ، پنجين واريءَ گاڏيءَ ۾ هلنداسين.“

عظيم موٽي آيو. چانهه ميز تي رکي وئي هئي. نعيما وهنجي سهنجي، هار سينگار ڪري ويٺي هئي. ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين:

”مون کي معاف ڪريو. مون هروڀرو توهان کي ايترو تنگ ڪيو. مان ڪراچيءَ کو نه ويندس.“

”نه، هينئر توکي هلڻو پوندو. مان چاچيءَ سان انجام ڪري چڪو آهيان، ۽ آفيس مان ٻه ڏينهن ريزڪي موڪل به وٺي آيس.“

”نه، مان هرگز ڪراچيءَ نه هلندس“ نعيما جواب ڏنو.

⋆

چامشورو، ١٠ – مئي ١٩٥٥ع

فردوس: جنوري ١٩٥٦ع

ڪھاڻيءَ جي تلاش

★

هو ڪھاڻيءَ جي تلاش ۾ نڪتو.

صبح ئي هن کي اطلاع پھتو هو تہ ڪھاڻين جي چٽاڀيٽيءَ ۾، هن جي ڪھاڻي ”ساران“ بھترين قرار ڏني وئي هئي، ۽ هن کي پھريون انعام مليو هو. ان ڪري خوشيءَ ۾ ڦوليو نہ ٿي سمايو.

اڄ هو هڪ نئين ڪھاڻي لکڻ لاءِ سوچيندو رهيو. آفيس مان موٽي، ٽڙتڪڙ ۾ بہ گرهہ پريائين، ۽ اڪيلائيءَ ۾ هڪ مَنو ويھي، ذهن ۾ پلاٽ ٺاهڻ لڳو. هن سوچڻ شروع ڪيو: ڪھڙو موضوع چونڊيان، ڪھڙي قسم جو ڪردار پيش ڪريان، ڪھڙي گھٽنا جو سھارو وٺان... پنھنجي حياتي، پنھنجو ماحول، آسپاس جا انسان، ڪو اخباري واقعو، ڪو راڄنيتي، پنگتي يا گذراني مسئلو، سماج سندو ڪھڙو ناسور، جيون جو ڪھڙو پھلو؛ انهن سيني پنيان خيال جو گھوڙو ڊوڙايائين، پر ڪنھن بہ ماڳ تي پھچي ڪو نہ سگھيو. ڪو بہ من پسند مضمون ۽ موزون پلاٽ ڏيان ۾ ڪو نہ آيس.

ويھي ويھي ٿڪو ٿي تہ وري ڪوٺيءَ ۾ هڪڙي ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين اچ وڃ ٿي ڪرڻ لڳو. وچ ۾ ننڍو پاڙس ”ادا، ادا“ ڪندو اچي پرسان بيٺس، پر ان کي اهڙو چڙ ڏنائين، جو هو هيٺيون چپ ڪڍي، رئڻ جھڙو ٻوٿ بنائي، پوئين پير موٽي ويو.

هڪ بہ دفعو لکڻ بہ شروع ڪيائين، ۽ چار پنج سٽون قلمبند بہ ڪري ويو، پر وڏيڪ دل ۽ دماغ ساٿ ڪين ڏنس. سوچي سوچي هن جو دماغ ٿڪجي پيو پر ڪا ڪھاڻي پيدا ڪا نہ ٿي، جئن سُنڍ عورت کي ٻار نہ ٿيندو آهي.

سج لھڻ کي اچي ويجھو ٿيو. نثار ميمڻ گھر کان ٻاهر نڪرڻ جو خيال ڪيو. رستي ويندي.... سارو ڏينھن ٻنيءَ تي ڪم ڪري سانجھيءَ جو مٽي تي ڪانين جي پري رکي، پنھنجي جھوپڙيءَ ڏانھن موٽندڙ هاريءَ جو معصوم پٽ..... ٻوٽيندو وڃائيندو ۽ پنھنجي ڏڻ کي هڪليندو ويندڙ ٻڪرار..... ڪو ٿڪل ۽ ٻڪايل مسافر...... پلي گھوڙي تي سوار ۽ پنھنجي نوڪرن چاڪرن سان، مينھن واچ ڪندو، مٽي اڏائيندو، شڪار تان واپس ايندڙ زميندار..... شھر مان سودو سلف ۽ پنھنجن ٻارن لاءِ شيون خريد ڪري ڳوٺن ڏانھن موٽندڙ سادا ڳوناٽا...... گاهہ جون پريون ڪٽي ويندڙ ٻھراڙيءَ جون ضاعفون........ سج جو پھاڙن پنيان لھڻ ۽ لڪڻ، ۽ وڻن جي اوٽ مان ايرندڙ چنڊ جا نظارا، ٻھراڙيءَ جون سايون سايون پوکون، ڪليل ۽ فرحت بخش ماحول وغيرهہ وغيرهہ ڏسي، شايد ذهن ۾ ڪو پيارو پلاٽ پيدا ٿي وڃي.... هلندي هلندي، ڪڏهن تہ هو هر وٺ کي اکيون ڦاڙي غور سان ڏسڻ تي لڳو ۽ ڪڏهن تہ وري پنھنجي خيالن ۾ اهڙو مگن ٿي ٿي ويو، جو پرسان لنگھندڙ واٽھڙوءَ جو بہ سماءُ ڪو نہ ٿي رهيس.

هو اڪثر پيشن جو پسار ڪرڻ لاءِ ان طرف نڪري ويندو هو. رستو وٺي شاخ تي اچي چڙهندو هو، ۽ شاخ جي پر ڏيئي ڪوهه ڪن هليو ويندو هو.

سج غائب ٿي ويو هو. چانڊوڪي رات هئي. جو پنهنجي خيالن جي دنيا ۾ مست، شاخ جو ڪپ ڏيئي، هلندو ٿي ويو. هن جو دماغ، هن جي ٽنگن جي مقابلي ۾ وڌيڪ تيز هلي رهيو هو. اوچتو هڪ آواز هن کي ڏڪائي ڇڏيو. هن تي دهشت ۽ هيبت ڇانئجي وئي. هو ٻڀ پريل اکين سان آواز جي طرف نهارڻ لڳو.

"اڙي، جتي بينو آهين، اتي بينو هج!" وري آواز آيو. "ڇٽل جلدي اچ! پنهنجو شڪار اچي ويو." هن ڪنهن ٻئي همراهه کي سڏي چيو.

ٻُوڙن پنيان ٻه پاڇا نڪري هن ڏي وڌيا. هن ويچاريو ته چور هوندا ۽ مون کي ڦرڻ جي نيت اٿن.

"نثار احمد تنهنجو نالو آهي؟" هڪ ڄڻي اڊنگائي ۽ رڪائيءَ سان پڇيو.

"ها، پوءِ ڇا ٿيو، توهان کي ڇا گهرجي؟" هن همت کان ڪم وٺي جواب ڏنو. پنهنجو نالو هن جي واتان ٻڌي، هن کي حيرت ٻه ڏاڍي لڳي. هو ته هنن کي صفا ڪو نه سڃاڻيندو هو.

"ڇڱو، سڌو ٿي هل وڏيري وٽ!" هنن حاڪماڻي لهجي ۾ چيو.

"مان ڇو هلان وڏيري وٽ، توهين ڪير آهيون، وڏيري جو مون ۾ ڪهڙو ڪم، مان هن کي سڃاڻان ٻه ڪونه!"

"جيئن اسين چئون ٿا، ائين توکي ڪرڻو پوندو."

"زبردستي ٿورو ئي آهي، مان نه هلندس."

"ڇڱو ڏسون ته ڪيئن نه ٿو هلين." ائين چئي، ٻئي هن کي پر واري ڳوٺ ڏانهن گهلڻ ۽ ٺيلها ڏيڻ لڳا. هو پلا شينهن مڙس، ۽ هي ڪمزور ڪلارڪ. هن جي خود داريءَ کي چوٽ رسي آخر مون وڏيري جي ڪهڙي چوري ڪئي آهي، جو هي مون سان ههڙي حيواني هلت ڪن ٿا. وري بيهي رهيو. هنن مان هڪ شخص پَرُ ڪري لونڊڙيءَ تي نئنشو وهائي ڪڍيس. هن کي پنواٽي اچڻ لڳي. هو هن کي گهليندا وڏيري جي اوطاق ۾ پهتا.

وڏيرو کٽ تي وهاڻي سان ٽيڪ ڏيو، حقو ڇڪي رهيو هو. ٻه چار ماڻهو موڙن تي ويٺا هئا، ۽ ٻه چار نوڪر بيٺا هئا. ڪي ماڻهو پٽ تي پلٽي ماريو ويٺا هئا.

"سائين! اسين نثار احمد کي پڪڙي آيا آهيون." انهن ٻن شودن مان هڪ چيو.

وڏيرو ته ڪو پريو ويٺو هو. گجگوڙ ڪري وسڻ شروع ڪيائين. " اڙي تون آهين نثار احمد..... ڪوري ڪوريءَ جا پٽ، ڪمذات.... ڪميڻا.... سوئر......"

"وڏيرا سنيالي ڳالهاءِ، مان عزت وارو ۽ پڙهيل ڪڙهيل آهيان، ڪو ڄٽ ڄاموٽ ڪو نه آهيان، جو ائين ٿو ڳالهائين."

اهم ٻڌي وڏيري کي مرچ لڳي ويا. زور سان پنهنجي جسم کي جنبش ڏئي، جيئن ڪڪڙ ٻانگ ڏيڻ کان اڳ پنهنجا پر ڦڙڪائيندو آهي، هو سڌو ٿي وينو: ”تنهنجي ماءُ..... تنهنجي ڀيڻ.....“ وڏيري جي وات مان ڪچين گارين جو گٽر اٿلي پيو. هن جي واڇن مان گَڦ ٿي وهي.

”اڙي ڪمو! پٽينس جُندا ۽ هٽينس ٻه پادر ته پتو پويس ته ڪنهن سان ٿو ڳالهائي..... وڏو آيو آهي عزت وارو، اڙي تو جهڙا پڙهيل ته منهنجون جتيون پيا اگهن.“

ٻه شودا، جي هن کي جهليو بيٺا هئا، انهن مان هڪ ڇٽي هن جي وارن کي پڪڙي پوري زور سان ٻه ٽي لوڏا ڏنا. سور جي سختيءَ کان هن جي وات مان چيٽ نڪري ويئي. وري هن جي ڪوپريءَ تي موچڙن جو وسڪارو ٿيڻ لڳو. هن جي اکين مان ٽم ٽم ڳوڙها وهڻ لڳا. بيوسيءَ جي حد هئي! غصي کان هن جي اکين مان ٽانڊا ٿي نڪتا، پر اهي خود ڪيس ئي جلائي رهيا هئا. هو ڇا ٿي ڪري سگهيو..... هيءَ ساري ڪارروائي اهڙي تيزيءَ سان ٿي رهي هئي، جو هن کي اهو ٻه سوچڻ جو موقعو نه مليو ته آخر ائين ڇو ٿي رهيو آهي؟

وڏيرو ٿڪ ڏئي ڪلڻ لڳو. ”اڙي حرامي، هاڻي ڪجهه خبر پئي ته ڪنهن سان مهاڏو اٽڪايو اٿئي؟“

”آخر منهنجو قصور ڪهڙو آهي؟ مون تنهنجو ڇا بگاڙيو آهي؟“

”ڏاڍو اڻ ڄاڻ ٿو بڻجين. ڏسي وائسي الي ٿو وجين، بدمعاش پڙوا ڪٿي جا.“

”وڏيرا مهرباني ڪري شرافت سان ڳالهاءِ.“

”اڙي لوندا، توکي اجا خبر نه پئي ته ڪنهن جي سامهون بيٺو آهين.“

”ها، خبر اٿم ته هڪ جاهل، ظالم ۽ شيطان صفت درندي جي سامهون بيٺو آهيان.“

هاڻي ته حد ٿي چڪي. وڏيري، ”وڏيري، ”تڪون هجني!“ چوندي، هن جي منهن ۾ ٿڪ اڇلائي، ۽ ڇهبڪ ڪٽي، ڇتي ڪتي وانگر هن ڏي الر ڪري آيو... سٽ، سٽ...... نانا.... نثار گهڻو ئي هٿ پير هلايا، پر هو ٻن شودن جي قابوءَ ۾ هو. هن ڏاڍيون رڙيون ڪيون. ڪيترا ماڻهو اتي موجود هئا. سڀ ڳوٺ ۾ هن جون دانهون ٻڌڻ ۾ پئي آيون. پر اها ته رواجي ڳالهه هئي. اهڙي مار ته ٻيءَ چوٿينءَ ڪنهن نه ڪنهن کي پئي ملندي هئي. نثار بيهوش ٿي ڪري پيو. تڏهن مس مس وڏيري هٿ روڪيو، ۽ حڪم ڪيائين ته هن جا هٿ پير ٻڌي، هن کي ڪوٺڙيءَ ۾ ڦٽو ڪيو وڃي، صبح جو هن کي سؤ ڏهين ۾ پوليس جي حوالي ڪيو ويندو. هڪ هاريءَ کي ڇيائين ته ڪوٺڙي ٻاهران ننڊ ڪري، دروازي وٽ سمهي پئي. وڏيرو پاڻ حويليءَ ۾ وڃي آرامي ٿيو.

نثار هوش ۾ آيو ته پاڻ کي اوندهه ۾ پيل ڏٺائين. هن جا هٿ پير ٻڌل هئا. هن جي سڄي سرير مان سور جون سوٽون اپرن لڳيون. پگهر ۾ شل ٿي ويو هو، ۽ هن جا ڪپڙا

پڇي پت ٿي ويا هئا. اج ۽ بک کان بيحال ٿي رهيو هو. سخت گرمي ۽ بوسٽ ٿي رهيو هوس. کوٺڙيءَ کي ٿي چار ننديون ڳڙکيون هيون، جن مان ٿوري ٿوري چنڊ جي روشني اچي رهي هئي. ان روشنيءَ جي آذار تي رڙهندو رڙهندو، در وٽ پهتو، ۽ هوريان هوريان کڙڪائڻ لڳو.

در تي جو هاري مقرر هو، ان کي هن نوجوان سان پوري همدردي هئي، ڇو ته هن کي پڪ هئي ته هي به ٻين مظلومن وانگر، جي وڏيري جي عتاب جو شڪار ٿيندا آهن، هر طرح بيگناهه هوندو. هن هيڏانهن هوڏانهن نهاري، تسلي ڪري، آهستي در کوليو ۽ هن کان پڇائين ”ڇا گهرجي؟“ نثار جواب ڏنو ”پاڻي.....“ عين ان وقت هڪ ٻيو ماڻهو وارد ٿيو.

هيءُ هو وڏيري جو منشي.

منشي، نثار کي ٿورو گهڻو سڃاڻيندو هو. هن لاءِ عزت به هوندي هئس، ڇو ته هن کي هن جون ڪهاڻيون ڏاڍيون وڻنديون هيون.

پهرين ته هو ٻئي هراسجي ويا، پر منشيءَ هڪدم ”مان توهان جو سڄڻ بڻجي آيو آهيان.“ چئي، هنن کي خاطري ڏياري. پوءِ منشيءَ هاريءَ کي پاڻي، کير ۽ ماني کڻي اچڻ لاءِ چيو. ٻي به هر قسم جي سهوليت هن کي ڏني وئي.

نثار کي، منشيءَ کان اصل واقعي ۽ وڏيري جي بغض ۽ ڪاوڙ جي اصلي ڪارڻ جي خبر پئي.

وڏيرو اخبار گهرائيندو هو. هو پاڻ ته ڪورو ڄٽ هو، پر منشي روز هن کي اها پڙهي ٻڌائيندو هو. ان جا ليک ۽ ڪهاڻيون به هن جي خواهش تي هن کي پڙهڻيون پونديون هيون. نثار ميمڻ جون ڪهاڻيون پڻ ان اخبار ۾ ڇپيون هيون. وڏيرو اهي به ٻڌندو هو. هن جون به چار ڪهاڻيون زميندارن جا هارين تي ظلم جي موضوع تي هيون. اتفاق سان انهن ڪهاڻين ۾ اهڙيون گهٽنائون بيان ڪيون ويون هيون، جي هن وڏيري جي حياتيءَ جون حقيقتون هيون. هن جي ذهن ۾ اها ڳالهه ويهي ويئي ته نثار ميمڻ رڳو نالا مٽائي، هن کي اخبار ۾ بدنام ٿو ڪري. هن کي اها به سُڌ پئجي وئي ته هو پر واري شهر جو رهاڪو آهي.

گذريل هفتي ته بس حد ٿي چڪي. نثار جي انعامي ڪهاڻي ”ساران“ اخبار ۾ شايع ٿي، جا وڏيري کي منشيءَ پڙهي ٻڌائي. ان جو سٽاءُ هو ته هڪ زميندار، پنهنجي ملڪيت بچائڻ لاءِ پنهنجي ڌيءُ جو حق بخشايو. هن جي عمر ٢٥، ٢٦ سان ٿي وئي، پر هن کي ڪو نه پرڻايائين. اوچتو ان ڇوڪريءَ کي پيٽ ٿي پيو. پوءِ ته ٻار ڪيرائڻ لاءِ داين ۽ ڊاڪٽرن وٽ ڊڪون ڊوڙون پائيندا رهيا......

پٽ تي ليڪو : نجم عباسي

اتفاق سان اهو واقعو وڏيري جي ڏيءُ سان به ٿيو هو. هاڻي ته اهو همراهه حدون ٽپي ويو هو. وڏيري جي غيرت کي کليل للڪار هئي. هن جي صبر جو پيالو ٽمٽار ٿي چڪو. نثار جي ٿوري گهڻي جاچ تي هن اول ئي ڪرائي هئي، پر هينئر به شودا خاص ان ڪم تي رکيائين. انهن سموري جاچ ڪئي ته نثار ڪير آهي، ڪٿي ٿو رهي، ڪيڏانهن ٿو اچي وڃي..... نيٺ هو هنن جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي پيو.

صبح جو منشي ۽ ڪمدار جي سفارش ۽ منٿ ميڙ تي نثار کي آزاد ڪيو ويو. ”اهو اٿئي اسان جي خلاف ليک لکڻ جو انعام.“ وڏيري جا آخري اکر هئا.

ان ڪهاڻيءَ تي هن کي به انعام مليا هئا. پهرين انعام هن کي خوشيءَ جو منڙو احساس بخشيو هو، ۽ ٻئي انعام زندگيءَ جو تلخ تجربو.

هو تمام آهستي هلي رهيو هو. هينئر به هن جي بدن ۾ سخت پيڙا هئي ..... پر دل ۾ هو مني مني خوشي به محسوس ڪري رهيو هو، ڇو ته هن کي ڪهاڻي لکڻ لاءِ مواد ملي ويو هو، هڪ بهترين مواد!

٭

ڄامشورو، ٥ — جون 1955ع

ماهوار هلال پاڪستان: مئي 1957ع

جٽ

★

عورتن پکنڪ جي تياري ڪئي.

سارو ڏينهن گهر جي چوديواريءَ اندر چند ڦوڪ، رڌ پچاءُ، ٻارن جي ڀَٽَ ڪوهه ۽ مڙس جي خذمت چاڪريءَ ۾ چَٽُ ٿيو وڃي. مٿي ڪنهڻ جي فرصت بہ ڪا نہ. آخر تہ انسان آهي، ڪڏهن ڪڏهن تفريح بہ تہ هجي.

بيراج ڪالونيءَ ۾ فقط "عورتن جو باغيچو" ئي هو، جتي سانجهيءَ جو ستين — اٺين بجي عورتون ڪنيون ٿينديون هيون. ڪلاڪ — بہ ڳالهين ٻولهين، ڪل پوڳ ۽ نينگ ٽپا ڏيڻ ۾ ڏاڍي مزي سان گذرندو هو.

براج جي پل، جا ميل ڪن پري هئي، اتي پڻ وڻندڙ وايو منڊل ۽ نرمل نظارو هو. سير ۾ ڏاڍو لطف ايندو هو. مگر اوڏانهن وڃڻ واسطي مهلت ڪٿي. ڪڏهن ڪڏهن مرد موج ۾ اچي ويندو هو تہ برقعي جو ڪارو ڪفن پارائي ٿهلڻ لاءِ گڏ گهليندو هو. ان ۾ تفريح وري ڏوڙ هئي. مرڳوئي تازي هوا جي ڪميءَ ڪري، برقعي جي ستن پردن پٺيان ساهہ گهٽجڻ لڳندو هو.

پر مڙس جي سنگت ۾ اهو مزو ڪٿي! هو تہ پاڻ کي عورت ڪان وڌيڪ عقل وارا سمجهن ٿا، ۽ پنهنجون سياست جون ۽ الائي ڀيون ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون شروع ڪري ڏيندا، جي ٻڌي دل ئي ڪچي ٿيڻ لڳي. يا وري ڪندا نصيحتون ...... "گهر جو خرچ گهٽاءِ، پيسو ڪو نہ ٿو بچي، ٻارن جي صفائيءَ جو ڌيان رکندي ڪر....."

جتي پنج — اٺ مايون وينيون هونديون آهيون، اتي جو تہ لطف ئي ٻيوهوندو آهي. ڪچهري ڪندي اونده ٿي وڃي تہ بہ پتو ئي ڪو نہ پوي. رات ڪٽي وڃي ڳالهيون نہ ڪٽن!

ها، سو هڪ ئي وقت ڪيترين ئي عورتن جي دل ۾ اهو خيال جاڳيو تہ ڇو نہ ڪيڏانهن پکنڪ ڪجي؟ هڪ شام جو "عورتن جي باغيچي" ۾ فيصلو ڪيو ويو تہ پکنڪ ضرور ڪبو. گهڻي بحث مباحثي بعد نهراءُ پاس ٿيو تہ حيدرآباد جي "راڻي باغ" ڏانهن هلبو، ۽ سارو ڏينهن اتي بسر ڪبو.

راڻي باغ هر مهيني جي پوئين جمعي تي رڳو ضاعفن واسطي ڪليل هوندو آهي. مردن کي اندر وڃڻ جي اجازت ڪا نہ هوندي آهي. هنن بہ اهو ڏينهن پکنڪ خاطر مقرر ڪيو. اجا تہ مهيني جو پهريون جمعو گذريو هو. مڙئي عورتون بيچينيءَ سان ان ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳيون.

ان ڏينهن لاءِ وڏا وڏا پروگرام رٿجڻ لڳا. فلاڻي تفريح ڪبي، فلاڻيون رانديون ڪبيون، فلاڻي شرارت ڪبي. رات جو عورتن جي باغيچي ۾ ڏاڍي چاهه سان ان عظيم ڏينهن کي ياد ڪيو ويندو هو، جهڙي طرح ٻهراڙيءَ وارا ايندڙ ميلي يا ملاڪڙي جون ذوق شوق سان ڳالهيون ڪندا آهن.

خدا خدا ڪري اهو ڏينهن به آيو. رات جو سيني زالن کي آخري اطلاع ڏنو ويو ته سڀاڻي صبح جو سوير ئي هلبو. ڪو خاص انتظام ڪرڻو ڪو نه هو. ڪاڏي پيتي لاءِ هنن جو فيصلو هو ته سڀڪا پنهنجو ڪاڌو پچائي پاڻ سان کڻي هلي. باغ ۾ هلي هڙئي گڏجي طرحين طرحين طعام ڪائينديونسين. باقي رهي اسان کي اوڏانهن کڻي هلڻ لاءِ گاڏي، سا وري کهڙي ڏکي ڳالهه آهي. ايس-ڊي-اوز ۽ انجنيئرن وٽ لائيٽ وينس آهن. ڪنهن نه ڪنهن وٽان ضرور ملي ويندي. نه ته به لٽي پٽي اسپتال ۾ امبيولنس ته ٻيني آهي. هڪ ڇا، ويهه عورتون سخت بيمار ٿجي پونديون، جن کي حيدرآباد پهچائڻ لاءِ اسان کي گاڏي ملڻ گهرجي.... ڇگو، هاٿي تڙي پڪڙي وجو!

زالن پنهنجي مڙس کان اجازت ورتي. جن کي ڪنهن ضرورت يا مجبوريءَ ڪري مڙس موڪل نٿي ڏني، تن به به ڳوڙها ڳاڙي اهو حق حاصل ڪيو.

صبح جو گهرو ڏنڊي ۽ رڌ پچاءَ ۾ ساڍا ست وڄي ويا، حالانڪ هنن جو ساڍي ڇهين روانو ٿيڻ جو پڪو پروگرام هو. سڀ باغيچي ۾ گڏ ٿيڻ لڳيون. ڳالهيون شروع ٿيون..... فلاڻي اڃا چلهه تي ويني آهي، فلاڻيءَ جو خاوند بستري داخل آهي، هوءَ ان جي ٽهل ٽڪور ۾ رڌل آهي؛ فلاڻيءَ جا مزمان اچي ويا نه هلندي؛ فلاڻيءَ تي سخت بخار حملو ڪيو آهي، نه هلي سگهندي؛ فلاڻي ڪپڙا بدلائي رهي هئي، ايندي هوندي.... ڪن ڏي ماڻهو موڪليا ويا ته جلدي پهچي وڃن.

اوچتو هڪ ڄڻيءَ رڙ ڪري پڇيو "ڪنهن کي گاڏيءَ واسطي به چيو ويو آهي يا نه؟"

ٻيون ته هزارين ڳالهيون پئي ٿيون، پر صبح کان وٺي ان طرف ڪنهن جو به ڌيان ڪو نه ويو هو، حالانڪ پهرين ان ڪم جو خيال رکڻ کپندو هو. بهرحال، هڪدم ماڻهو پڄايا ويا. مگر جتان ڪٿان ناڪامي نصيب ٿين. ٻه — ٽي گاڏيون اول ئي حيدرآباد وڃي چڪيون هيون. هڪ — ٻه گاڏي ڊني پئي هئي، ۽ ٻن — ٽن جا ڊرائيور غائب هئا، ڇو ته اڄ جمعو هو ۽ هتي جمعي جي موڪل هوندي آهي.

مڙني جا مکڙا مرجهائجي ويا. هاٿي ڇا ٿيندو؟...... پر اڙي امبيولنس ..... يڄ ڊاڪٽر جي بيگم!

هن ڊاڪٽر کي اچي چيو "هڪ مائي سخت بيمار آهي. هن کي زناني تڪليف آهي، جا توهان کي نه ٻڌائي ۽ نه ڏيکاري ٿي سگهجي. هن کي امبيولنس ۾ حيدرآباد

ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ پهچائڻو آهي. اسين پڻ هن سان گڏ وينديونسين.“ ڊاڪٽر مشڪي ڏنو. امبيولنس ته خود بيمار هئي، ۽ ٻن ڏينهن کان علاج واسطي ورڪشاپ ۾ بيٺل هئي. ڊرائيور کي گهرائي چيائين ته ڪنهن به نموني کهلي سهلي گاڏي ڪاهي وڃ. ڊرائيور جواب ڏنو ته ورڪشاپ اڄ بند آهي ۽ گاڏيءَ ۾ فلاڻي فلاڻي خرابي آهي ۽ ان جو هلڻ ته هڪ طرف پر چرڻ به ناممڪن آهي.

عورتن ۾ ٺاڪوڙ پئجي ويو هو. پچ پچان شروع هئي. ڪانفرنسون ٿي رهيون هيون. هنن ڊرائيور کي سڏائي دٻ ڪيو ته تون سچو ٿين ته ڪم ٿي سگهي ٿو. ٻه ڪرار سچائيءَ تي چڙهي ته ڪڙهه تي ڪير پياري..... ڊرائيور جي زال کي گهرائي هنن کي پڪنڪ تي هلڻ جي نينڊ ڏني وئي، حالانڪه پهرين هوءَ ڪنهن ڳاڻاٽي ۾ ڪو نه هئي. ساڳئي وقت هن تي اهو به ڪم رکيو ويو ته هوءَ پنهنجي مڙس جي ڪن-مهٽ ڪري.

ڊرائيور وري ڊاڪٽر وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته جيڪڏهن هو ايس.ڊي.او ڏانهن ليٽر لکي ڏئي ته هڪ سخت بيمار لاءِ امبيولنس گهرجي ۽ هو ورڪشاپ (ڪارخانو) کولائي مسترين کي ڪم ۾ لڳائي، ته ڪلاڪ ڏيڍ ۾ گاڏي هلڻ جهڙي ٿي ويندي.

ڊاڪٽر جي چني پهچائڻ ۽ مڙس جي ڪن- مهٽ ڪرڻ لاءِ ايس.ڊي.او جي زال کي موڪليو ويو. ”امبيولنس ۾ منهنجي ساهيڙي وڃڻي آهي، اُتو جلدي ڪريو!“.....

ايس.ڊي.او مرڪندو، مسترين سميت، اس ۾ ميل پنڌ ڪري ڪارخاني ۾ پهتو.

امبيولنس جو هوائي جهاز جهڙو مخصوص شور ٻڌي، عورتن جا چهرا چمڪي اٿيا. ڪي چنچل ۽ چلوليون ته مستيءَ ۾ پرجي نچڻ لڳيون.

يارهن وڄي ويا هئا. ڏينهن به ڏاڍو تپي ويو هو، پر عورتن جا ارادا پهاڙ وانگر اٽل هئا.

پراڻي سلهه جي مريض وانگر ڪنگهندي ۽ بدهاضمي جي بيمار وانگر پنيان گئس ڪڍندي، امبيولنس چالو ٿي.

ڄامشوري ۽ ڪوٽڙيءَ جي وچ ۾ گاڏي ٻه دفعا خراب ٿي پئي. ڪلون ۽ پرزا نيڪ ڪندي، ڊرائيور دل ئي دل ۾ انجڻ ٺاهيندڙن ۽ شايد عورتن کي به گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو. ڪليل پٽريلو ميدان، نه وڻ نه ٽڻ، سج به چوٽيءَ تي، لُڪ اهڙي پئي لڳي جو چمڙي ساڙيو ٿي ڇڏيائين. امبيولنس ٻَني ٻڄجي وئي. عورتن منهن تي ڪٽي ڪولي ڇڏيو، پر باقي بدن ته برقعي ۾ بند هو. گرمي هنن نازڪ جسمن کي نپوڙي، پگهر جي صورت ۾ پاڻي ڪڍي رهي هئي.

گاڏي ڇُري پئي ته هوا به لڳي ٿي ۽ ڪجهه آٿت به پئي ٿيو ته اجهو ڪي منزل تي پهتاسين، بيهي ٿي ته دوزخ هو.

پٽڙتي ليکو: نجم عباسي

هڪ مائي، جنهن جا ٻين سيني کان گهڻا ٻار هئا، تنهن پاڻيءَ جي گهگهي کنئي هئي. انهيءَ تہ ستڻ بہ ڪا نہ جهلي. خشڪيءَ اچ کان سيني جون نڙيون سُڪي نڪر تي ويون. عورتن جا ٽهڪ ۽ مذاق گهٽجي ويا، ۽ ٻارن جو روج راڙو وڌي ويو.

گاڏي ڪوٽڙيءَ پهتي. سيني هوٽل تان پاڻي پيتو. هنن جي پيٽ ۾ وري ساهہ پيو. هو وري تازگي محسوس ڪرڻ لڳيون. منزل بہ ويجهي هئي. جسم سان گڏ هنن جي دل بہ اڇلون ڏيڻ لڳي.

ڄامشوري کان، ڪوٽڙيءَ رستي، راڻي باغ تائين اڌ ڪلاڪ جو پنڌ هو. پر گاڏي خراب ٿيڻ ڪري ڏيڍ ڪلاڪ لڳي ويو.

گاڏي، باغ جي دروازي وٽ اچي بيٺي. سڀ ڪلنديون، خوش ٿينديون هيٺ لٿيون، ڄڻ تہ جنت جي در وٽ پهتيون هيون. سڀڪا پنهنجي پنهنجي ٻِڍڙي سنپالي دروازي ڏانهن وڌڻ لڳي.

اتي بہ پوليس وارا بيٺا هئا. هڪ ڄڻو هنن ڏي وڌي آيو ۽ چيائين:

”اڄ گورنر صاحب جي ميونسپالٽيءَ هن باغ ۾ پارٽي ڪئي آهي، ان ڪري ڪنهن کي بہ اندر وڃڻ جي اجازت ڪانهي.“

هنن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ تہ هڪدم گرمي ٻيڻي ٽيڻي ٿي وئي هئي، ۽ هو پگهر جي درياهہ ۾ غوطا کائي رهيون هيون.

⋆

ڄامشورو، ٨ — جون 1955ع

مارئي: آگسٽ 1957ع

پير جو لوڻ

★

سج پنهنجو سفر پورو ڪريم غائب ٿي ويو آهي. ڏنار ڌڻ واڙي، ڪير پيا ڏهن. هاري ناري واپس موٽي رهيا آهن. گهرن ۾ جهوپڙين مان دونهين جا بادل پيا نڪرن. اوندهہ پنهنجا پَرَ ڦهلائڻ شروع ڪيا آهن.

قاسم ڪي نارَ تي نماز پڙهڻ ڪري دير ٿي ويئي آهي. هاٽي هو مٽي تي ڪڙپ جو بند رکي، ڪو مولود جهونگاريندو موٽي رهيو آهي. جڏهن گهر جي ٻاهران پهتو، تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو، ڄڻ تہ ڪو ڪنڊو زور سان هن جي ساڄي ڄنگهہ ۾ چپي ويو. ساڳئي وقت ساڙيندڙ سورَ جي سُوٽ بہ اپري. هيٺ نهارڻ سان پنهنجي پيرن وٽ، هڪ چٽڪمرو نانگ، ور وڪڙ ڏيندو، ڀڄندو ڏنائين. هن تي خوف ۽ هراس ڇائنجي ويو. ٻَنڊُ ڪري پري ڦٿو ڪيائين.

”يج ادا نورل! نانگ ڪائي وڌم.“ هن پنهنجي پاءُ کي رڙ ڪري چيو. هن ٻنهي هٿن سان پنهنجي ڄنگهہ کي ڪٽي پڪڙيو. نورل ڊوڙندو آيو. نانگ تہ پر واري لوڙهي ۾ لڪي ويو هو. هو پنهنجي پاءُ کي ٽيڪ ڏيئي اندر وٺي ويو. هڙئي پاتي اچي مڙيا. قاسم ڪنجهي رهيو هو.

پوتڙو نوڙ وانگر ويڙهي، هن جي ٽنگ ۾ زور سان ٻڌو ويو. هيءَ خبر ٻجليءَ وانگي ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي. دوست ۽ همدرد ٻيا ڪم ڪاريون ڇڏي، قاسم جي گهر اچي سهڙيا.

سڀ ڪنهن پنهنجي معلومات ۽ تجربي جي لحاظ کان مشورو ڏيڻ شروع ڪيو. ڏٽي بخش هاريءَ چيو تہ ملان موسي کي گهرايو تہ اچي ڦيٽو وجهي. صديق دڪاندار ڏَسُ ڏنو تہ پر واري ڳوٺ جي حڪيم همت عليءَ وٽ وجو؛ هن وٽ نانگ بلا جي چڪ واسطي هڪ خانداني نسخو آهي، بس وڃڻ جي دير آهي. مائي ڄامل صلاح ڏني تہ، حليما شڪارڻ کي گهرايو تہ اچي چوسي زهر ڪڍي ۽ ڄورون هٽي ڏنگ جي پاسن وارو ڪنو رت نيڪالي ڪري. ماستر عرض محمد جا هڪ ٻہ عزيز شهر جي سول اسپتال ۾ نانگ جي ڏنگ جو علاج ڪرائي چڪا هئا. هن ٻڌايو تہ ”ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن ڪک سنگهيل چوويهن ڪلاڪن اندر، يا جيترو بہ جلد ٿي سگهي، اسپتال ۾ پهچايو وڃي تہ اهڙي دوا آهي، جنهن سان سؤ فيصدي يقين سان هن کي بچائي سگهن ٿا.“ ماستر پنهنجي مائٽن جا مثال پڻ ٻڌايا ۽ هنن کي صلاح ڏني تہ قاسم کي بنا دير اسپتال ڏانهن ڪٽائي وڃن.

جعفر خان چيو تہ ”ڏهن ڪوهن تي هڪ جوڳي رهي ٿو، ڏٽيءَ هن جي هٿ ۾ بہ چڱي شفا ڏني آهي.“

هنن اڃا ڪو فيصلو ڪو نہ ڪيو هو. قاسم بہ سيڪهہ سٽي رهيو هو. اوچتو هن کي هڪ خيال اچي ويو، ۽ ڏاڍو ارمان ٿيس تہ اهو خيال کيس هڪدم ڇو نہ آيو.....

قاسم ڪڙمي هو. هن کي پنهنجو زمين جو ٽڪرو هو، جنهن کي هو پاڻ ئي آباد ڪندو هو. هو سائين ڪرڙ شاهہ جباريءَ جو مريد هو. هن جو پنهنجي مرشد سان عشق هوندو هو. اهڙو اعتقاد ڪن ٿورن مريدن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. هو پنهنجي پير کي بي انداز غيبي ۽ ظاهري طاقتن جو مالڪ سمجهندو هو. هن گهر جي ٻين ڀاتين جو بہ مرشد ۾ ايترو ئي ويساهہ هو.

ها تہ، قاسم پاڻ تي ڦٽڪار وجهڻ لڳو تہ هن جي ايمان ۾ ايتري لرزش بہ ڇو آئي، هن کي ايتري دير پنهنجي پِير جو ”لوڻ“ ياد ڇو نہ آيو.

مريد هن پير کان لوڻ پڙهائي پاڻ وٽ رکي ڇڏيندا هئا. جڏهن ڪو بيمار ٿيندو هو، تہ ان پڙهيل لوڻ جي چپٽي پاڻيءَ ۾ ڳاري، هن کي اهو پياريندا هئا. ٻين جي تہ خبر ناهي، پر قاسم جو اهو آزمودو هو، تہ هن کي جڏهن بہ پيٽ، مٿي يا ڪن ۾ سور پيو تہ هن اهو لوڻ پاڻيءَ ۾ وجهي پيتو ۽ هميشہ خير ٿي ويو. ڇئي نہ ٿو سگهجي، پر شايد هي مريد پنهنجي زخمن تي بہ اهو لوڻ ٻرڪيندا هئا!

قاسم دانهن ڪئي ”اڙي نورل! انهن اجاين ڳالهين ۾ ڇوتا وقت وڃايو، اسان کي ڪنهن وٽ بہ وڃڻ جي ضرورت ڪانهي، سائينءَ جو پڙهيل لوڻ پيو آهي، سو ڪٽي اچو.“

اهو ٻڌي، هن جي ماءُ، پياءُ ۽ ٻين ڀاتين جا چهرا ٻهڪي پيا. ڄڻ تہ، اچانڪ ڪو پوريل خزانو هٿ اچي ويو هون: ڄڻ تہ هنن کي موت جي اونداهين ۾ حياتيءَ جي جوت نظر آئي هئي: ڄڻ تہ هنن جي بدنصيبن جي ماڙيءَ ۾ نصيبن جو سورج اڀري آيو هو. هنن اطمينان جو ساهہ کنيو. هاڻي هنن بہ ٻين ڳالهين کي فضول سمجهيو.

هن جي ٽنگ سڄندي ويئي هئي. سارو جسم سور ڪرڻ لڳو هو. بي آرامي وڌڻ لڳي. پير جي لوڻ جو پاڻي پياريو ويو. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ تہ هن جي اڌ تڪليف دور ٿي ويئي. هن پنهنجي پير جو نعرو لڳايو ”حق سچا جباري!“ گهر وارن کي پڪ ٿي ويئي تہ سڀ خير ٿي ويندو. ايتري قدر جو ٻهراڙيءَ جي ٽوٽڪن ”مثال طور گيهہ پيارڻ) کي بہ هنن نظر انداز ڪري ڇڏيو. ڪلاڪ منو گذريو. وري تڪليف ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. وري هن کي گلاس پاڻيءَ ۾ چپٽي لوڻ جي وجهي، اهو پياريو ويو. ڪجهہ وقت هن پاڻ کي بهتر سمجهيو. وري ساڳي حالت ٿي ويئي. هن تي غنودگي طاري ٿيڻ لڳي..... ان غنودگيءَ جي حالت ۾ قاسم کي سپنو نظر آيو. هن ڏٺو: مرشد سائين اچي سامهون بيٺو آهي. قاسم هڪدم هن جي قدم تي ڪري التجا ڪرڻ لڳو

”سائين!.....“ هن اجا اهو لفظ مس ڪڍيو ته مرشد روڪي ڇيس ”بس، ابا، اسان کي ساري خبر ملي چڪي آهي. اسان کي خبر آهي ته توکي ڪک سنگهيو آهي. اهو به ٻڌائي ڇڏياءِ ته اهو تنهنجو امتحان هو. اڳئين سال، تنهنجي عقيدي ۾ ٿوري لرزش آئي هئي ۽ تو ڏن ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي هئي. ان ڪري اسان نانگ موڪلي تنهنجو امتحان ورتو. پر تون امتحان ۾ ڪامياب ٿئين ۽ ٻيا وسيلا ساري رڳو اسان جي لوڻ ۾ ويساهه رکيو اٿئي، هاڻي تون نو بنؤ ٿي ويندين......“

هو ”حق يا جباري!“ جو نعرو هڻي، ننڊ مان سجاڳ ٿي پيو.

هاڻي ڏنگ واري جڳهه مان رت وهڻ شروع ٿيو. ريلو ڪيائين ته اهو پڻ رت ڪري ٻاڙهو هو.

ٻئي ڏينهن ٻن پهرن تائين هن جي حالت ۾ ڪا به.

تبديلي ڪا نه آئي. هو پير جو لوڻ ڏيندا رهيا، ڪن چڱن مڙسن هنن کي بار بار سمجهايو ته مرشد جي دعا سان گڏ ٻيو حيلو به ڪريو، مڙس پؤٽو پوندو ٿو وڃي. مگر هنن جو، ۽ خود مريض جو پنهنجي پير ۾ پورو ڀروسو هو ته سائين اچي سير ۾ حامي ٿيندو.

ماستر عرض محمد پنهنجي مدد جي آڇ ڪئي. صديق چيو ته ”مان پاڻ ٿو وڃي حڪيم کي وٺي اچان.“ پر هنن خشڪ جواب ڏيئي ڇڏيو. مائي جامل ته حليما شڪارڻ ساڻ ڪري اچي نڪتي، پر خود قاسم اکيون ڦوٽاڙي، اهڙي ڇڙٻ ڏنن، جو ٻئي عورتون شرمنديون ٿي موٽي ويون. ٻين جو حيلو قبول ڪرڻ ۾ هنن پنهنجي ڪام مرشد جي گهٽتائي ٿي سمجهي، دنيا جي ڪا به طاقت هنن جي اعتقاد جي پهاڙ کي لوڏي ڪين سگهي.

منجهند جو نڪهير شروع ٿي ويئي، ۽ شام تائين ٽي دفعا رت جي قئه ڪيائين. هن جو چهرو هئڊ جيان پيلو ٿي ويو هو، نِستائيءَ جي ڪري چري پري نه ٿي سگهيو، ۽ هاڻي ته هن جا هوش حواس گم ٿيڻ لڳا هئا. هو رکي رکي ”پهچ پير!“ يا ”رس جباري!“ چئي رهيو هو. هن جا عزيز هن کي پير جي لوڻ جو ڊوز ڏيندا رهيا. هنن جو ته ساري عمر اهو عقيدو رهيو هو ته اهو لوڻ هر درد جي دوا آهي.

قاسم جي حالت هيٺي ٿيندي ويئي. هر گهڙي هن کي موت جي ويجهو آڻي رهي هئي. هن جي جسم مان رت جو سيلاب جاري هو. زخم مان رت، وات مان رت، نڪ مان رت، پيشاب ۾ رت..... ۽ لاڳيتو چوڏهن پندرهن ڪلاڪ وهندو رهيو. هو ڪنهن جي ڪو نه پيا ٻڌن. اهو ئي يقين ته آخري لمحي به مرشد سائين پنهنجي غيبي طاقت سان اچي مددگاري ٿيندو؛ سڪرات ۾ به موت جي ملائڪ کي تڙي ڪيندو ۽ هڪل ڪري چوندو ته ”هٽي پري ٿيءُ، هيءُ اسان جو مريد آهي!“

جڏهن قاسم صفا بي سرت ٿي ويو، هن جي نبض مشڪل سان محسوس ٿي ٿي، تڏهن خبر ناهي ڇو هنن جو اعتقاد زلزلي ۾ اچي ويو. ماءُ هنجون هارڻ لڳي ۽ نورل گهوڙي تي چڙهي حڪيم هدايت عليءَ ڪي ڀر واري ڳوٺ مان وٺي اچڻ لاءِ ڀڳو ......
حڪيم سان واپس جڏهن گهر ڀاهران پهتو، تڏهن اندر رئڻ ۽ پار ڪڍڻ جو آواز ٻڌائين، ۽ گهر ۾ گهڙڻ سان پڌر ۾ نڪر جي پيالي جا ٽڪر ۽ لوڻ پکڙيل ڏٺائين!

⋆

جامشورو، ۴ — جولاءِ 1955ع
انسان: ٢ — نومبر 1959ع

طوفان ۾ ڏيو

★

نرگس کي وئي اڌ ڪلاڪ ٿي ويو هو. هو ويچارن ۾ وينو رهيو. هن جي پريشاني وڌندي ٿي نظر آئي.

نرگس کي ٻاهر اماڻڻ بعد، در جو ڪنڊو بند ڪرڻ وقت، هن جا هٿ ڏکي رهيا هئا، ۽ جڏهن هو هنڌ تي اچي ليٽيو، تڏهن هن کي پنهنجي جسم جو عضوو عضوو لرزندو محسوس ٿيو. پر اجا تائين هو خوشيءَ جي خمار ۾ مست هو.

جلدئي هن کي ان انديشي اچي گهيرو ڪيو ته ڪنهن ڏسي ته نه ورتو آهي؟ ڪنهن کي شڪ ته نه پيو؟ متان ڪنهن نرگس کي پنهنجي گهر ۾ گهڙندي، يا ٻاهر نڪرندي ڏٺو هجي. جي ائين آهي ته هن ڪهڙو انومان ڪييو هوندو، ۽ ان جو نتيجو ڇا نڪرندو!

هن ڪونيءَ ۾ نظر ڊوڙائي. ڪا دري ڪليل ته ڪا نه رهجي ويئي هئي، ڪو اهڙو ته سوراخ ڪونهي جتان ٻاهر واري جي نظر اندر پئجي سگهي. اوچتو هڪ روشندان جو ڪجهه حصو ڪليل ڏسي، هن جي دل دهلجي ويئي. ان مان سامهون وارن گهرن مان ته ڪنهن ڏسي ڪو نه ورتو. هو اٿي روشندان هيٺان ويو، ۽ غور سان جاچڻ لڳو. خاطري ڪري وري ڪٽ تي آيو.

خيال ڪيائين ته بالڪنيءَ ۾ وڃي، اوڙي پاڙي کي ڏسان ته ڪٿان اهڙو شڪ جو اهڃاڻ ته ڪو نه ٿو ڏسجي. پر هن کي اوڏانهن وڃڻ ۾ ڇڻ ڊپ محسوس ٿي رهيو هو. بالڪنيءَ مان پهرين ته هيٺ رستي تي يا سامهون گهرن ڏانهن نهارڻ جي جرئت نه ٿي ٿيس. پر پوءِ نظرون مٿي ڪيائين. ڪي گهر بند هئا، ۽ ڪن ۾ عورتون پنهنجي ڪم ڪار ۾ رڌل هيون. هو واپس ڪوني ۾ آيو.

دروازي ته نڪ نڪ ٿي. هن جي دل زور سان دڪ دڪ ڪرڻ لڳي. هيءُ ڪير آهي؟ ضرور ڪنهن کي شڪ پيو آهي، ۽ مون کي بالڪنيءَ ۾ ڏسي، هن کي پڪ ٿي آهي، ۽ هاڻي هو مون کا آڏي پڇا ڪرڻ آيو آهي. آءٌ ڪيئن هن جي منهن مقابل ٿي سگهندس. هو ڇُريو ئي ڪو نه. وري زور سان در کڙڪيو. ٻيو چارو ڪو نه هو. در کوليائين. سامهون ٽپالي بيٺو هو.

”سائين، ڏٺم ته اڄ ڪلف لڳل ڪونهي، ان ڪري خيال ڪيم ته در کڙڪائي توهان کي سلام به ڪندو وڃان.“ هو خط ڏئي هليو ويو.

هن کي پاڻ تي کل اچي ويئي ته مان به ڪهڙو نه احمق آهيان. اجايو ڇرپائپ جا خيال ڪري، پاڻ کي پريشان پيو ڪريان. سڀ ڪجهه خبرداريءَ سان ڪيو ويو آهي، جنهن جو منهنجي ملائڪن کي به گمان ڪو نه پيو هوندو. هو اهي وهم وساري، نرگس

سان گذاريل پيار ۽ الفت جون گهڙيون ياد ڪري، پاڻ کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

هن جو نرگس سان ناتو ان وقت کان شروع ٿيو، جڏهن کان هن جي زال پيڪين وئي هئي. هن جي زال پيٽ سان هئي، ۽ پهريون ويم سندس پيءُ ماءُ جي گهر ٿيڻو هو. ويم ۾ اجا ٻه مهينا کن هئا، ۽ ان کانپوءِ ٻه اتي مهينو کن رهڻو هوس. هو هاڻي گهر ۾ اڪيلو هو. نرگس وارن جو گهر انهيءَ عمارت ۾ هو، ۽ دروازا آمهون سامهون هئا. انڪري جو جلدي جلدي هڪٻئي جي وجهو ايندا ويا.

صبح جو نرگس جو مڙس، پنهنجي ڏنڌي پنيان ويندو هو. نرگس پويان اڪيلي هوندي هئي. هوءَ هن جي ويجهو آئي ۽ ملاقاتن جو سلسلو وڌڻ لڳو. ڪنهن ڌاري عورت سان ملڻ، هن جي لاءِ پهريون تجربو هو.

هن جي خيالن جو سلسلو ٽٽي ويو. دروازي تي هوريان هوريان ٺڪ ٺڪ ٿي رهي هئي. هن جي دل وري گهٻرائڻ لڳي. هيءَ رازداني نموني ۾ ٺڪ ٺڪ ضرور منهنجي لاءِ بري ثابت ٿيندي. شايد ڪو ان قصي کان واقف ٿي ويو آهي. هاڻي ڇا ڪجي؟ پر اتي ئي هن جي اندر ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي .... اها پڪ نرگس آهي. شايد سندس مڙس جي موٽڻ ۾ دير آهي، ان ڪري وري ملڻ آئي آهي. پر ڪهڙو پتو، متان ڪا خراب خبر ٻڌائڻ آئي هجي.

سامهون شمشاد کي ڏسي، هن جي منهن جو پنو لهي ويو. هوءَ نرگس جي نڻان هئي. مڙس سان ناسازيءَ سبب ڪجهه ڏينهن کان ڀاءُ جي گهر ٽڪيل هئي. دستور موجب اڄ ٻه صبح جو هوءَ پنهنجي ساهيڙيءَ وٽ ويل هئي، پر شايد وقت کان اڳ واپس آئي هئي.

هوءَ اندر گهڙي آئي، ۽ در ٻيڪڙي ڇڏيائين. سليم پيلو پئجي ويو هو، نڙي سُڪي وئي هئس، ۽ نظرون زمين ۾ کٽي کپايون هئائين.

”مسٽر سليم! مان سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسي چڪي آهيان. توهان کي ائين ڪرڻ جو ڪو حق ڪو نه هو.“ هن غصي مان چيو.

”ڇو، ڇا ٿيو آهي؟“ هن ڇپن تي زبان ڦيريندي چيو.

”ڇا ٿيو آهي، ڇا ٿيو آهي، مان انڌي ڪو نه آهيان، توهان اسان جي عزت تي حملو ڪيو آهي. اسين نه بي غيرت آهيون ۽ نه بازاري. جي ڇوري اهڙي هئي، ته توهين هن کي سمجهايو ها ۽ پاڻ کي روڪيو ها، چڱي پاڙي جي لڄ رکي اٿو.“

سليم کي اکيون ملائڻ جي همت ڪا نه هئي.

آخر جواب ڏنائين ”شايد توهان کي ڪا غلط فهمي ٿي آهي.“

”مان وري ٻه چوان ٿي ته اجايا بهانا نه بڻايو.“

”آءٌ پلا ڪيئن توهان جي غلط فهمي دور ڪريان.“

”ڏسو جي وڏيڪ ضد ڪندا ته مان ساري ڳالهه ادا کي ٻڌائيندس، ۽ تنهنجي زال ۽ مائٽن ڏي به لکي موڪليندس ته هن شريف زادي جا هي ڪرتوت آهن. توهان کي شرم به نه آيو، پنهنجي نندي نيٽي زال هوندي به پراون ڏانهن تڪيندا وتو.“

سليم کي نگاهون مٿي ڪرڻ جو حوصلو ئي ڪو نه رهيو هو، نه ته شمشاد جي چهري تي شرير مسڪراهٽ ڏسي سگهي ها. هن جي عمر ٢٨ سال هئي، نڪ نقشا ڏاڍو وڻندڙ هئس.

”مهرباني ڪري مون کي هينئر اڪيلو ڇڏيو. مان ڪجهه به وڌيڪ ٻڌڻ نٿو چاهيان.“ سليم چيو.

”مان هلي ٿي وڃان، پر ياد رکجو، ان جو نتيجو چڱو نه نڪرندو.“ شمشاد دڙڪو ڏيندو چيو.

هن جي اکين آڏو اونڌيرو اچي ويو. انهيءَ انڌيري ۾ هن کي خودڪشيءَ جو خيال آيو.... نيٽي چيٽيءَ وٽ سمنڊ ۾ ٽپو يا نند جي گولين جي سڄي شيشي پيٽ ۾! هاڻي ڇا ٿيندو؟ مان ته تباهه ٿي ويس. پاڙي وارا هتي رهڻ ڪو نه ڏيندم، ۽ مائٽ به ٽڪون هڻندم. ساري عزت خاڪ ۾ ملي ويئي. دوستن جي نظرن ۾ پڻ ڪِري پوندس. چئن گهڙين جي مزي جي ايڏي ڳري قيمت. اها دنيا وارن جي بي انصافي آهي.... ۽ نرگس جي خاوند جو ردعمل ڪهڙو ٿيندو؟ اوچتو هن کي خيال آيو ته جيڪڏهن منهنجي زال جي اهڙي ڳالهه ٻڌجي ها، ته مان ڇا ڪريان ها؟..... مان هن جي يار کي خون ڪريان ها، نه نه، پنهنجي جوءِ کي قتل ڪريان ها، نه نه مان ٻنهي کي ماري وجهان ها.... ۽ هاڻي ڇا ٿيندو؟ پر اها ابهرائي آهي، اها حماقت آهي. انسان اردگرد جي حالتن ۽ فطرت جي تقاضائن جي اثر هيٺ ڪجهه ڪري وهي ٿو؛ اهو گناهه ناهي، اها غلطي ٿي سگهي، ۽ غلطيءَ جي سزا اهڙي سخت هجڻ نه جڳائي..... ان جو مطلب ته نرگس جو مڙس مون کي ختم ڪري ڇڏيندو......!

اهو خيال ايندي ئي هو اٿيو، ۽ گهر جا هڙئي دروازا چڱيءَ طرح اندران بند ڪيائين ته متان اچانڪ حملو نه ٿئي.

پوءِ پلا ڇا ڪريان؟ هڪدم گهر ڇڏجي. پر ڪراچيءَ ۾ ٻيو گهر ڪٿان ملندو؟ يا ڪنهن بهاني موڪل وٺي هليو وڃان. گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن دوست کي ته ضرور گڏي اچي رهائجي. ڪو مددگار ته هجي. هو پاڻ وٽ ته پستول رکڻ فضول سمجهندو هو، پر اڄ احساس ٿيس ته هٿيار هجي ها، ته ڏکئي وقت پنهنجي حفاظت ڪري سگهجي ها.

نيٺ ڇا ڪجي؟ اها نياڳي گهڙي ڇو منهنجي زندگيءَ ۾ آئي؟

زال هتي هجي ها، تہ چو منهنجي هيءَ حالت بڻجي ها. پنهنجي دوست کان پڇان، من هو ڪا چڱي صلاح ڏئي. پر نہ، اهي ڳالهيون ٻئي ڪنهن کي ٻڌائڻ معنيٰ پاڻ کي وڏيڪ خوار ڪرڻ.

”خدايا، هيءُ گناهہ بخش، هن دفعي پناهہ ڏي، اڳتي اهڙو ڪچو ڪم ڪو نہ ڪندس. مون سچي دل سان توبهہ ڪئي!“ هن جي نيڻن ۾ ڳوڙها تري آيا.

رستي تي بگيءَ جي ٻيهڻ جو آواز آيو. هن جي بي آرامي وڌي ويئي. شايد نرگس جو گهر وارو اچي ويو هو. هاڻي مون کي پڇڻ ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي. هو ڪن ڏيئي ٻڌڻ لڳو. ڏاڪڻ تي ڪنهن جي چڙهڻ جو آواز ڪو نہ ٿيو. ٽانگي ۾ ڪو ٻيو ماڻهو هو.

خيالن جي طوفان نئون موڙ ڪاڌو. منهنجي ساري عزت هاڻي شمشاد جي هٿ آهي. نرگس پاڃائي اٿس، ضرور کهڪاءُ ايندس. هروپرو تڪڙ ڪا نہ ڪندي. پر کهڙي خبر، سس ۽ ننهن، نڻان ۽ پاڃائيءَ جا پاڻ ۾ سخت جهڳڙا ٿيندا آهن. متان شمشاد کي ڪو وير وٺو هجي، پوءِ هوءَ دير ڪا نہ ڪندي.

هن پاڻ بہ شمشاد سان ڪو نہ رهايو هو. نرگس جي شوق ۾، هن شمشاد کي سدائين نظر انداز ڪيو هو. شمشاد، ڪيترائي گهمرا هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر هو هر دفعي رڪائيءَ سان پيش آيو هو. ڪيترائي دفعا هن جي اکين محبت جو پيغام ڏنو هو، مگر هن بيرخيءَ جو ورتاءُ ڪيو هو. هاڻي تہ هن کي موقعو مليو هو. هوءَ هڙئي ڪسرون ڪڍندي، پورو پورو بدلو وٺندي.

خون خرابيءَ کان بچڻ لاءِ آخرين اُپاءُ اهو آهي تہ مان ڪنهن نموني شمشاد کي سرچاپان ۽ راضي ڪريان. ڪاش! مون کي شمشاد جي ڪنهن يار جي ڄاڻ هجي ها، تہ مان ڪيس ان جو دڙڪو ڏيئي، خاموش ڪري ڇڏيان ها. هاڻي هن جي پيرن تي ڪري پوندس تہ هي دفعو پردو رک: مان هن جي خوشامد ڪندس، هوءَ ضرور مڃيندي. پر ها، زالون زيورن ۽ ڪپڙن تي هرڪجي ويندون آهن، چو نہ مان هن کي ڪا قيمتي سوکڙي وٺي ڏيان..... ساڙهي، واچ، واليون، سينگار-پيتي، يا جو ڪجهہ هوءَ چوي. رشوت سڀ ڪجهہ ڪري سگهي تي.

اهڙا خيال ڪري، هن جي دل جو بار ڪجهہ هلڪو ٿيو. نرگس جي مڙس جي موٽڻ ۾ اڃا گهڻو ئي وقت هو. هن سوچيو تہ: شمشاد کي گهران سڏي، اهو سڀ ڪجهہ هتي چئي ڇڏيان. هن هڪ دفعو وري بہ سچي دل سان توبهہ ڪئي.

ايتري ۾ در تي نڪ نڪ ٿي. هن اٿي دروازو کوليو. شمشاد هئي. هوءَ در بند ڪري اندر آئي ۽ ڪونيءَ ۾ عطر جي خوشبوءِ ڦهلجي ويئي. سليم هيسجي ويو. هن همت ڪري هن ڏانهن نهاريو. هوءَ اهڙي حالت ۾ هئي، جو سليم هن ڏانهن هڪ دفعو

وري بہ ڀرپور نگاهن سان نهارڻ ڪانسواءِ پاڻ کي روڪي نہ سگھيو. هوءَ نهي نڪي، هيروئن بڻجي آئي هئي، جڻ تہ ڪنهن سيٽ تي ڪئميرا جي سامهون پارٽ ادا ڪرڻ واسطي وڃڻو هجيس. وار هاٿوڪي فيشن تي نهيل، چپن تي سرخي، ڳلن تي پائوڊر، اکين ۾ ڪجل. بدن ڀريل ۽ ڊولائتو هوس. ڪليل ڳلي وارو چولو پهريل هوس، ۽ گوريون گوريون ٻانهون ڪلهن تائين اگھاڙيون هيون. سليم جي دل ۽ دماغ تي سُرُور ڀريو خمار ڇائنجڻ لڳو.

”مان توکي وري اهو ٻڌائڻ آئي آهيان تہ تو اهو ڪم ٺيڪ نہ ڪيو آهي. تو اسان جي خاندان تي ٽِڪو لاتو آهي، ان جو بدلو توکي ڏيڻو پوندو. ادو اچي تہ مان سڀ ڪجھ ٻڌائيندسانس، هو پاڻهي توسان حساب ڪتاب سمجھندو.“

سليم غور سان هن کي ڏٺو ۽ ٻڌو. هن جي آواز ۾ لرزش ڇو آهي؟ ڇا هن جي ڪاوڙ بناوتي تہ نہ آهي؟

”مان توکي هڪ تحفو پيش ڪرڻ ٿو چاهيان.“ هن چيو.

”ڇو؟“ شمشاد، ناز سان پڇيو.

”بس منهنجي دل ٿي چوي.“

”دل ان لاءِ چوندي آهي، جيڪو پسند هوندو آهي، ڇا مان توکي پسند آهيان؟“

سليم هلڪو ڇرڪ ڀري هن ڏانهن چتائي ڏٺو. هوءَ مرڪي رهي هئي، پر اکيون ملڻ ڪانپوءِ شمشاد جون نظرون جھڪي ويون، ڇاتيءَ جا ڏاڙهون تڪڙو تڪڙو هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا.... ۽ جوانيءَ جي تيز طوفان ۾ توبهہ جو ٺمڪندڙ ڏيو وسامي ويو.

⋆

چامشورو، ٢ – نومبر 1956ع
ماهوار عبرت: جولاءِ 1960ع

پوت

★

هن جا ڪجهه اهڙا دوست هئا، جي جڏهن هن سان ملڻ ايندا هئا، تڏهن هن کي "پوت" سڏي، پاڻ ۾ کلڻ لڳندا هئا. ڪمپائونڊر وري هنن کي "اچو پاڙيا خان!" چئي، ڪيڪاريندو هو.

مون کي ڪيترائي دفعا خيال آيو ته هن کي پوت ڇو ٿا سڏين؟ شڪل شباهت مان ته اهڙو ڪو نه ٿي لڳو. ٿي سگهي ٿو ته ڪو اهڙو واقعو ٿيو هجي، جو هو ڪنهن شئ کي پوت سمجهي ڏنو هجي ۽ سندس سنگتين کي سُڌ پئجي وئي جي، جن اها چيڙ ناهي هجيس.

هڪ ڏينهن پڇيومانس "هي توکي پوت ڇو ٿا سڏين؟"

جواب ڏنائين "سائين، ان جو سبب هڪ ڏاڍو مزيدار واقعو آهي."

پوءِ هن اها ڳالهه ٻڌائي.

هو ڪمپائونڊري سکڻ کان اڳ ۾، هڪڙي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هو. ان ڪارخاني ۾ هندستان مان آيل هڪ پوڙهو به ملازم هو. هو هتي اڪيلو ئي آيو هو. هن جا ٻيا سڀ ويجها مائٽ، هندستان ۾ هئا. هڪڙي ڀيري پنهنجي ساٿين کي ٻڌايائين ته سندس پٽ هندستان مان پهچي رهيو آهي. هو پٽ جون ڏاڍيون ڳالهيون ڪندو هو. هن کي ان وقت ڇڏيو هئائين، جڏهن هو اجا ڏهن سالن جو هو ان وقت کي ڏهه ورهه گذري ويا هئا. هاڻي هو ويهن جو ٿي ويو هوندو. هو پنهنجي پٽ جي هر سال گهٽ ۾ گهٽ هڪڙي تصوير ضرور گهرائيندو هو. اها تصوير سيني سنگتين ۽ مزورن کي ڏاڍي فخر سان ڏيکاريندو هو.

چوندو هو ته پٽ اچي هاڻي ڪمائي ڪارائيندم، ۽ منهنجي پيري آرام سان گذرندي. هو هاڻي سچ پچ ڏاڍو خوش نظر اچڻ لڳو هو.

ائين به چوڻ لڳو ته "ڏسجو متان منهنجي پٽ کي نظر هڻو، منهنجي ڏيءَ کي به نظر لڳي هئي، ۽ پوت اچي هن جي بت ۾ واسو ڪيو هو."

هن جي ڏيءَ کي پوت لڳڻ جو قصو هن طرح هو ته هوءَ جوان ۽ سهڻي هئي. اوچتو اچي دورا پوڻ لڳس. ڪڏهن کلڻ لڳي، ڪڏهن رئڻ. ڪڏهن گهر مان وٺيو جو ڀڄي ته سڌو مقام ۾ وڃيو نڪري. سيني جو رايو اهو هو ته ڪنهن پوت پريت جو پاڇو پيو اٿس. ڏاڍا تعويذ ۽ ڦيٽا ڪرايا ويا. هن جا دورا ختم تڏهن ٿيا، جڏهن هن کي پرڻايو ويو.

نيٺ هن جو نينگر اچي پهتو. پر پهچڻ سان ئي بيماريءَ جو حملو ٿيس گردن ٽوڙ بخار ۾ ورنجي ويو. هن بيماريءَ ۾ مريض ڇڙيون به هڻندو آهي، ڳچي اڪڙجي پوندي

اٿس، ۽ بدن رکي رکي ڪمان وانگر سيٽجي ويندو آهي. هو وقلجي ٻه پيو. علاج ٻه ڪراينس، پر پوڙهي جو خيال هو ته جن پوت جو سايو اٿس، ۽ اهي علامتون جسماني بيماريءَ جي ناهن. اهو پئي هنجون هاريائين، ۽ هر ايندڙ ويندڙ کان پئي پڇيائين ته "انهيءَ پوت الائي ڇو اسان جي ڪٽنب سان وير وڌو آهي؟"

خير خيرات ٻه ڪيائين.

نيٺ نه دوا اثر ڪيو ۽ نه دعا. هتي پهچڻ جي پنجين ڏينهن، پوڙهي جي اميدن جا محل پاش پاش ڪري، هن کي خوشين جي اُپ تان ڪيرائي، هن جي سهاري جا ساز ٽوڙي، هو موت جي ماترۍ ۾ هليو ويو.

ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن هن سان دلي همدردي ظاهر ڪئي. ڪفن ۽ دفن جو انتظام ٻه هنن ڪيو.

هن ڪمپائونڊر تي قبر کوٽڻ ۽ مقام ۾ ٻيو بندوبست ڪرڻ جو ڪم رکيو ويو. هو ۽ ٻه ڄڻا ٻيا وڃي قبر کوٽڻ لڳا.

ڇوڪري جو موت سانجهيءَ جو ٿيو هو. قبر کوٽائي جو ڪم پورو ٿيڻ تائين، رات جا يارهن لڳي ويا. ٻيا ويا اطلاع ڏيڻ ته هاٽي ميت آندو وڃي، ۽ هي ڪمپائونڊر اتي ئي ترسيو.

اونداهي رات هئي. گولو آندو هون، جو پرسان ئي پئي ٻريو. سياري جي موسم، سخت سردي، مٿان وري هوا ٻه ڏاڍي تکي لڳي رهي هئي. هوا جي ڪري ڪٻڙ، ڪرڙ ۽ ڪنديءَ جي وڻن مان "سون،سون" جا آوزا بيقرار روحن جون آهون پئي محسوس ٿيا. ڪڏهن وري، اوچي گنبذ واري ديول ۾ گيتن جي پڙاڏي جهڙو آواز ٿي پيدا ٿيو. ڪڏهن صفا ماٺ ٿي ٿي وئي. هڪ مال گاڏي، جا ان سمي، ڏند ڪٿائن وارو هڪ اکيو راڪاس لڳي رهي هئي، سا شور مچائيندي لنگهي وئي. آسمان تي ٽمڪندڙ تارا، دوزخي ٽاندا لڳي رهيا هئا. پري کان اسٽيشن جون ڳاڙهيون بتيون، ديون جي خونخوار اکين وانگيان ٿي ڀاسيون، بعضي بعضي ڪن جيتن جي "جهين جهين" جو آواز ٿي ٻڌڻ ۾ آيو. اونداهي، ادس ۽ سنسان وايومنڊل ۾ هر چيز ڀوائتي ٿي معلوم ٿي.

مگر هو ڊنو نه ٿي، ڇو ته هن جو گهر ئي اهڙي هنڌ هو، جو هن کي ڏهاڙي ان قبرستان جو وچ مان لنگهڻو پوندو هو ۽ هو ننڍي هوندي کان ان ماحول تي هريل هو.

البت سيءَ ڏاڍو تنگ ڪيس. قبر کوٽڻ وقت، ڪم ڪرڻ ڪري، عضوا گرم ٿي ويا هئس، ان ڪري سيءَ جو پتو ڪو نه پيو هوس؛ پر هينئر واندو وهڻ وقت بيحد سردي محسوس ٿيس. قميص ۽ ڪوٽ پهريل هئس ۽ مٿان اجرڪ ٻه ويڙهيل هوس؛ پر هيئڙي ٽڌ ڪي، اهي ڪٿي ٽا روڪي سگهن. ٽڙ ٽڙ ڪنبڻ لڳو ۽ ڇاڙي وڄڻ لڳس. وڃي سو وڃي ڪيڏانهن. ڪا پناهه جي جڳهه نظر ڪا نه آيس. ڪرنڊڙو ٿي، هڪ ٿلهي وڻ جي

ٽڙ وٽ وجي وينو، پر سيءُ ڪٽي ٿو جند ڇڏي! اتر جو واءُ تيز تر ٿيندو ٿي ويو، هن جي سيني ۾ ڇپندو رهيو.

مقام، شهر کان ڇگو پري هو، ان ڪري ميت جي پهچڻ ۾ اجا ڳچ دير هئي. گهر ويجهو هوس، خيال ڪيائين ته گرم هنڌ ۾ وڃي آسودو ٿيان. پر ائين ڪرڻ به مناسب نه ڄاتائين. نيٺ ٻي واهه نه ڏسي، ان ڪوٺيل قبر ۾ گهڙي ويو. اهڙي سمي ۽ اهڙي جڳهه تي هيءَ قبر، بجليءَ جي هيٽر سان گرم ٿيل ڪوٺيءَ کان گهٽ نه هئي. همراهه حالي ته گرم ٿي ويو، ۽ هڪ پاسي ٽيڪ لڳائي، سولو ٿي وينو. ننڊاکڙو هو، سو جهٽڪو اچي ويس.

ميت وارن، جنازي جي نماز پڙهي، جنازو اچي قبر جي قريب رکيو. گولو ٻريو پئي. ڪمپائونڊر کي نه ڏسي، سمجهيائون ته هيڏانهن هوڏانهن ڪٿي ويو هوندو. ماڻهو اچي قبر جي چوڌاري بيٺا.

گوڙ تي جيئن ئي ڪمپائونڊر جي اک کلي ته هو ٽپ ڏئي اٿي بيٺو. ماڻهن جو اوچتو ائين قبر مان ويڙهيل سيڙهيل سسي ظاهر ٿيندي ڏٺي، سو لاش اتي ئي ڇڏي، ”ڀوت.... ڀوت!“ ڪندا وٺي ڀڳا.

پوڙهو ڀڄڻ سان گڏ چوندو ٿي ويو ”اڙي، مون ته چيو ٿي ته منهنجي پٽ تي جن ڀوت جو پاڇو آهي.“

ماڻهو ڀڄي رهيا هئا. ڪي ٿاٻڙجي ڪريا ته وري جلدي اٿي وڏيڪ زور سان ڊوڙڻ لڳا. مٿان مزو اهو ٿيو جو ڪنهن جو ٽڏو لڳڻ ڪري، گولو اونڌو ٿي پيو ۽ وسامي ويو. گهگهه اونداهي ٿي وئي، ۽ وايومنڊل بيحد ڀيانڪ ٿي ويو.

ڪمپائونڊر خيال ڪيو ته جي مان هنن جي پٺيان نه ٿو وڃان ته هنن مان ڪو به واپس ڪو نه ٿيندو، ۽ مڙهه ائين ئي پيو هوندو. سو هنن کي پهچڻ ۽ حقيقت ٻڌائڻ لاءِ هو به وٺي هنن جي ڪڍ ڀڳو، ۽ رڙيون ڪندو ويو ته مان فلاڻو آهيان. پر اڳيان، هن کي پٺيان ايندو ڏسي، وڌيڪ تکو ڀڄڻ لڳا.

آخر اڌ منو ميل ڀڄڻ ڪانپوءِ، مس مس وڃي هڪ ٻن ڄڻن هن کي ۽ هن جي آواز کي سڃاتو ۽ بيٺا.

سيئي سهڪي رهيا هئا. جڏهن ڪجهه سامت ۾ آيا، تڏهن هن کان اصل حقيقت ٻڌي، هو ڏاڍا شرمندا ٿيا، ۽ موت جهڙي موقعي تي به ڏاڍو کليا.

★

حيدرآباد، 27— نومبر 1962ع

بادل: جون 1966ع

ڪرامت

★

هو نئين سال نذرانو ڏيڻ کان ننو اکر واري وينو.

اڳي تہ پوري پابنديءَ سان، پاڻ ئي اها پونجي اچي پير جي پيش ڪندو هو، پر هينئر يادگيري ڏيارڻ ۽ نياپا موڪلڻ تي بہ آڏو ابتو جواب ڏيئي، ماٺهو موٽائي ڇڏيائين. پير پڻ اهڙي سٽيي رقم سولائيءَ سان سهسائڻ وارو نہ هو.

آخر لحاظ کان، پير جي ڪوٺ تي، سيٺ هڪ ڏينهن هن جي ڪچهريءَ ۾ آيو.

پير هن کي ياڪر پائي گڏيو، ۽ پنهنجي پاسي ۾ ڪري وهاريائينس. اڄ سيٺ جي سلوڪ ۾ گهڻو ڦيرو هو. هو اڳي وانگر پير کي پيرين پئي ڪو نہ مليو، ۽ نہ وري هن جو هٿ چميائين. پير هيءَ تبديلي تاڙي تہ ويو، پر تڏهن بہ معمولي مرڪ سان ڳالهائيندو رهيو. اوپاريون لهواريون ڪندي، نيٺ پنهنجي مطلب تي آيو.

سيٺ، جنهن ساري ڄمار پيرن اڳيان پيشاني گسائيندي گذاري هئي، سو هينئر پنهنجيءَ تي ٿي بيٺو، چي: اڳي تہ هوس اونده ۾، مس مس روشن راهہ تي رسيو آهيان، وري پويان پير مور نہ پائيندس.

پير بہ شڪار هٿان ويندو ڏسي، آپي مان نڪري ويو. خيال ڪيائين تہ ڌيرج سان نہ، تہ ڌمڪيءَ سان ئي سهي. ڪڙڪو ڪري چوڻ لڳو ”چا تون ايتري قدر گستاخ ٿي ويو آهين، جو ڏن ڏيڻ کان انڪار ٿو ڪرين؟ چا تون اسان جي قهر ۽ غضب کان غير واقف آهين! توکي ان جو جلد ئي مزو چکايو ويندو.“

ان مهل پير جو جوش ۽ جلال جاچڻ وٽان هو. اڳي، سيٺ صاحب، جي پير جي واتان اهي ٻول ٻڌي ها، تہ هوند رعب ۽ خوف وچان ڏڪڻي وٺي وڃيس ها، ۽ هن جي قدمن تي ڪري، معافي معافي پڪاري ها. پر هينئر هن جي دل کي لوڏو ئي ڪو نہ آيو. سندس نرڙ تي ندامت جو ڪو بہ نشان نمايان نہ ٿيو. هن وات مان ٻڙڪ بہ نہ ٻولي، چو تہ سمجهائين تہ هتي ”ماٺ ڪريان تان مشرڪ ٿيان، ڪڇان تا ڪافر“ وارو قصو آهي. انهيءَ ڪري مِني بہ ماٺ، مُني بہ ماٺ. گنڀير بنيو وينو رهيو.

پير، تير نشان تان گسندو ڏسي گويا پاڳل ٿي پيو، ۽ وري رنڀ ڪري چيائين ”بي سمجهہ! تون اسان جي معجزن کان منهن ٿو موڙين، تڙ تي رهي واڳن سان وير ٿو رکين، اسان توکي تنهنجي گهر جو گهر ۾ ڪرامت ڏيکارڻ ٿا چاهيون. ڏاڏا سائين ڪندو تہ تنهنجي ٽجوڙي تنهنجو سڀ سون ۽ ڳهہ ڳهي ويندي. قلندر ڪندو تہ پائي پنندو وتندين.“

سيني وينلن جي وات مان ”حق، حق“ جو نعرو نڪري ويو. هو سيٺ جي حال تي افسوس ڪرڻ لڳا ته ڏسي وائسي ٿو باهه ۾ ٽپو ڏئي. جن مرشدن سان مهاڏو اٽڪايو، اهي ڪڏهن به سنئين لڱين ڪين ٿيا. جو هنن کان ڦريو، سو ڦُريو. انهن جو جهڳوئي جهڻ. ويڙهي ئي ختم. اهڙا سوين مثال، اسان پنهنجي هنن گنهگار اکين سان ڏٺا، ۽ ڪنين ٻڌا.

پر سيٺ صاحب دل ئي دل ۾ ڪليو. هن پير جي ڏاڏي جي ڏمر ۽ قلندر جي قوتن کي صحيح نموني سڃاتو ٿي. وڏيڪ ويهي، وقت وڃائڻ فضول سمجهي، هو ٻاهر نڪري ويو.

(۲)

”چور...... چور.....!“ جا آواز مانيٽي ماحول کي چيرڻ لڳا. يڪايڪ، پاڙي مان به پڪارون ٻڌڻ ۾ آيون: ”پهتو ، پهتو... نه ويندو، نه ويندو ..... پڪڙيو، پڪڙيو!“

ماڻهن جي ڊڪ ڊوڙ شروع ٿي ويئي. هر ڪنهن کي هٿ ۾ هڪ نه ٻيو هٿيار هو. ڪن کي ڪهاڙي هئي، ڪن کي لٺ ۽ ڪن کي لوڙهه.

چور پڪڙجي پيو. هو نيم بيهوشيءَ جي حالت ۾ هو. هن جي مغز مان رت ريلا ڪري وهي رهيو هو. چانڊوڪيءَ ۾ هن جو چهرو ڏسي، ڪيترن ئي ماڻهن جي وات مان هڪ ئي وقت حيرت جي دانهن نڪري ويئي.

چور کي سڃاڻي، سيني جا طاق لڳي ويا. هر ڪنهن کي سُڌ پئجي ويئي ته هي شريف ڊاڪو، چوريءَ جي ارادي سان سيٺ جي گهر ۾ گهڙيو هو، مگر سڀ سوڙو جهلجي پيو. هن کي پوليس جي حوالي ڪرڻ کانپوءِ، سڀ ماڻهو سيٺ کي وڪوڙي ويا ته اسان کي سموري واردات کان واقف ڪر.

سيٺ هنن کي ٻڌايو ته هن جو پهرين پيرن ۾ ڪيترو ويساهه هوندو هو، ۽ پوءِ ڪيئن بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيائين، ۽ پير سان پوئين گڏجاڻيءَ ۾ ڇا ڇا وهيو واپرايو.

هن وڌيڪ چيو : ”تورا ڏينهن ٿيا، هڪڙي ڪاليجيءَ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪيم. هونءَ ته آءٌ پيرن تي ڪک پيو نه سهندو هوس، پر خبر ناهي ته هن جي ڳالهائڻ ۾ ڪهڙو جادو هو، جو سڀ ڪجهه صبر سان ٻڌندو رهيس. سچ پچ ته هن منهنجا ڪپاٽ ئي کولي ڇڏيا. هن مون کي مرشدن جي مڪارين ۽ درويشن جي دوکيبازين بابت گهڻو ڪجهه ٻڌايو؛ ۽ هر ڳالهه صاف ثابتين ۽ مثالن سان. پڇاڙيءَ ۾ مون کي ٻه چار ڪتاب پڻ ڏنائين: جن جي پڙهڻ سان منهنجا رهيل کهيل شڪ به دور ٿي ويا؛ ۽ جيئن ئي مون سوچڻ شروع ڪيو، تئين ئي پيرن جو پست اخلاق، ڪوڙيون ڪرامتون ۽ ننگيءَ جا ناهه، فلم جي تصويرن وانگر منهنجي آڏو ڦرڻ لڳا. مون کي پنهنجي گذريل حياتيءَ جي

بيوقوفين تي ارمان ٿيو، ۽ آئيندي واسطي اهڙي وهم پرستيءَ کان پري رهڻ جو پڪو پهه پچايم.

”پير جي هن پوئين گفتگوءَ کانپوءِ مان غافل ڪو نه رهيس. هن جي دڙڪي جو مطلب منهنجي ذهن ۾ هو. گهر ۾ دڪان جي چڱيءَ طرح چوڪسي ڪرڻ لڳس. اڄ، اڌ رات ڌاري، مان پنهنجي هنڌ تي ليٽيل هوس، مگر ننڊ خير ڪانه هئي، ته ڪجهه سراسراهٽ جو کڙڪو ٿيو. پٽ مٿان ڪنهن کي چڙهندو ڏٺم. منهنجي تيز نظر هن کي سڃاڻڻ ۾ دير نه ڪئي. مون چاهيو ته پليءِ ڏاهو ڪانءُ به ٽنگو ڦاسي ته ٻين لاءِ به سبق ٿئي. پل ته پير ۾ عقيدو رکندڙ، هن جي ڪڌن ڪرتوتن کي پنهنجي اکين سان ڏسن. هو ٽجوڙيءَ تائين اهڙو تکڙو پهچي ويو، ڄڻ ته گهر جو ڀاتي آهي. يڪ اتم ته ٽجوڙيءَ جا پار پتا پير ئي هن کي ڏنا هوندا، جو هو اسان جي گهر ۾ پئي آيو ويو آهي، ۽ سامان سڙي جو چڱيءَ ريت واقف آهي. اتي مون مناسب موقعو سمجهي ”چور، چور“ پڪارڻ شروع ڪيو. هو بدحواس ٿي ڀڄڻ لڳو. انهيءَ ڀاڄ ۾ به چار دفعا ڪوپري وڃي پٽ سان ٽڪريس ۽ رت ايترو ٿي وهيس، جو ڪتا نه چٽين. مون هن کي جهلڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر هٿ ڦٻي نه سگهيا، ۽ هو پٽ ٽپي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هينئر منهنجو هٿيار وڃي رهو هو فقط دانهون ڪوڪون ڪرڻ، ۽ مون پورو زور لڳائي هُل مچايو. توهان پاڻ پهچي ويا، ۽ سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏٺو.“

هي ٻڌي هڪ همراهه چيو ”هي جو ڏيڍ سال اڳ، هن تنهنجي ڪاليجيءَ جي جاءِ مان چور پڇايا هئاسون، انهن مان هڪ چهرو مان ٿورو ٿورو ڏسي سگهيو هوس، ۽ مون کي هڪدم خيال آيو ته هي پير جو خاص خليفو ته نه آهي؟ پر وري اهو ويچار پنهنجي دل ۾ مون اچڻ ئي نه ڏنو، جو ته اهڙي ڳالهه جو خيال ڪرڻ به گناهه ٿي ڀانيم. پر هاڻي مون کي پڪ ٿي ٿئي ته انهن ٻن ڄڻن مان هڪ اهو ساڳيو خليفو هو.

(۴)

ٻئي ڏينهن، ننڍي وڏي جي وات اها وائي هئي ته پير جو خاص خليفو چوري ڪندي پڪڙجي پيو. سيئي ڏندين آڱريون ڏيئي رهيا هئا. ويچارا مريد ۽ عقيدتمند، جيڪي پيڙهين کان وني، هن جي ڪرامتن جا قائل هئا، اهي انهيءَ شش پنج ۾ هئا ته پير کي هاڻي پير سمجهجي يا نه!

هوڏانهن سيٺ اعلان ڪيو ”ڪاليجي شاگرد ئي هن ڳوٺ جو پهريون شخص آهي، جنهن وهم پرستيءَ کان ڇوٽڪارو پاتو آهي. ائين رڳو تعليم حاصل ڪرڻ ڪري ٿيو آهي. اها تعليم جي جيئري جاڳندي ڪرامت آهي. ان ڪري هاڻي اسين تعليم ڏي پورو توجهه ڏينداسين. سنڌي اسڪول هتي اول ئي آهي، هاڻي انگريزي اسڪول پڻ شروع ڪرايو ويندو. ان لاءِ مان پنهنجي هڙئون اسڪول جي عمارت لاءِ ٽيهه هزار رپيا ڏيندس.“

پٺ تي لکيو: نجم عباسي

*تي ارمان ٿيو، ۽ آئيندي واسطي اهڙي وهم پرستيءَ کان پري رهڻ جو پڪو پهه پچايم.
روع ڪيو، تئين ئي پيرن جو پ

خانواهڻ، ٩— جون 1948ع

ڪراچيءَ جا ميزبان

★

فلم جي وچ واري انٽرول ٿي. هال ۾ هلڪي روشني ڦهلجي ويئي. ماڻهو چانهہ پيڻ ۽ سگريٽ ڇڪڻ لاءِ ٻاهر وڃڻ لڳا. ڪي ٿورا اسان وانگر ويٺا ئي رهيا. ان وقت هڪ سوٽ بوٽ وارو نوجوان ڇوڪرو ڦري اسان جي سامهون آيو ۽ حُبَ سان هر هڪ کي ٻاکر پائي ”جيئي سنڌ، جيئي سنڌ“ چئي ڳنڍجڻ لڳو. نہ رڳو ايترو، پر هن اسان کي ويڙهيل اجرڪن کي بہ ٿي چميو ۽ ساڳئي وقت چوندو ٿي ويو، ”جيئي اَجرڪ“، ”جيئي پٽڪو“، ”جيئي سنڌ“.

اسين ٽي دوست ڪراچي گهمڻ ويا هئاسين. هن وقت فلم ڏسڻ آيا هئاسين. سياري جي مند هئي، ان ڪري اسان سيني کي اجرڪ ويڙهيل هئا، ۽ هونءَ بہ سڄو لباس اسان جو پنهنجو ٻهراڙيءَ وارو هو: ڪانئچ، قميص ۽ مٿي تي پٽڪو.

هي ڇوڪرو، جو اوچتو اهڙي اوپري هنڌ ۾ اهڙي حُبَ سان اچي مليو تہ حيراني وٺي ويئي.

مون بہ اُتي بيهي، ٻاکر پائي، هن کي هٿ ڏنو. هن تہ منهنجا هٿ بہ چميا ۽ اَجرَڪُ بہ چميو ۽ جيئي سنڌ وغيرهہ چوندو رهيو. پريان ڪجهہ ويٺل ماڻهو عجيب نگاهن سان اسان جي طرف نهارڻ لڳا.

ان سمي، سنڌ، سنڌين ۽ سنڌي زبان جي باري ۾ هلچل هلندڙ هئي. مان ٻهراڙيءَ جو آهيان، پر پڙهيل ڳڙهيل آهيان، ۽ اخبارون پڻ باقاعدي پڙهندو آهيان. ان ڪري سمجهيم تہ هي ڇوڪرو بہ ڪو قومي خيالن وارو آهي.

چيائين، ”مان پنيان وينو هوس، توهان کي هن سهڻي سنڌي پوشاڪ ۾ ڏسي دل پرجي آيم. هن پنهنجي ديس ۾ جتي سنڌي ڳالهائيندڙ ۽ سنڌي پهريندڙ سنڌي، قسمت سان ڏسبا آهن، اتي توهان کي ڏسي خوشيءَ جي لهر اُبري آيم:

توهين سنڌ جي سونهن آهيو،

توهين سنڌ جا سپوت آهيو،

توهان تي سنڌ کي ناز آهي،

جيئي اجرڪ، جيئي پٽڪو، جيئي سنڌ.“

هو اهڙي اتساهہ ۽ شوق مان ڳالهائي رهيو هو ۽ ايترو خوش ٿي نظر آيو، ۽ اسين هن ساري قصي ڪري منجهي پيا هئاسين ۽ حيران هئاسين، ان ڪري ڪو اکر ئي ڪو نہ اڪليو.

ايسٽائين انٽرول پوري ٿي، ۽ وري اوندهه ٿي ويئي. ماڻهو موٽي اچي واپس وهڻ لڳا هئا.
هن ويندي چيو، ”چڱو پائو، جيئي سنڌ.“
هن جي وڃڻ ڪانپوءِ اسان مان هڪڙي سنگتيءَ چيو، ”يار، ڪريو خبر، ڪير همراهه هو؟“
اسان مان ته ڪنهن به هن کي نه ٿي سڃاتو. نه ڏٺل، نه ٻڌل.
ٻئي سنگتيءَ شبهو ظاهر ڪيو ته، ”يار، هي ڪو شهري لليجو ته ڪونهي، متان اسان کي ڀڙاڙيءَ جا ڇٽ سمجهي ڪو نڳيءَ جو ناهه رٿيو هجائين.“
هن جي اها ڳالهه مون کي پڻ ڳُڪِي.
ڇوڪرو ڏسڻ ۾ ڪاليجي شاگرد ٿي آيو. بهترين انگريزي ڪپڙا پهريل هئس، پنيان ڪياڙيءَ تي وار وڌيل، خط اڌي ڳٽي تائين اڻ ڪوڙيل، رنگ جو پورو، بدن پريل.
فلم شروع ٿي ويئي هئي، اسين ان جي ڏسڻ ۾ مصروف ٿي وياسين. فلم پوري ٿيڻ تي هجوم سان گڏ رڙهندا رڙهندا ٻاهر آياسين. رستي جي ڪناري تي اهو ڇوڪرو، هڪڙي ڪاري پيلي ٽيڪسيءَ جي پرسان اسان جي انتظار ۾ بيٺو هو. ٽيڪسيءَ جو ڊرائيور هڪ ٿلهو متارو حبشي اندر ويٺل هو.
اسان کي ڏسي، ڇوڪري جي ڇهري تي مرڪ ڇائنجي ويئي. ڏاڍي سِڪَ مان چيائين، ”پائو اچو، وهو ته اوهان کي اوهان جي گهر پهچائي اچان.“
هن جي انهيءَ دعوت تي شايد اسان ٽنهي جي اندر ۾ پنهنجي انديشي جي تصديق ٿيندي نظر آئي. وري به جواب ڏيڻ لاءِ منجهي پياسين.
هن دهرايو، ”ادا، اچو اچو، حجاب نه ڪريو.“
مون جواب ڏنو، ”نه، توهان کي تڪليف ٿيندي.“
هن کِلِي چيو، ”اها تڪليف نه، پر منهنجي لاءِ وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي.“
مون سوچيو: هو ”ايتري حَبَ ۽ سِڪَ مان صلاح ڪري رهيو آهي، ڇو نه قبول ڪجي:
قرب جو ڪٽورو پئبو پئبو،
زهر جي آهي، زندگي ڏيندو.
۽ شايد اهو خيال ساڳئي وقت اسان ٽنهي سنگتين جي دل ۾ پيدا ٿيو ته: ”جي هو نڳ آهي ته اسين به ڪراچيءَ جا واقف ۽ ٿي ڊنگ جوان آهيون، هي وات ڳاڙهو ڇوڪرو اسان کان ڏاڍو ڪو نه ٿيندو.“
مون پنهنجي ساٿين کي چيو، ”اچو وهو.“
هن اسان کي پويان وهاري، موٽر جو دروازو بند ڪيو، ۽ پاڻ اڳين جڳهه تي ٿي ويٺو.
اسان ڏي مهڙ ڪري پڇيائين، ته ”پائو، ڪيڏانهن هلبو؟“
اسان ڪياماڙيءَ تي رهيل هئاسين. ڊرائيور کي چيائين، ”ابا هل ڪياماڙي.“

هو ڳالهائيندو رهيو. هو اسان تي حاوي پئجي ويو هو. اسان کي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيو، ته ڇا جي باري ۾ ڳالهايون، ۽ ڇا جواب ڏيون، بس. ماٺ ۾ ٻڌندا رهياسين.

"هيءَ ڪراچي آهي، سنڌ جي دل ۽ دماغ، سنڌين جي رت ست ۽ پگهر پورهئي مان پليل. جوان ٿي ٻين جي ور چڙهي ويئي آهي. حالت اها آهي جو هتي سنڌي سڏائيندي به ڊپ ٿو ٿئي، سنڌي ڪپڙا پائڻ ۾ گهٻرايون ٿا، پنهنجي گهرن ۽ دُڪانن تي سنڌيءَ ۾ بورڊ هڻڻ جي همت ڪا نه ٿي ٿئي. هتي جيڪي نيون ڪالونيون ۽ نيون رٿائون نهن ٿيون، اتي سنڌين کي پَٽ نه ٿا ڏنا وڃن. هتي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ کي نيڪالي ڏني ويئي آهي، ۽ سنڌي اسڪولن کي ختم ڪرڻ لاءِ هڙئي حيلا هلايا ويا آهن."

جڏهن ريڊيو پاڪستان وٽان لنگهڻ لڳاسين، تڏهن چوڻ لڳو: "هي ريڊيو پاڪستان آهي، جو سنڌ جي سڀوري سرزمين تي آهي، پر سنڌي پروگرام کي رڳو اڌ ڪلاڪ ڏنو ٿو وڃي، رڳو اڌ ڪلاڪ! عربي، پارسي ۽ ٻين غير ملڪي ٻولي کي به ان کان وڌيڪ وقت ڏنو وڃي ٿو .... ريڊيو رڳو ٻوليءَ جي ترقيءَ جو ذريعو نه آهي، پر ٽيليفون ۽ ريڊيو هڪ معاشي حل به مهيا ڪن ٿا. جي سنڌي ٻوليءَ کي ان جو پوريءَ ريت وقت جو حقي حصو ڏنو وڃي ته ڪيترن ئي سنڌي اديبن فنڪارن ۽ ملازمن لاءِ روزگار جو وسيلو ٿي سگهي ٿو."

ڊوميڊيڪل ڪاليج جي پرسان پهتاسين ته چيائين، "هي ڪاليج سنڌين شروع ڪيو هو، ان واسطي هنن کي الائي ڪيترا ورهيه جاکوڙ ڪرڻي پيئي ۽ پنهنجي هڙان پيسن ڏيڻا پيا، پر اڄ ان ۾ سنڌي شاگرد کي آگرين تي ڳڻڻ جيترا مس داخل ڪيا وڃن ٿا."

جڏهن سنڌ مدرسي جي سامهون ٿي لنگهياسين، تڏهن چوڻ لڳو، "مون ٻڌو آهي ته پاڪستان نهڻ وقت جڏهن پناهگير هتي پهتا، تڏهن شاگردن کي موڪلون ڏيئي اسڪول، ڪاليج ۽ هاسٽلون خالي ڪرائي، هنن کي رهايو ويو. سنڌين جيءَ ۾ جان سان، مال ۽ پيسي سان هنن جي آجيان ڪئي. ان وقت ڪنهن جو به ايڏانهن خيال ڪو نه ويو ته هي "آئي ٽانڊي کي، ٿي ويني بورچياڻي" وانگر ڪندا. جيتوڻيڪ اهو هن صديءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي، ته ٻاهران آيل، اصل سنڌين کان تعداد ۾ سرس آهن، پر جيڪڏهن ائين هجي به، تڏهن به جي ڪو پنهنجي پنهنجي گهر ۾ ايترا مهمان ٽڪائي ٿو، جن جو عدد سندس گهر جي ڀاتين کان وڌيڪ آهي، ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته ميزبان پنهنجو سڄو گهر مهمانن جي حوالي ڪري ڇڏي، ۽ مهمان ئي ان گهر جو چرخو هلائين، ۽ ميزبان پنهنجي مادري زبان ۽ قومي سڀيتا ترڪ ڪري مهمانن واري ٻولي ۽ تهذيب اختيار ڪن.

"اسان جي ملڪ ۾ ته جو پنهنجا حق گهري، انکي غدار سڏيو ٿو وڃي:

"اگهو ڪائو ڪڇ، ماڻڪن موٺ ٿي،

پلئہ پائي سچ، آچيندي لڄ مران.“
ڪن رستن تي رکيل نون نالن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي چوڻ لڳو: ”سنڌ سڳوريءَ جي شهرن جي رستن، عمارتن ۽ پُلين تي اهڙن شخصن جا نالا رکيا ويا آهن، جن جو ڪڏهن بہ سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌين سان واسطو نہ رهيو، جن ڪڏهن بہ سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌ وطن واسطي ڪجهہ بہ ڪين ڪيو. سنڌ جي سرزمين تي انهن جو ڪهڙو ڪم؟ ڇا اسان وٽ انهن کان بہ وڌيڪ عزت ۽ مرتبي واريون، خوبين ۽ خصلتن واريون هستيون موجود ڪين هيون يا ڪين آهن؟ پر ڏسجي ٿو تہ سنڌ جي هر ڪا چڱي شي انهن جي اکين ۾ ڪنڊو ٿي ٿي لڳي. هنن جي لاءِ تہ اهي شخص بہ سنڌين کان وڌيڪ عزت جي لائق آهن، جن ساري ڄمار بادشاهي درٻارين ۾ نرڙ گسائيندي ۽ وقت جي حڪومت جي واکاڻ ۾ گيت ڳائي نڙي خشڪ ڪندي گذاري. هي تہ هتي هوندي بہ اُتي جي اوليائن جا عرس ملهائيندا، ۽ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ قواليون ڳائيندا آهن. هنن ڪڏهن بہ لطيف سائين يا سچل سرمست جو عرس ڪين ملهايو هوندو. هي تہ باس باسيندا تہ بہ اُتي جي پيرن فقيرن جي، ۽ پوءِ خاص ان مقصد لاءِ هندستان وڃي انهن جي درگاهن تي باسيل نذرانا ڏيندا ۽ خير خيراتون ڪندا.“
هو ڳالهائيندو رهيو. اسانجي دماغ جون دريون کلنديون رهيون، اکيون ڦاٽنديون رهيون. هن چوڪري ۾ ايتري ڪڙاڻ چو آهي ؟ هن ڇا ڇا ڏٺو آهي؟ ۽ ڇا ڇا محسوس ڪيو آهي؟ هن کان پڇون تہ سهي تہ : يائڙا تون ڪير آهين؟ اسان کي هي ڳالهيون ڇا لاءِ ٻڌائي رهيو آهين؟
ميري ويدر ٽاور وٽ، اسان ڏي منهن ڪري چيائين، ”يارو، اڃا توهان سان گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، هيڏانهن هڪ سنڌيءَ جي هوٽل آهي ۽ ديرتائين کليل هوندي آهي. اتي هلي ويهي ٿا چانهہ بہ پيون ۽ ڪچهري بہ ڪريون.“
۽ اسان جي جواب جي انتظار کانسواءِ ئي ڊرائيور کي اشارو ڪري، ساڄي پاسي هڪ گهٽيءَ ۾ موٽر موڙڻ لاءِ چيائين. ڊرائيور بہ بنا دير اوڏانهن گاڏي ڦيرائي.
اسان جو شڪ هڪ دفعو وري تازو ٿيو، ۽ موٽر جي اونڌهہ ۾ ئي هڪ ٻئي ڏي نهاريوسين. منهنجي پيرِ ۾ وينل سنگتيءَ نونٺ هڻي، مون کي جڻ تہ خبردار ڪرڻ چاهيو.
اڌ رات جو هڪ وڄي چڪو هو. رستي تي اڄ وڄ گهٽي گهٽجي ويئي هئي. هي گهٽيون تہ خالي خالي هيون. مٿي ماڙين ۾ ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ گهرن جي درين مان روشني چمڪي رهي هئي.

گاڏي ويران گهٽين مان ٿيندي، اچي هڪ معمولي قسم جي هوٽل وٽ بيٺي. اندر چئن پنجن ميزن جي چوڌاري ڪاٺ جون بينچون پيل هيون. پنج ڇهه ماڻهو انهن مان ڪن تي وينا هئا، ۽ چانهه جون سُرڪيون پرڻ سان گڏ ڳالهيون به ڪري رهيا هئا. رڪارڊ وڳا پئي. ڇوڪري چيو، ”مان هوٽل واري کي چئي ٿو اچان، ته اسان لاءِ چانهه هتي ڪٽي اچي. موٽر ۾ وهندي ڳالهيون به ڪنداسين ۽ چانهه به پيئنداسين.“

هو در کولي لهي ويو. ڊرائيور وينو رهيو. هوٽل جي در وٽ رکيل ميز ڪرسيءَ تي وينل سان پاڪر پائي وڃي مليو، ۽ هن سان ڳالهائڻ لڳو. اسين آواز سمجهي نه ٿي سگهياسين.

هو مُرڪندو مُرڪندو موٽي آيو.

”مان ڏهن ميلن تان هلي به اچي هن هوٽل جي ماني کائيندو آهيان. ان ۾ مون کي سنڌي ڪاڏي جو سڳنڌ ايندو آهي ۽ منهنجي هياءَ کي روحاني فرحت حاصل ٿيندي آهي. خبر اٿو هن هوٽلڙيءَ جو مالڪ پاڪستان کان اڳ ڪراچيءَ جي وڏي ۾ وڏي هوٽل جو مالڪ هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڌمڪائي، ڊيڄاري ۽ فريب ڏيئي هن کي ان ملڪيت کان محروم ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته هو سنڌي هندو هو.“

اتي اهو هوٽل جو مالڪ به موٽر وٽ اچي پهتو. هن کي ڪائنچ ۽ قميص پهريل هئي ۽ مٿي تي جناح ٽوپي. اچڻ سان ئي ٻئي هٿ ٻڌي چيائين، ”ادل يلي ڪري آيا.“

اسان موٽ ۾ چيو، ”ڪاڪا خير هوندءِ.“

سنڌين کي ائين هڪ ٻئي کي ڪيڪاريندو ڏسي، ڇوڪرو ٻهڪي رهيو هو. هن جو چهرو مُرڪون ئي مُرڪون، مسڪراهٽون ئي مسڪراهٽون هو.

پوءِ واٽئي چيو، ”مان وڃي ٿو توهان ڏي چانهه موڪليان.“

چانهه اهڙي مزيدار هئي جو ڇا ڳالهه ڪجي. ان ۾ پنن ۽ کنڊ سان گڏ، سنڌي قرب جو ميناج ۽ سنڌي هٿن جي سچائي به گهوٽيل هئي، مون کي وري به شڪ ڪائي ويو ته ان ميناج ۽ سواد ۾ ڍَڪَ ۾ ڪو نشو ته ڪو نه ملايو ويو آهي.

چانهه پيئندي مون کان رهيو نه ٿيو ۽ پڇيومانس، ”يائو، تو اهو ڪو نه ٻڌايو ته تون ڪير مڙس آهين؟“

چيائين: ”هينئر اهو ئي ٻڌائڻ ڪافي آهي، ته مان هڪ سنڌي آهيان. هڪ سنڌيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي سنڌيءَ سان واقفيت هجڻ ئي وڏي ۾ وڏو ناتو آهي. مان توهان کي اهو ڪو نه ٻڌائيندس، ته منهنجو پيءُ ڪير آهي. هو هڪ وڏو آفيسر آهي. هن کي سدائين اهو فڪر دامنگير رهندو آهي ته هن جو عهدو ڪيئن قائم رهي. ان لاءِ ٻين ڳالهين سان گڏ، هن جي اها ڪوشش به هوندي آهي ته هن جا بالا آفيسر اهو ڀانپي نه وڃن، ته هو ڪو سنڌي آهي، يا جي سنڌي آهي ته سنڌي نواز به آهي. انهن ٻنهي حالتن ۾ هن جو عهدو خطري ۾ اچي

سگهي ٿو. منهنجو نندپڻ تہ ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ گذريو آهي، پر جڏهن ڪان بابو وڏو عملدار بڻيو آهي، تڏهن ڪان ڪراچيءَ ۾ رهون ٿا. هاڻي تہ ماحول جو اثر ۽ بابي جي نوڪريءَ جون اهي مجبوريون آهن، جو اسان گهر ۾ سڀ پائر پينر جائي جم ڪان اردو ڳالهيون ٿا، بابو ۽ امان بہ اولاد سان اردو ڳالهائين. بابي جو تہ مون کي خاص چوڻ آهي تہ جڏهن ڪو غير سنڌي آفيسر اسان جي گهر اچي تہ هن جي سامهون سنڌي هرگز نہ ڳالهائيندو ڪر. ٻارن تي هندستاني ۽ فلمي طرز جا نالا رکيا پيا وڃن. پر جڏهن کان مون ۾ سنڌي قوميت جو احساس اڀريو آهي، ۽ مون سنڌي روشنيءَ ۾ دنيا ۽ پنهنجي حياتيءَ تي سوچيو آهي، تڏهن ڪان گهر ۾ بہ بغاوت شروع ڪئي اٿم. بابي جا اهڙا غير سنڌي مهمان اچن تہ مان ان ڪمري ۾ وڃان بہ ڪو نہ. گهر جا ڀاتي مون سان اردو ڳالهائين تہ مان مان هنن کي سنڌيءَ ۾ جواب ڏيان، ۽ ساڻن سنڌيءَ ۾ ڳالهايان، ۽ اوپري ٻولي ڳالهائڻ تي هنن کي چيڀيان ۽ شرمايان. نتيجو چڱو نڪري رهيو آهي. تنهن ڪانسواءِ مون پنهنجي گهر ۾ ون يونٽ ٽوڙي، سنڌ قائم ڪئي آهي. اهو هن طرح جو پنهنجو ڪمرو سنڌي سامان سان سجايو اٿم. اجرڪ، چُر واريون چادرون، رليون، سنڌي ڀرت ڀريل گدين جا پوش، هالن جون جنديءَ تي نهيل ڪٽون ۽ ڪرسيون. سنڌي شيون استعمال ڪرڻ سان هڪ تہ اسين پنهنجي سڀيتا قائم رکون ٿا، جا سونهن ڀري ۽ وڻندڙ آهي، ۽ ٻيو تہ اسين سنڌي ڪاريگرن ۽ هنرمندر کي وڏيڪ روزگار مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪريون ٿا. سنڌ جو ڀرت جو ڪم، رليون، اَجرڪ، چُر جو ڪم، جنديءَ جو ڪم دنيا ۾ نفيس ترين ۽ حسين ترين شين کي جنم ڏئي ٿو. اسان جي سنڌ تہ سونهن ئي سونهن آهي.

”منهنجي ٻي صلاح آهي، تہ سنڌين کي ڏهاڙي صبح جو شاهہ لطيف جي رسالي جو ڪجهہ نہ ڪجهہ حصو پڙهڻ گهرجي، بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙي طرح ماڻهو مذهبي ڪتابن جي تلاوت ڪندا آهن. ماڻهو تلاوت طوطي وانگر بنا ٻولي سمجهڻ جي ڪندا آهن، پر اسانکي شاهہ جو شعر نہ رڳو پڙهڻ گهرجي، پر ان کي سمجهڻ جي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. شاهہ، هڪ پڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جو عاشق ۽ معمار، سنڌي قوم جو گهڻگهرو ۽ خوش ذوق انسان هو. اسان جا بزرگ، لطيف سائينءَ کي صفا غلط نموني پيش ڪن ٿا. هو هن جي شعرن کي مروڙي سروڙي، اهڙيون معنائون ۽ مطلب ڪڍي، اهي ڳالهيون ٻڌائين ٿا، جي مسجد جو ڪو بہ ٽرڊ ڪلاس ملو توهان کي ساري عمر ٻڌائيندو رهي ٿو. مارئي، سسئي، ٻيجل، نوري، ڄام تماچي، ڪونرو، سهڻي ميهار، ڏم وغيره کي روح، رسول ۽ رب سان مشابهت ڏيڻ ۾ هو ڪو بہ شرم محسوس ڪو نہ ٿا ڪن. جيتوڻيڪ شاهہ صاحب انهن جي صورت ۾ اسان جي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار پيش ڪيا آهن، ۽ انهن مسئلن جو ذڪر ۽ حل ڏنو آهي، جي اڄ بہ اسان جي روزمره جي رهڻي ڪرڻي ۾ اسان لاءِ پهاڙ بنيل آهن.

”لطيف سائينءَ اهي ڳالهيون عام ماڻهن لاءِ ڪيون آهن، پر اسان جا بزرگ انهن کي آسماني ڳالهين جو رنگ ڏيئي، عام ماڻهن کي، شاهه جي شعر کي سمجهڻ کان پري ڪري رهيا آهن. شاهه صاحب انهن شعرن ۾ قوميت جي جذبن ۽ وطن جي سِڪَ جو بيان آندو آهي، سماجي مسئلن، ۽ مرد ۽ عورت جي لاڳاپن طرف ڌيان ڇڪايو آهي، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌي ٻوليءَ جون اَمر تصويرون چٽيون آهن، پرديسين جي روش جي اڳڪٿي ڪئي آهي:
ڌريان ئي ڌاريا، مَٿَ مئيءَ جا نہ ٿيا،
مدي ڏيرن من ۾، ڪليو ڪيڪاريان،
صبح ٿي ساريان تہ اُٺ نہ اوطاقن ۾.
لطيف سائينءَ جي سنڌين کي بهادر بڻجڻ ۽ جاڪوڙ ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. اهي مڙئي ڳالهيون اسان پاڻ ئي شاهه جو شعر پڙهي، سمجهي ۽ محسوس ڪري سگهون ٿا. ان ڪري تہ مان چوان ٿو تہ هر پڙهيل سنڌيءَ کي ڏهاڙي شاهه جي رسالي جي ڪجهہ شعرن جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. باقي اسان جي بزرگن جي شاهه جي تشريح تہ اسان کي گمراهہ ڪري ٿي ۽ حياتيءَ جي حقيقي مسئلن کان پري وٺي وڃي ٿي.
”خبر اَٿوَ تہ مان سي-ايس-پي امتحان ۾ وينو هوس. مون پيپر ڏاڍا سنا ڪيا ۽ انٽرويو ۾ بہ سڏايو ويس. پر مون کي نا اهل ٺهرايو ويو. مان امتحانن ۾ سدائين فرسٽ ڪلاس ۾ ايندو آهيان، پر هن ڀيرو ڀيٽيءَ ۾ منهنجا اهڙا هم ڪلاسي بہ چونڊيا ويا، جي صفا ڏڏُ هئا ۽ ٿرڊ ڪلاس کان ڪڏهن بہ مٿي چڙهي ڪو نہ سگهيا هئا. انهن جي ڪاميابيءَ جو سبب فقط اهو هو، تہ هو سنڌي نہ هئا ۽ هنن جا ڪي مائٽ اول ئي سي – ايس – پي هئا. ساڳئي وقت، منهنجي رڪارڊ تي شايد اهو بہ هو تہ مون ون يونٽ جي خلاف نعرا هنيا هئا، ۽ هڪ دفعي ان سلسلي ۾ بنا پڇا ڳاڇا، هڪ مهينو جيل ۾ بہ رکيو ويو هوس.“
بيرو خالي ڪوپ کڻڻ آيو.
چوڪري پڇيس، ”گهڻا ڏوڪڙ ٿيا؟“
”سائين، سيٺ چيو آهي تہ پيسا نہ وٺبا.“
”نہ، پيسا ضرور ڏبا، ڪيترا ٿيا؟“
”سائين، مان نہ وٺندس. سيٺ کي تو موڪليان.“
سيٺ اچڻ سان چيو، ”بابا، هي مهمان آهن، هنن کان پيسا ڪين وٺبا.“
”نہ ڪاڪا، هي منهنجا مهمان آهن، مان ضرور ڏيندس.“
”هي منهنجا بہ مهمان آهن.“
”نہ، هنن جي مهماني ڪرڻ تي مونکي وڏي خوشي ٿيندي.“

اسان هنن جو اهو مزيدار جهيڙو ٻڌي رهيا هئاسين. نيٺ، سيٺ پيسا ورتا، پر ساڳئي وقت اسان ڏي مهڙ ڪري، هٿ ٻڌي چيائين، ”ادل، سپاٽي ماني مون وٽ اچي کائجو. پر ادل، اوهين آيا ڪٿان کان آهيو؟“

جڏهن اسان ٻڌايس تہ راڻي پور کان، تڏهن هن جو منهن ٽڙي پيو. چيائين، ”سچل سائينءَ جي جُوءِ کان، منهنجي مرشد جي آستان تان، پلي ڪري آيا، جيءُ آيا......“ ۽ پوءِ هو سَرَ ۾ سچل سرمست جي هيءَ ڪافي ڳائڻ لڳو:

”منهنجو پانڌيئڙا! پرين ڪي ڏيج هي نياپو،
ڏيئي باهہ پنپور ڪي، هيءَ ڪيچ ڪندي ڪاپو؛
اصل لاڪون آهي، منهنجو ساڻن سياپو؛
آهي اوهان جو سپرين، هن چوريءَ تي چاپو،
منهنجو محبوبن ڪي ٻيو ڏيج نہ ڏوراپو،
سدا آهين ”سچوءَ“ ڪي، تون جيءَ جو جياپو.“

موٽر ڪياماڙي طرف رواني ٿي. ڊرائيور ڏي ڇوڪري منهن ڪري چيو، ”توکي خبر آهي تہ هيترين ٽيڪسين مان مون تنهنجي ٽيڪسي ڇو چوندي؟“

”جي سائين، الائي!“

”مون چاهيو ٿي تہ سنڌي ڊرائيور واري ٽيڪسي هجي. شڪل صورت مان ڏٺم تہ تون سنڌي آهين. ان ڪري تو کي هلڻ لاءِ چيم.“

”جي سائين، مهرباني.“

”توکي خبر آهي، هوش محمد شيدي ڪير هو؟“

”ها سائين، هو بهادر سپاهي هو ۽ چيو هئائين: مر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“.

ان تي هن ڇوڪري زور سان نعرو هنيو، ”جيئي سنڌ!“

اسان ڏي مهڙ ڪري چيائين، ”جڏهن سنڌي ڊرائيورن ۾ ايتري سجاڳي ۽ ڄاڻ آهي، تہ هاڻي سنڌ وري ڦلندي ۽ ڦولندي ۽ سنڌي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ کان پوئتي نہ هٽندا.“

ڊرائيور چيو، ”سائين، ”مر ويسين سنڌ نہ ڏيسين“ جو مطلب اڄ ئي مون کي توهان جي ڳالهين مان سمجهہ ۾ آيو آهي، تہ سنڌين سان ڪهڙيون ڪهڙيون زيادتيون ٿين ٿيون ۽ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي.“

ڇوڪري اسان ڏي منهن ڪري چيو، ”شهرن ۾ جڏهن گهٽائيءَ وارن کان زيادتين جو انديشو ٿيندو آهي، تڏهن اسان هميشہ ان خيال سان پاڻ کي تسلي ڏيندا آهيون، تہ سنڌ فقط شهر ناهي، پر ڳوٺ بہ آهي ۽ سنڌين جي گهٽائي ۽ طاقت ڳوٺن ۾ آهي.... اسين سنڌي نہ رڳو ديانتدار، رحمدل، مهمان نواز ۽ سادا آهيون، پر ان سان گڏ بهادر پڻ آهيون.

”بيحد بهادر. عربن سنڌ فتح ڪرڻ کان اڳ، سنڌين هٿان چوڏهن ڪاهن ۾ شڪست کاڌي. هيءَ هڪ تاريخي حقيقت اٿوَ. اڄوڪي دؤر ۾ به حُرن جون بهادريون، دشمن به مڃن ٿا. سنڌي ڌاڙيل ڪيترن سالن کان پوليس کي ٽوٽا چٻائي چڪا آهن. ڌاڙيلن جو ڪردار گهٽ ۾ گهٽ اها ڳالهه ته ثابت ڪري ٿو، ته سنڌين ۾ بي پناهه طاقت ۽ هوشياري موجود آهي. البت ضروري آهي ته اها طاقت صحيح نموني قومي ڪمن ۾ استعمال ڪئي وڃي. اهي ڌاڙيل پنهنجي طاقت غلط ۽ ڪڌن ڪمن ۾ ضايع ڪري رهيا آهن. هنن کي پنهنجون اهي طاقتون صحيح نموني ڪتب آڻڻ جي تعليم ۽ احساس ڏياريو وڃي.

”غير سنڌين وٽ اخبارون ۽ پريس آهي، انهن شين ۾ هن زماني ۾ وڏي قوت آهي. انهن جي ئي زور تي هو پنهنجا جائز ۽ ناجائز مطلب ۽ مقصد پورا ڪندا ۽ ڪرائيندا رهن ٿا، توهان ڏنو ڪو نه آهي، ته اهي ديانتدار ۽ همت وارا سنڌي ڪامورا، جي هنن جي مرضيءَ مطابق نه هلندا آهن يا هنن جي هٿن ۾ رانديڪو ٿي هنن جا ناجائز ڪم نه ڪندا آهن، تن جي پنيان ڪيئن هنن جون اخبارون ۽ رسالا ڪات کهاڙا کڻي پوندا آهن، ۽ هنن لاءِ جنسي باهه ٻاري ڏيندا آهن. توهان کي ياد هوندو ته تازو ئي ڪن مخلص، قابل ۽ ڄاڻو سنڌي عملدارن کي، غير سنڌين جي اخبارن جي اڃاين واڪن ۽ واويلا ڪري، پنهنجن عهدن تان بدلي ڪيو ويو آهي.... اسان وٽ انهن شين جي ڏاڍي ڪمي آهي. منهنجي ته دل چوندي آهي ته سنڌيءَ ۾ گهڻي کان گهڻا ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون شايع ٿين، ۽ انهن کي گهڻي کان گهڻا ماڻهو پڙهن. مان ته ڪٿڙو به سنڌي ڪتاب يا رسالو يا اخبار ڏسندو آهيان، ته اهو ضرور خريد ڪندو آهيان.... تازو هڪ سنڌي ناول شايع ٿيو آهي. ان جو نالو آهي ”پڙاڏو سوئي سڏ.“ اهو پڙهڻ سان ايترو پسندو آيم، جو دل چاهيو ته هر ڪو پڙهيل سنڌي پاڻ پڙهي ۽ اڻ پڙهيلن کي پڙهي ٻڌائي. مان سمجهان ٿو ته هي ڪتاب هڪ سنڌيءَ کي پنهنجو پاڻ ۽ سنڌي قوم کي سڃاڻڻ لاءِ وڏي مدد ڏيئي سگهي ٿو. مون چا ڪيو آهي، جو ان ڪتاب جون ڪجهه ڪاپيون خريد ڪري، اهڙن دوستن کي پڙهڻ لاءِ ڏنم، جن نه پڙهيو هو. هنن کي اهو به عرض ڪيم ته هو پنهنجن ٻين واقفڪارن کي اهو ناول پڙهڻ لاءِ هرڪائين. منهنجا ڪي دوست جي ڳوٺن جا رهاڪو آهن، تن ڏي به هي ڪتاب موڪلي تاڪيد ڪيو اٿم ته گهڻن کان گهڻن ماڻهن کي اهو ڪتاب پڙهائين.

”ڏسو ته ڪراچيءَ جو شهر ڪيترو نه وڏي ويو آهي. سوسائٽي، ناظم آباد، لالوکيت ۽ ٻين اهڙن ڪالونين ۾ فقط انهن ٻاهران ايندڙن کي آباد ڪيو ويو. اتي پاڪستان جا پلي ۾ پلا بنگلا ۽ شاندار عمارتون آهن... اهي حال آهن انهن ”ويچارن“ جا، جي ستايل ۽ مظلوم هجڻ ڪري، ڏتڙيل ۽ خالي کيسي هتي پهتا هئا.... ٻين به سيني شهرن ۾ هنن لاءِ ڪالونيون نهرائي، وسايو ويو آهي. پر اسان جا ٿري، ڪوهستاني، مارو، ميهار ۽

هتان جا اصل رهاڪو صدين کان وٺي اڄ تائين ڏڪاريل ۽ ڏتڙيل آهن، بي گهر ۽ بي زمين آهن، بيروزگار ۽ بيوس آهن.“
اسان جو گهر اچي ويو. سڀ لهي بيٺاسين. هو اجا بہ ڳالهائيندو رهيو.
پوءِ ڊرائيور ڏي منهن ڪري چيائين، ”هاڻي هلون؟“
”سائين توهان جي مرضي. اڄ سنڌ جي صدقي توهان جي بلي آهيان. سڄي رات هلايو تہ بہ هڪ پيسو نہ وٺندس. هي منهنجا بہ مهمان آهن.“
ڇوڪري چيو، ”جيئي سنڌ!“
پوءِ اسان مان هر هڪ سان ياڪر پائي موڪلايائين.
موٽر چالو ٿيڻ تي چيائين، ”چڱو يائو، هاڻي جيئي سنڌ!“
اسان کان پهريون ئي دفعو، هڪ ئي وقت ٽنهي جي واتان ان نعري جو جواب نڪتو: ”سدا جيئي!“ جو تہ اسان جا سڀ شڪ دور ٿي چڪا هئا، هن جي روش جي باري ۾، ۽ سنڌ ۽ سنڌين جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي باري ۾، هر قسم جا شڪ.

⋆

حيدرآباد، ١ — نومبر ١٩٧٢ع
سهڻي: مارچ ١٩٧٢ع

نہ گهر جو، نہ گهاٽ جو

★

(١)

ميڙ کي چيريندو، هڪڙو شخص نڪتو، ۽ اچي هن جي پيرن ۾ ڪريو. هن جي پيرن کي چنبڙي چوڻ لڳو: ”صاحب، اسان کي بچايو، اسان کي هتان ڪڍي هلو، اسان جي حياتي خطري ۾ آهي، اسين بک ۾ پاه تي رهيا آهيون، اسان ڪيترن ڏينهن کان نںڊ ڪا نہ ڪئي آهي، اسان جا ٻچا ڪسجي ويا آهن، اسان جا عزيز ماريا ويا آهن، اسان جي زالن سان زوري ڪيئي ويئي آهي.....“

ڳالهہ ٻڌڻ وارو صاحب، ڊاڪٽر صاحب هو، ۽ عالمي ريڊ ڪراس جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ هتي آيو هو. هيءُ هنڌ، ڍاڪا شهر جو محمد پور وارو پاڙو هو. رپورٽون ٽيون هيون تہ هن ايراضيءَ ۾ غير بنگالين جو قتلام ٿي رهيو آهي. ان ڪري ريڊ ڪراس وارن هڪ وفد موڪليو هو تہ اتي جي حالتن جي حقيقت روبرو وڃي ڏسي.

هي ڊاڪٽر، وفد جي ٻين ميمبرن کان الڳ ٿي، هڪڙي گهٽيءَ ۾ گهڙي آيو هو. اتي جي رهاڪن هن ولايتي صاحب کي ڏٺو تہ ڪيتريون مايون ۽ مرد، ماڪڙ وانگر هن کي وڪوڙي ويا، ۽ پوري رواني‌ءَ سان پنهنجي دکن جو داستان ٻڌائڻ شروع ڪيو.

هنن مان گهڻن جا منهن پيلا هئا. هنن جون نگاهون هراسريل ۽ خوفزده، وار اٽيا، ڏاڙهيون اڻ ڪوڙيل ۽ ڪپڙا ميرا هئا. ڪن جون اکيون ڏرا ڏيئي ويون هيون، چپ خشڪ هئا.

جو شخص ان ڊنب مان نڪتو ۽ اچي ڊاڪٽر جي قدمن تي ڪريو، ان جو نالو قدوس هو. هو قد جو پورو پنو، رنگ جو سانورو، بدن ۾ سگهارو ۽ صحتمند نظر اچي رهيو هو. هن وقت هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، ۽ سڏڪا ڀري ڳالهائي رهيو هو. هو اصل ۾ بهار پرڳڻي جو باشندو هو، ۽ پاٽنا شهر ۾ پيدا ٿيو هو.

(٢)

پاٽنا جو شهر. مسلمانن جو پاڙو. ٻپهريءَ جو وڳڙو. سخت گرمي ۽ گُهٽَ. تکي تَوَ واري اُس، جڻ تہ سج، انسانن جي عشق ۾ ٻنهہ هيٺ لهي آيو آهي. ماڻهو آرام ۽ ٿڌڪار لاءِ پنهنجن گهرن ۽ وڻن جي ڇانوَ، وچڻن، جهلين، پنکن ۽ برف جو سهارو وٺڻ ۾ سرگردان.

اهڙي سمي سڙڪ تان آواز آيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو، ظلم ٿي ويو....“ وري بہ ساڳيون آواز گونجيو، ”مسلمان ڀائرو، مسلمان ڀائرو! انڌير ٿي ويو....“

ماڻهو گهرن مان ائين پيگا، جڻ تہ ڌرتي ڏبي هئي، ۽ ان شخص جي چوگرد گڏ ٿيڻ لڳا. ان شخص جي پُنيءَ تي قميص مٿان تازي وهيل رت جا داغ هئا. هو سهڪي ۽ ڏڪي رهيو هو. ماڻهن جو هو ڄاتل سڃاتل هو. هو مسلم ليگ جو مکيہ ورڪر هو، ۽ پارٽيءَ جي جلسن ۽ جلوسن جو انتظام ڪرڻ ۾ پيش پيش هو. چونڊن جي زماني ۾ پنهنجي جماعت جي اميدوارن جي ورڪ ڪرڻ لاءِ هن جي خاص ضرورت محسوس ڪئي ويندي هئي. هو نيشنل گارڊ جو سالار پڻ هو.

ماڻهو مڙندا ويا. هن تقرير جي انداز ۾ ٻڌايو، ”مان ۽ منهنجو ڇوڪرو هندن کي اڪيلا ملي وياسين. هنن چاقن سان اسان تي حملو ڪيو. هو ڇوڪرو تہ اتي ڪري پيو، مان جان بچائي هتي پهتو آهيان..... ڏسو هي رت وهي رهيو آهي. اسان جو قصور فقط اهو آهي تہ پاڪستان جي گهر ڪريون ٿا..... اسين وير وٺنداسين، اسين وير وٺنداسين.“ پوءِ هن نعرا هڻايا: ”ليڪي رهينگي..... پاڪستان....نعره تڪبير..... الله اڪبر.....“

جڻ پيٽرول کي تيلي لڳي. ماڻهو جوش ۾ اچي ويا ۽ پنهنجن گهرن ڏي ڊوڙيا، ۽ جيڪو هٿيار هٿ آين سو کڻي ٻاهر نڪتا: لٺ، ڏنڊو، سوٽي، ڪات، ڪهاڙو، بندوق.

پوءِ هو رستن تي ٽي ٻينا ۽ چئن پنجن هندن کي ڍيري ڪري وڌائون. اها خبر شهر ۾ پکڙجي ويئي. هندن بہ جوابي حملا شروع ڪيا. سڄو شهر هندو مسلم فسادن جي لپيٽ ۾ اچي ويو، ۽ پوءِ پورو بهار جو صوبو. ڪيترائي قتل، ڦرلُٽ ۽ باهين ڏيڻ جا واقعا ٿيا.

هي شخص، جو نيشنل گارڊ جو سالار هو، سو قدوس هو. اصل ٿيو هينءَ هو، تہ قدوس هڪ مسلمان ڇوڪري کي ريهي ريبي ڪنهن ويران جڳهہ تي وٺي ويو، ۽ اتي چاقو ڏيکاري هن سان زوري ڪيائين. ڇوڪري جي ڌمڪائڻ تي تہ هو مائٽن کي وڃي ٿو ٻڌائي، قدوس بدناميءَ جي ڊپ کان، هن جو گلو ڪپي قتل ڪري ڇڏيو، ۽ پوءِ پاڻ کي بہ پنيءَ تي چاقوءَ سان ڇهڪ ڏيئي، اچي مسلمانن کي هندن خلاف ڀڙڪايائين.

هندستان ۾ هندن ۽ مسلمانن جا ڀهريان فساد بهار صوبي ۾ ٿيا هئا. پوءِ ٻين بہ ڪيترن ئي پر ڳڻن ۾ اها آگ پکڙجندي وئي، نيٺ ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. قدوس پنهنجو ديس ڇڏڻ ۾ دير نہ ڪئي، ۽ اچي بينگال جي ڍاڪا شهر ۾ پهتو.

(٣)

ڍاڪا جو شهر. شهر جي ٻاهران اترئين طرف، تيج گائون وٽ هڪڙي ڪالونيءَ جو خوبصورت باغيچو. ٽپهريءَ جو وقت. ڏاڍي وڻندڙ ۽ ڇوهي هوا. سهڻا وڻ ۽ ساوا ٻوٽا پنهنجي من موهن ۽ رنگا رنگي گلن سميت جهومي رهيا آهن، ۽ سونهن، ناچ ۽ مستيءَ جو بهترين ڏيک پيش ڪري رهيا آهن. پري پري تائين سارين جون ساوون ٻنيون،

ڳاڙهن گلن وارا گل مهر جا وڻ، ور وڪڙ نهر ۽ جهڙالو ڏينهن، فضا کي دلفريب بنائي رهيا آهن.

اهڙي سڳنڌ ڀري وايو منڊل ۾ هن سرزمين تي پيار، اميد ۽ آتت ڀريا گيت گونجندا آهن، ۽ بينگالي اهي ڳائيندي ۽ ٻڌندي حالي تہ پنهنجي حياتيءَ جا ڏکڙا ڀلجي روحاني تازگي محسوس ڪندا آهن.

پر هينئر اتي هڪ سياسي جلسو هو. ان ۾ لڳل لائوڊ اسپيڪرن جي ڦاٽل وات مان نغمن بدران بي سُرا ۽ بي معنيٰ قومي ترانا، ۽ گپوڙا نڪري، پاڪيزه فضا کي مڪروه بڻائي رهيا هئا.

هڪ تقرير ڪندڙ تقرير ڪري رهيو هو: ”.... اسان پاڪستان ٺاهيو، اسان پاڪستان خاطر جان ۽ مال جون قربانيون ڏنيون، اسان پنهنجا گهر ۽ گهاٽ، محل ۽ ملڪيتون، بنگلا ۽ ماڙيون، هَٽَ ۽ ڪارخانا ڇڏي فقط اسلام ۽ پاڪستان واسطي هتي آيا آهيون. هتي جا رهاڪو اسلام کان بيگانا هئا، اسان اچي هنن کي اسلام جي شمع ڏيکاري، هنن کي نہ رهڻ سهڻ جي تميز هئي ۽ نہ کائڻ پيئڻ جي، هي هندن جا غلام هئا، هتي جي تهذيب هندو تهذيب آهي، اسان هنن کي اسلامي راه تي آڻڻ چاهيون ٿا. هنن جي زبان گڏهن جي زبان آهي. هو اسان جي اردو زبان جي مخالفت ڪن ٿا. هنن کي داد رکڻ گهرجي تہ پاڪستان اردو زبان لاءِ بڻيو هو. بينگالي غدار آهن، هندستان جا ايجنٽ آهن. عوامي ليگ ۽ ان جا اڳواڻ غدار آهن، اسلام جا دشمن آهن.....“

اوچتو ميڙ جي هڪ پاسي مان بينگاليءَ ۾ نعرا بلندا ٿيا، ۽ گڏوگڏ اسٽيج تي پٿرن ۽ سروٺن جي بارش شروع ٿي ويئي. هڪ سروٺو تقرير ڪندڙ جي نرڙ تي وڃي لڳو ۽ هو رت ڳاڙيندو، جان بچائڻ لاءِ وني ڀڳو.

هي تقرير ڪندڙ ساڳيو ئي قدوس هو.

(۴)

شهر جي هڪ ميڙ ۾ هڪڙو شاگرد، قاضي نذرالاسلام جو بينگاليءَ ۾ نغمو ڳائي رهيو آهي:

ـ چئي ڏس، اي جوان مرد! چئي ڏي تہ مان سر بلند آهيان!
ـ ايترو سربلند، جو هماليہ جي چوٽي بہ منهنجي اڳيان

جهڪيل آهي؛

ـ مان سرڪش، سنگدل ۽ آتش زبان آهيان؛
ـ مان قيامت جو دوست، طوفان آهيان، دهشت آهيان؛
ـ مان دنيا جي لاءِ سراپا هلاڪت آهيان؛
ـ چئي ڏي، اي جوان مرد! چئي ڏي تہ مان سربلند آهيان!

ـ مان باغي آهيان ۽ وطن جو سرڪش اولاد؛
ـ منهنجي راهه ۾ جيڪا چيز اچي ٿي، تنهن کي مان چُور چوُر
ڪري ڇڏيان ٿو؛
ـ پنهنجي خوديءَ کان سواءِ مان ٻئي ڪنهن جي به زير اِحسان
ڪين آهيان؛
ـ مان اسرافيل جي صور جو پڙاڏو آهيان؛
ـ قيامت جي ديوتا جو جهنڊو ۽ جبرئيل جي لٽ آهيان؛
ـ جڏهن بگڙجي اٿان ٿو، ته آسمان به مون کان لرزش کائي ٿو؛
ـ ۽ جهنم به مون کان ڪنبي ٿو؛
ـ مان شهاب ثاقب، مريخ ۽ دُمدار ستارو آهيان؛
ـ زهريلي نانگ جي ڦڻ آهيان؛
ـ مان ان ڏينهن مطئمن ٿيندس، جڏهن مظلوم جي آهه آسمان
۾ نه گونجندي؛
ـ جڏهن جنگ جي ميدان ۾ تلوارن ۽ خنجرن جا خوفناڪ ترانا
ٻڌڻ ۾ نه ايندا.

ڪيترائي بينگالي شاگرد، ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪاهي پيا هئا، ۽ نغمن ۽ نعرن سان، تقريرن ۽ تحريرن سان پنهنجي مظلوم ديس واسين کي سجاڳ ڪري، هنن جا حوصلا بلند ڪري رهيا هئا.

(۵)

ڍاڪا جو نواب پور روڊ. هڪ هنڌ رستي جي آمهون سامهون به وڏيون عمارتون ڏيان ڇڪائن ٿيون. انهن ۾ هينئان چاليهارو ڪن هَٽَ آهن ۽ مٿان ڪيترائي گهر.

ماڻهن جو انبوهه انهن مان ڪيترن ئي هٽن جي پيچ ڊاهه ڪري رهيو آهي، ۽ گڏوگڏ ڦرلٽ به چالو آهي. هڪ عجيب وحشتناڪ هنگامو آهي. ماڻهو نعرا هڻي رهيا آهن، واڪا ڪري رهيا آهن، دڪانن جا دروازا ڀڃي رهيا آهن، شيشا ڇڪنا چور ڪري رهيا آهن، اردوءَ ۾ لکيل بورڊ لاهي ۽ ساڙي رهيا آهن. مٿان ڪيترن گهرن مان باهه جون جهيبون نڪري رهيون آهن، ۽ دونهين جا بادل هوا جي تهن تي تري رهيا آهن. ڪيترا ماڻهو هوٽلن تان لُٽيل شيون ڪلهن ۽ ڪڇن ۾ قابلو ڪيو ڀڄي رهيا آهن.

سڄي اوڀر بنگال ۾ اهڙا نظارا عام آهن.

هنن ٻنهي عمارتن جو مالڪ اهو ئي قدوس آهي. هن جي پنهنجي اصلي پرڳٽي ۾ پنهنجي ملڪيت پنجن هزارن جيتري به ڪو نه هئي، پر هتي هن پنجن لکن جو ڪوڙو

ڪليم پريو هو، ۽ ان جي بدلي ۾ ڪيس هندو وڏجاري جون هي ٻئي ماڙيون مليون هيون، جن جو ملهه ويهن لکن کان وڌيڪ هو.

ڪليم جو سرشتو ڏاڍو سولو بنايو ويو هو. ڪو ٻه پناهگير، ڪي ٻه ٻه اهڙا ماڻهو، جي هن جا ڳوٺائي هجن، تن کان تصديق ڪرائي اچي ته هن جي هندستان ۾ برابر هيتري کهيتري ملڪيت هئي، ته هن جي اها دعويٰ قبول ٿي ڪئي ويئي. سڄو ٿولو ئي سندن هو. دعويٰ ڪندڙ ٻه پاڻ، شاهد ٻه پاڻ ۽ ڪامورا ٻه سندن. حقيقت ۾ ”ڪليم“ جو قانون پناهگيرن واسطي الہ دين جو جادوءَ جو چراغ ثابت ٿيو هو.

سو قدوس کي ڪوڙو ڪليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪا ٻه رڪاوٽ ڪا نه ٿي. هن کي هي ٻئي ماڙيون مليون. انهن ۾ چاليهارو کن مسواڙي هٽ ۽ ڏهه کن گهر هئا. هو انهن جو مالڪ ۽ لکا پتي بڻجي ويو.

جيڪي بينگالي انهن هٽن جا اصل مسواڙي هئا، تن کي مالڪاڻو حق نه مليو. نتيجو اهو ٿيو جو انهن مان ڪيترن کي اهي دڪان ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ويو، حالانڪ اهي اصل اتي جا رهاڪو هئا، ۽ ورهين کان وٽي اهي دڪان هنن جي گذران جو وسيلو هئا. هنن دانهون ڪوڪون ڪيون، پر ڪنهن قوتُ ٻه ڪو نه ڪين.

بينگالين سان اهڙي قسم جون هزارين بي انصافيون ٿيون. پوءِ احساس جي هڪ لهر ايري، دماغ کي چيڙڻ واري لهر، دل کي تڙڦائڻ واري لهر، ننڊ ۽ آرام ڦٽائڻ واري لهر، جيئرو رهڻ لاءِ مقابلو ڪرڻ جي لهر. هنن محسوس ڪيو ته هي ڏاريا مورڳو ئي اسان جي هتان پاڙ پٽڻ تا چاهين. هنن جو مٿو جاءِ آيو، ۽ پنهنجن جائز حقن حاصل ڪرڻ لاءِ جاڳي اٿيا. پوءِ دونهي دکڻ لڳي، ٽانڊا ٽمڪيا، چڻنگيون اڏاميون، پيڙ متو، ۽ ان جي تَوَ ۾ سارو ديس تپي ويو. نفرت جو جوالا مکي ڦاٽي پيو. ملڪ، قاضي نذرالاسلام جي نغمن جو نظارو بڻجي پيو:

المناڪيون ختم ٿيون، شعلا بلند ٿيا، دانهون ڇاتي ڦاڙي ٻاهر نڪتيون، هيبتناڪ طوفان آيو، سمنڊ جا بند ٽٽي پيا، آسمان ۾ لرزش آئي، هوا ۾ ڪنوٽين جا چمڪاٽ ٿيا، ڌرتي ڌڪي، ديوتائن ڊالون سنڀاليون......

هنن پنهنجا حق وٺن لاءِ ظالمن ۽ غاصبن تي وار ڪيو. غير بنگالين جي دڪانن کي لٽيو ويو، ۽ هنن جي گهرن تي حملا ڪيا ويا.

قدوس جي ٻڌي واپار جو دڪان ٻه ڦريو ويو، ۽ هن جي ساري ملڪيت تباهه ڪئي ويئي. پر هو پاڻ ۽ پنهنجن ٻارن کي بچائڻ ۾ وري ٻه ڪامياب ٿي ويو، ۽ وڃي ٻئي هنڌ لڪو.

پوءِ پاڪستاني حڪومت فوجي ڪارروائي شروع ڪئي. بيقصور، بيوس ۽ بي هٿيار بينگالين تي بمن، بندوقن، بارود، ٻاهين، توبن ۽ ٽئنڪن سان حملا ڪري، هنن جي

رت جون نديون وهايون ويون ۽ باهه جو طوفان برپا ڪيو ويو. بينگالين جا گهر ٻار ۽ مال ملڪيتون تباهه ۽ برباد ڪيا ويا، ۽ دنيا جي بدترين وحشت جو مثال قائم ڪيو ويو.

(٦)

بينگال ٻري رهيو آهي. ڍاڪا ٻري رهيو آهي بينگالين جو نالو نيشان مٽائڻ لاءِ فوج پنهنجي پوري قوت سان ڪارروائي ڪري رهي آهي، جيئن ڪنهن دشمن ملڪ سان ڀرپور جنگ جوٽجي.

ڍاڪا ۾ شاگردن جي ڪن هاسٽلن کي، رات جي پيٽ ۾، بمن سان اُڏايو ويو آهي، جنهن ڪري ڪجھ شاگرد سُتي ئي موت جو شڪار ٿي ويا آهن. ڪيترن ئي پروفيسرن ۽ دانشورن کي ڳولي ڳولي اهل عيال سميت ڪٺو ويو آهي. ڪوڙ پاڙن، بستين ۽ ڳوٺن کي باهيون ڏيئي ختم ڪيو پيو وڃي، ۽ انهن ۾ رهندڙن مان ڪو ٻه سلامت ڪو نه ٿو بچي. هزارين لکين عورتن جي آبرو لٽي پئي وڃي. لکن جا دڪان، ملڪيتون ۽ مال متاع برباد ڪيا ۽ ڦريا پيا وڃن. ڏيهي پنهنجي ئي ڏيهه ۾ ڌاڙ ۽ ڌڪاءُ هو شڪار ٿي رهيا آهن. ماڻهو پنهنجن ئي ديس ۾ پنهنجا گهر ڇڏڻ تي مجبور آهن.

هيءَ فوج ٻه مسلمانن جي فوج آهي، جي بينگالي نه آهن.

فوج جي مدد لاءِ ٻيون ٻه ٽوليون ناهيون ويون آهن، جن کي الشمس ۽ البدر جا پاڪ عربي نالا ڏنا ويا آهن. انهن ۾ رضاڪار ڀرتي ڪيا ويا آهن. هنن کي فوجي هٿيار ڏنا ويا آهن ۽ هو ٻه هزارين بينگالي ٻارن، عورتن، ٻڍن ۽ ٻي هٿيارن کي قتل ڪري رهيا آهن.

اجهو هي هڪڙو رضاڪار ڏسو. هي لشڪر جي هڪڙي جٿي سان گڏ آهي. هو چوندي چوندي بينگالين جا گهر سپاهين کي ڏيکاري رهيو آهي. پوءِ سپاهي هن جي اشاري تي اهڙي گهر جو گهيرو ڪن ٿا، ۽ ٻارن ٻچن سميت انهن جو ڪوس ڪري ان گهر کي باهه ڏين ٿا. رضاڪار جي ڏسيل دڪانن کي باهه ڏين ٿا ۽ برباد ڪن ٿا.

اهو رضاڪار پنهنجي چاڙتن جي مدد سان ٻيوس بينگالي سهڻيون، ڪنواريون ۽ نوجوان نينگريون روز رات جو فوجي عملدارن جي عيش لاءِ انهن کي پهچائيندو هو. جنهن رات ٻيون عورتون نه ملي سگهنديون هئس، ته ان رات هيءُ رضاڪار پنهنجون ڀاڀيون ۽ مائٽياڻيون وڃي انهن آفيسرن وٽ پهچائي ايندو هو.

هي رضاڪار ساڳيو قدوس هو. هن جي قوم وارن، پنهنجي پناهه ڏيندڙن بينگالين جو ڪوس ڪرڻ ۾ فوج جو پورو پورو ساٿ ڏنو. هو فخر سان پنهنجي فوجي آقائن کي ٻڌائيندو هو ته مون پنهنجي هٿ سان ٻه سؤ بينگالي جهنم رسيد ڪيا آهن ۽ هنن جا سوين گهر ۽ هٿ ساڙيا اٿم.

پوءِ هندستان وچ ۾ ٽپي پيو. ظالم جي ذليل ترين هار ٿي، ۽ بينگالين آزاد ٿي پنهنجو آزاد بنگلاديش ٺاهيو.

(٧)

قدوس جهڙن ماڻهن لاءِ هاڻي ڀڄڻ ۽ لڪڻ جي جاءِ ڪا نہ رهي هئي. بينگالي انهن کي معاف ڪرڻ وارا نہ هئا، جن هنن سان غداري ۽ نمڪ حرامي ڪئي هئي، جي خوني ۽ سازشي هئا. تنهن هوندي بہ پنهنجي اڳواڻ جي چوڻ تي هو زهر جو ڍُڪ پي ويا، ۽ پنهنجي بدلي جي باهہ ٻاهر نڪرڻ نہ ڏنائون.

مگر بهاري شور مچائيندا رهيا، ۽ دنيا وارن تي اثر ويهارڻ جو جتن ڪرڻ لڳا تہ هو مظلوم آهن، ۽ هنن تي ظلم ٿي رهيو آهي، ۽ هنن جون حياتيون محفوظ نہ آهن.

ڪن بهارين پاڪستاني فوجي سپاهين کي پاڻ وٽ پناهہ ڏيئي لڪائي رکيو هو، ۽ پوءِ وجهہ ملڻ تي هي سپاهي وري بينگالين کي مارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا. قدوس بہ اهڙن شخصن مان هو، جن هيءَ شرارت ڪئي هئي.

ان تي بنگلاديش جي حڪومت گهرن جي تلاشي ورتي، اهڙن سپاهين کي پڪڙي ۽ هٿيار هٿ ڪري رهي هئي. ان ڪري وري بهارين واويلا مچائي هئي تہ اسان جو قتل عام ٿي رهيو آهي. جنهن تي ئي ريڊ ڪراس وارن جي هيءَ ٽولي جاچ ڪرڻ آئي هئي.

ڊاڪٽر ڏنو تہ بهارين جي دانهن ۾ رڳو وڏاءُ آهي. فقط پنهنجن ڪرتوتن ڪري ئي انهن مان ڪي ٻاهر ڪم ڪار تي وڃي نہ ٿي سگهيا ۽ بيروزگار هئا. عام قتل جا ڪٿي بہ اهڃاڻ ڪو نہ هئا.

ڊاڪٽر پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ هندستان ۽ پاڪستان جي ڪيترن ئي پرڳڻن ۾ سالن جا سال رهيو هو، ۽ اتي جي رهاڪن جي عادتن ۽ اخلاقن کان پليءَ پت واقف هو. هن هميشہ مسڪينن ۽ مظلومن جي خدمت ڪئي هئي.

هو بهار ۾ رهيو هو ۽ سنڌ ۾ بہ.

جڏهن بهارين جا اهي فرياد ۽ آزي نيزاري ٻڌي رهيو هو تہ هن کي ائين محسوس ٿي رهيو هو تہ هنن جي دانهن ۾ ڪا سچائي ڪانهي، ۽ هنن جون شڪايتون جڙتو ۽ بي بنياد آهن، هنن جي پنهنجي ضمير جون ڇهنڊڙيون آهن. هو ڪنهن جي مڪر جي ڄار ۾ ڦاسڻ کان مٿيرو هو.

هن قدوس ڏي مهڙ ڪري پڇيو، ”تنهنجو پنهنجو ٻار ٻچو يا ڪو ويجهو مائٽ بہ گذريل ڪجهہ ڏينهن ۾ قتل ٿيو آهي؟“

هن اوچتي سوال تي قدوس گهٻرائجي ويو، ۽ ڪوشش جي باوجود بہ ڪو ڪوڙ ٺاهي ڪو نہ سگهيو. چيائين، ”صاحب، پر منهنجي قوم جا ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن.“

هن ٻين ٻه ٻيڻلن مان ڪن ڪان اهڙا سوال پڇيا، پر انهن مان ڪنهن ٻه ائين ڪو نہ چيو تہ سندن ڪو رت جو رشتيدار تازو قتل ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر کي هنن جي منهن تي صدين جي مڪاري ۽ منافقت جا پاڇا نظر آيا.

جڏهن ٻهارين چيو تہ اسان کي اولهہ پاڪستان ۾ خاص ڪري سنڌ ڏانهن موڪلڻ جو انتظام ڪيو وڃي، تڏهن، هن محسوس ڪيو تہ هنن لچڻن واري قوم کي صلح پسند سنڌين مٿان مڙهڻ وڏي ۾ وڏي زيادتي ٿيندي، ۽ هن جي ضمير گوارا نہ ڪيو تہ هو پاڻ اهڙي گناهہ ۾ حصيدار ٿئي.

★

حيدرآباد، ٢٢– مارچ 1972ع
ماهنامہ سهڻي: آڪٽوبر 1972ع